ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اڱارو پهرين سيپٽمبر 2026ع 18 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (17)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 1st September 2026

پاڪ سعودي ترڪ دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب ۾ سيڪريٽريٽ قائم ڪرڻ تي اتفاق، سربراهي پاڪستان حوالي

استنبول ۾ پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي، دفاعي وزيرن ۽ هٿيارٻند فوجن جي سربراهن مڪ ڊفينس معاهدي تحت قائم اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي پهرئين اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

ٽنهي ملڪن خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ مڪي معاهدي جي فريم ورڪ تحت گڏيل ڪم جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. چڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ صبر کي هٿي ڏيڻ جي حمايت جاري رکڻ تي اتفاق

گڏيل قدر جو مقصد گڏيل ايڪي کي مضبوط، دفاعي صلاحيت کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ ۽ علائقائي امن جي ڪوشش ۾ ڪردار ادا ڪرڻ آهي. ان مقصد لاءِ سعودي عرب ۾ مستقل سيڪريٽريٽ قائم ڪيو ويندو

شروعاتي ٽن سالن لاءِ سيڪريٽري جنرل جو عهدو پاڪستان وٽ هوندو، ٽئي ملڪ دفاعي صنعت ۾ سهڪار، گڏيل ٽيڪنالاجي جي تياري ۽ پيداوار، ۽ گڏيل سرگرمين ذريعي پنهنجي دفاعي صلاحيتن ۽ فوجن ۾ رابطي کي وڌيڪ مضبوط ڪندا

مڪي دفاعي معاهدي تي اڳرائي ۽ منظر نموني عملدرآمد ذريعي پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي عرب خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا: اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي پهرئين اجلاس ۾ اتفاق

استنبول (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان، ترڪي جي شهر استنبول ۾ پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي، دفاعي وزيرن ۽ هٿيارٻند فوجن جي سربراهن مڪ ڊفينس معاهدي تحت قائم اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي پهرئين اجلاس ۾ شرڪت ڪئي اجلاس ڪانپوءِ جاري ڪيل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ تباهي آڻيندڙ ٻوڏ سبب فوتين جو انگ وڌي 903 ٿي ويو

متاثر علائقن ۾ مجموعي طور تي 20819 ريسڪيو اهلڪار متحرڪ

ڪٽمنڊو (اي پي پي) نيپال ۾ تباهي آڻيندڙ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت رٿ تي بحث، لاهور جا ڪاروباري ورهاڱي جو فيصلو نٿا ڪري سگهن: وڏو وزير

صوبي جي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ جو اختيار صرف سنڌ اسيمبلي جي چونڊيل ميمبرن وٽ آهي، اسيمبلي ماضي ۾ به ورهاڱي خلاف ڪيترائي ٺهراءَ منظور ڪري چڪي آهي

جيڪڏهن ڪنهن ۾ همت آهي ته سنڌ جي ورهاست جي حق ۾ ٺهراءُ آڻي ڏيکاري. جيستائين اسان مان هڪ به ميمبر زنده آهي، اسان جو صوبو ورهائجي نه سگهندو

سنڌ اسيمبلي فيصلو ڪندي ۽ بحث به هتي ئي ٿيندو ٽي وي يا جلسي ۾ سنڌ جي ورهاست جو فيصلو نٿو ٿي سگهي. ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ هميشه هڪ رهي آهي ۽ هڪ ئي رهندي

بلاول ڀٽو زرداري واضح ڪري چڪو آهي ته ماڻهن جي جيڪا مرضي هوندي، اسان اهو ئي ڪنداسين. ۽ ضرورت پئي ته سنڌ جي ورهاست خلاف ٻيهر ٺهراءُ منظور ڪنداسين: مراد علي شاهه

التوا واري رٿ ان لاءِ پيش ڪئي ته مان ڏسڻ چاهيان ٿو ته اهي ڪهڙا ماڻهو آهن. جيڪي ڌرتي ماءُ جا ٽڪرا ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسان جي جسم ۽ جان کي ورهائڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا: نثار کهڙو

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو/مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي ايوان مان انتهائي واضح لفظن ۾ چيو آهي ته سنڌ جي ورهاست جو فيصلو لاهور جا ڪجهه ڪاروباري ماڻهو نٿا ڪري سگهن صوبي جي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ جو اختيار صرف سنڌ اسيمبلي جي چونڊيل ميمبرن وٽ آهي سنڌ ڪڏهن به ورهائجي نه سگهندي ۽ سنڌ اسيمبلي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

هڪ وزير پاڪستان جو "گورباچوف" بڻجي ملڪ جا 30 ٽڪرا ڪرڻ چاهي ٿو: بلاول ڀٽو

پمز سانحي ۾ گادي واري شهر ۾ 14 ٻار فوت ٿيا، اهو وزير هڪ اسپتال به نٿو سنڀالي سگهي

پيپلز پارٽي سنڌ اسيمبلي نون صوبن واري معاملي تي جرئتمندانو موقف اختيار ڪري رهي آهي

منهنجي مڱڻي ۽ شادي بابت هلندڙ خبرن ۾ صداقت ناهي، اهڙو فيصلو ٿيو ته ان جو اعلان خاندان ڪندو

ڪراچي (هر د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي مڱڻي ۽ شادي بابت هلندڙ خبرن جي ترديد ڪندي چيو آهي ته سندس زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو فيصلو ٿيو ته ان جو اعلان سندس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنهن به صورت قبول ناهي: نثار کهڙو

سنڌ اسيمبلي ۾ تحريڪ التوا تي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي تجويزن تي سخت تنقيد

سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ ٻه پاڱي ٿي اڪثريت سنڌ کي هڪ رکڻ لاءِ موجود آهي: موقف

وفاق انتشار پکيڙڻ چاهي ٿو، سنڌ وحدت سان ڪنهن به قسم جي راند کيڏڻ قبول نه ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙي سنڌ اسيمبلي ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نون صوبن تي اسيمبلي ۾ بحث ايم ڪيو ايم جي سياسي فتح آهي: ڊپٽي پارلياماني ليڊر

پيپلز پارٽي ماضي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن تي ڳالهائڻ کي غير آئيني قرار ڏنو هو: طاحه احمد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم چيو آهي ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت اسيمبلي ۾ بحث جي موقف کي ايم ڪيو ايم پنهنجي وڏي سياسي ڪاميابي ۽ پنهنجي موقف جي فتح قرار ڏئي ٿي ايم

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ٿر ڪول ريلوي منصوبو ملڪي معيشت ۾ گيم چينجر ثابت ٿيندو: حنيف عباسي

ٿر ڪول مائنز کان ٻير چور تائين 105 ڪلوميٽر ڊگهي نئين ريلوي لائين وڇائي پئي وڃي

بن قاسم کان پورٽ قاسم تائين اٽڪل 9 ڪلوميٽر ڊگهي ڊبل ٽريڪ جي تعمير پڻ شامل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسيءَ سان فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن جي ڊائريڪٽر جنرل ميجر جنرل عبدالصمد پنهنجي ٽيم سان گڏ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٿر ڪول ريلوي ڪنيڪٽيويٽي منصوبي تي جاري تعميراتي ڪم اڳڀرائي ۽ ان جي وقت سر تڪميل جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ڊي جي ڊبليو ايف او

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ثالثي عدالت جو فيصلو پاڪستان جي قانوني ۽ سفارتي ڪاميابي آهي: مراد علي شاهه

ڀارت هڪ طرفي طور تي سنڌ طاس معاهدي ۾ ڪا به ڦيرڦار يا تبديلي نٿو ڪري سگهي

بين الاقوامي عدالت پاڪستان جي اصولي موقف کي مڃيندي اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي ثالثي عدالت جي تازي فيصلي کي پاڪستان جي هڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٻارن جي سوشل ميڊيا استعمال تي پابندي لاءِ قانون سازي جي درخواست

عدالت پاران آءِ ٽي، اطلاعات، گهرو ۽ قانون وزارتن سميت پي ٽي اي ۽ پيمرا کي نوٽيس جاري

سوشل ميڊيا اڪائونٽن لاءِ عمر جي تصديق ۽ سائبر بلينگ کان بچاءَ جو موثر نظام ٺاهڻ جي هدايت

اسلام آباد (هر د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ 16 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن پاران سوشل ميڊيا جي استعمال کي منظم ڪرڻ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ سعودي عرب جي سيڙپڪاري پائيدار اعتماد جو ثبوت آهي: خرم شهزاد

سعودي عرب جو گروپ پاڪستان کي هڪ بهترين سيڙپڪاري مرڪز طور ڏسي رهيو آهي

گروپ پاڪستان ۾ هوائي اڏن جي نجڪاري ۾ حصو وٺڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 1800 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ

في تولو سون 4 لک 66 هزار 136 رپين جو ٿي ويو

في تولو چانديءَ جي قيمت 67 روپين جي واڌ ڪانپوءِ 7179 رپيا رهيو

اسلام آباد- 31 آگسٽ (اي پي پي) سچي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

عالمي ثالثي عدالت پاران ڀارت کي سنڌ طاس معاهدي جي پاسداري ڪرڻ جو حڪم

ڀارت والاريل ڪشمير ۾ ٻن بجلي منصوبن تي ڪم سنڌ طاس معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن موجب محدود رکي: عدالت

سنڌ طاس معاهدو مڪمل طور تي لاڳو آهي ۽ ڀارت وٽ ان کي هڪ طرفي طور ختم يا معطل ڪرڻ جو ڪو قانوني جواز موجود ناهي

سنڌ طاس معاهدو ٻنهي ملڪن وچ ۾ هڪ پابند بين الاقوامي معاهدو آهي، جنهن تي ٻنهي ڌرين کي عمل ڪرڻ لازمي آهي

هيگ (هر د) هيگ جي ثالثي عدالت ڀارت کي پاڪستان سان ٿيل سنڌ طاس معاهدي جي پاسداري ڪرڻ جو حڪم ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ ٻن بجلي منصوبن تي ڪم سنڌ طاس معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن موجب

لارڪ بيٽ تي حملي ۾ شهيدن جو انگ 3 ٿي ويو، جواب ۾ ايران جا آمريڪي فوجي اڏن تي ميزائل حملا

حملي ۾ قشم ڪائونٽي جي گورنر سميت ٻن ڄڻن جي مارجي وڃڻ ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع

جوابي ڪارروائي ڪندي اردن ۽ گڏيل عرب امارتن ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻايو آهي: ايران جو موقف

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته ايراني فارس ۾ لارڪ بيٽ تي گذريل رات ٿيل آمريڪي حملي ۾ وڌيڪ هڪ زخمي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ شهيدن جو انگ 3

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر جو عيوضي نيئر بخاري ۽ مرتضيٰ سولنگي نيپال جي سفير سان ٻوڏ ۾ فوت ٿي ويلن جي لاءِ ڏک ونڊي رهيا آهن

آءِ ايس پي آر پاران پاڪستاني فنڪارن جي آواز ۾ پاڪ - ترڪ دوستي جو خاص نغمو جاري

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ فوج جي سڏسماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) پاڪستاني فنڪارن جي آواز ۾ پاڪ -

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان شهزادي قصي وحيد الدين جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

سنڌ ۾ تعليم، صحت، سماجي ڀلائي ۽ بين المذاهب هم آهنگي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بوهره برادري هميشه قومي يڪجهتي، رواداري ۽ عوامي ڀلائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان شهزاده قصي وحيد الدين جي وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ٿي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سيد نيئر حسين بخاري ۽ صدر جي ترجمان مرتضيٰ سولنگي جو اسلام آباد ۾ نيپال جي سفارتخاني جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري جي هدايت تي سينيٽ جي اڳوڻي چيئرمين سيد نيئر حسين بخاري ۽ صدر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي گورنر هائوس اڳيان جماعت اسلامي جو ڌرڻو جاري، هڙتال جو اعلان

مهانگائي ۽ پيٽروليم ليوي خلاف احتجاجي ڌرڻو 16هين ڏينهن به جاري رهيو

حڪمرانن جون عياشيون وڌي رهيون آهن، عوام مهانگائي جي چڪي ۾ پيڙهجي پيو: منعم ظفر خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر هائوس ٻاهران جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان چيو آهي ته پيٽروليم ليوي خلاف

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي مڪ گڏيل دفاعي معاهدي تحت قائم ڪيل اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي افتتاحي اجلاس ۾ شرڪت

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مڪ گڏيل دفاعي معاهدي تحت قائم ڪيل

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ڏاهو تي صحيحن ڪانپوءِ ڪاغذن جي ڏي وٺ ڪندي ڏسي رهيو آهي

بلوچستان ۾ فورسز جو آپريشن جاري، 2 دهشتگرد مارجي ويا

واشڪ پلانٽڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب انٽيليجنس ڪارروائي

مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ ڪيو ويو

راولپنڊي (اي پي پي) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن رد الفتنه الهندستان جي دهشتگردن جي خاتمي لاءِ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سيد علي شاهه گيلاني هڪ عظيم ڪشميري اڳواڻ هو: صدر آصف زرداري

سندس زندگي ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق جي پختي عزم سان عبارت هئي

سيد علي گيلاني جي ثابت قدمي ۽ اخلاقي جرئت ڪشميرين جي نسلن لاءِ مشعل راهه آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اڄ اسان سيد علي شاهه گيلاني جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

چين پاڪستان تعاون جي ايڪشن پلان تي عملدرآمد جو هڪ سال مڪمل

پاڪستان چين جي صلاحيت ۽ ٽيڪنالاجي مان فائدو کڻڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي: احسن اقبال

موسمياتي تبديلين کان بچڻ لاءِ چين جي تعاون سان گرين پاڪستان جا مختلف منصوبا شروع ڪيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال جي صدارت هيٺ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نون صوبن خلاف وڪيلن شهرين جي مشڪلاتن سبب ريلي ملتوي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيو سنڌ لائيرز ڪميٽي شهرين کي درپيش مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي نون صوبن جي قيام

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مختلف علائقن ۾ فائرنگ ۽ حادثن جا واقعا، 5 ڄڻا قتل، 5 زخمي

سچل جي غازي ڳوٺ، لانڍي ۽ شاهه لطيف ٽائون ۾ فائرنگ جا الڳ واقعا

بورڊ آفيس ڀرسان روڊ حادثي ۾ نوجوان فوت، علي ڳڙهه اسڪول ويجهو گهر مان لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 5 ڄڻا قتل ٿي ويا، جڏهن ته عورت سميت 5 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب سچل ٿاڻي جي حد غازي ڳوٺ جي ويجهو پڪوان سينٽر تي فائرنگ جي نتيجي ۾ 22 سالن جو شهباز ولد دلدار احمد قتل ٿي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ دوران عزير بلوچ جو زخمي ٿيل ڀاءُ اسپتال ۾ فوت

چاڪيواڙه جي علائقي ۾ هٿيارٻندن فائرنگ ۾ زبير بلوچ سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿيا هئا

زخمي زبير بلوچ ڪيترن ڏينهن تائين علاج هيٺ رهڻ بعد زخمن جا سور نه سهي سگهيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياري گينگ وار ڪمانڊر عزير بلوچ جو ڀاءُ زبير بلوچ اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو زبير بلوچ کي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ بابت درخواست تي فيصلو محفوظ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ بابت

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ تيز طوفاني برسات ڪانپوءِ رستي تي بيٺل پاڻي مان سواريون گذري رهيون آهن

ڊي اي پي ڀاڻ جي امڪاني مهانگائي، آبادگارن لاءِ سبسڊي تجويزن تي غور

سنڌ ڪابينا جي زرعي ذيلي ڪميٽي پاران ربيع سيزن 27 لاءِ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو

ڪسان ڪارڊ ذريعي آبادگارن کي رليف ڏيڻ ۽ شفاف سبسڊي پاليسي تي غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جي زراعت بابت ذيلي ڪميٽي جو اهم اجلاس صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش خان مهر جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزيرن جام خان شورو، سيد ذوالفقار علي شاهه، مخدوم محبوب الزمان، خاص مددگار راجوير سنگهه سوڍو، سيڪريٽري

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي منگهو پير ٽائون جي ڪرسچن ملازمن لاءِ زيارت مقدس مريم جي قرعه اندازي ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي سرپرستي هيٺ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حڪومت کي ڪراچي جي پراڻن مسئلن جي حل ۾ ڪا به دلچسپي ناهي: سردار عبدالرحيم

شهر ۾ امن امان، ڀتا خوري، ٽريفڪ، پاڻي، بجلي، صفائي، ٽٽل ڦٽل روڊن جا مسئلا آهن

ايندڙ وقت ۾ ڪرپٽ، نااهل ۽ عوام دشمن سياستدانن جو باب هميشه لاءِ بند ٿي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته ڪراچي ملڪ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي معاشي ترقي صنعتي علائقن جي ترقي سان ڳنڍيل آهي: مرتضيٰ وهاب

صنعتي علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري اسان جي ترجيح آهي

سنڌ حڪومت جي خصوصي گرانٽ سان سائيٽ جي علائقي ۾ ترقياتي ڪمن جي شروعات ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي جي معاشي ترقي صنعتي علائقن جي ترقي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وڏين سرڪاري اسپتالن ۾ فائر سيفٽي جا انتظام اڻپورا هجڻ جو انڪشاف

اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي ڪراچي ۽ سکر ۽ پي يو ايڇ ايم ايس جو فائر سيفٽي ڍانچو نامڪمل

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۽ گمبٽ جو فائر سيفٽي ڍانچو پڻ مڪمل ناهي: رپورٽ حڪومت وٽ جمع

جمع ڪرايل رپورٽ ۾ ڪيترن ئي وڏن طبي ادارن جو رڪارڊ فراهم نه ڪرڻ جو به ذڪر ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي 22 سرڪاري اسپتالن فائر سيفٽي بابت رپورٽ سنڌ حڪومت کي جمع ڪرائي ڇڏي آهي جڏهن ته رپورٽ ۾ ڪيترن ئي وڏن سرڪاري اسپتالن ۾ فائر سيفٽي جا انتظام

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ هڪ هئي، آهي ۽ هڪ رهندي، ورهاڱي جي ڳالهه ڪندڙ سامهون اچن: ناصر شاهه

اسيمبلي ۾ قرارداد آڻڻ جو مقصد اهو واضح ڪرڻ آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪير ڪري پيو

پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪرڻ جو ڪو به جواز ناهي ڇو ته ماڻهو پيپلز پارٽي سان پيار ڪن ٿا

سنڌ اسيمبلي 1948 ۾ به سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪيو هو ۽ هاڻ به ائين ڪندي: سعيده جاويد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد آڻڻ جو مقصد اهو واضح ڪرڻ آهي ته سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ڪير ڪري رهيو آهي پيپلز پارٽي جو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: برسات ڪانپوءِ جاڙي شهر جي روڊن ۽ انڊر پاسن ۾ پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

بشڪڪ: وزيراعظم شهباز شريف ايران جي صدر مسعود پزشڪيان سان ايس سي او ڪانفرنس کان اڳ ملاقات ڪري رهيو آهي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جو استنبول جو هڪ ڏينهن جو دورو مڪمل

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ۽ منشيات کان تنگ تاجڪستان به افغانستان سان پنهنجي عالمي سرحد بند ڪري ڇڏي

دوشنبي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان کانپوءِ تاجڪستان به افغانستان سان پنهنجي عالمي سرحد مڪمل طور بند

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

بشڪڪ: وزيراعظم شهباز شريف جو ڪزاخستان پهچڻ تي استقبال ڪيو پيو وڃي

ايران هاڻي ختم ويو آهي، قيادت ٻڏتر جو شڪار آهي: ٽرمپ

آمريڪا ايراني ڪارروائي جي جواب ۾ سخت قدم کڻندو: آمريڪي صدر

آمريڪي فوج گذريل رات هڪ ميزائل کي ائير ڊفينس سسٽم سان ڪيرائي ڏنو

ايران هاڻ هڪ ناڪام رياست بڻجي چڪو آهي، اهو ختم ٿي چڪو آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا اردن ۾ موجود پنهنجي فوجي اڏن تي ايراني حملن جو سخت جواب ڏيندو. پرڏيهي ميڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ٽرمپ چيو ته

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي ايران جي صدر سان ملاقات، پاڪ ايران ويجهن لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جو عزم

پاڪستان ۽ ايران ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي لاءِ ڪردار ادا ڪندا رهندا: وزيراعظم شهباز شريف

گڏيل تعاون جي سمورن شعبن ۾ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو

شاندار ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ٿيندڙ ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ ويجهي ۽ پراڻي لاڳاپن جو ورجاءُ

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو تهران جو تازو دورو ۽ سندس تعميري رابطن سان سٺي نتيجن جي اميد آهي: وزيراعظم شهباز شريف

بشڪيڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ ويجهي ۽ پراڻي لاڳاپن جو ورجاءُ ڪندي گڏيل تعاون جي سمورن شعبن ۾ ٻطرفي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پمز سانحي جي سمورن متاثر خاندانن لاءِ 50-50 لک روپين جي مالي امداد جو اعلان

جيڪر حڪومت جي وس ۾ آهي ان تحت متاثر خاندانن جي مدد ڪريون پيا: طارق فضل چوڌري

پمز جي ڊاڪٽرن نرسن ۽ ٻئي طبي عملي جي متاثرن کي علاج ۽ طبي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڀرپور خدمتون انجام ڏنيون آهن

جوڙيل ڪميٽي جي شروعاتي رپورٽ جي روشني ۾ ذميوار ڊاڪٽرن ۽ انتظامي آفيسرن خلاف ڪارروائي جي شروعات ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته وزيراعظم جي هدايت تي پمز سانحي ۾ فوت ٿي ويل سمورن متاثرن جي خاندانن لاءِ 50-50 لک روپين جي مالي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سان اٽلي جو سفير ايوان صدر ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي

بلوچستان ۾ پائيدار امن جي قيام تائين دهشتگرد ڌرين خلاف ڪارروايون جاري رهنديون: صوبائي وزير ظهور بليدي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰي خان آفريدي پاران بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ سهولت مرڪز جو افتتاح

ڪوئيٽا (اي پي پي) چيف جسٽس آف

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سکر-حيدرآباد موٽروي سنڌ لاءِ اهم منصوبو آهي، وفاقي حڪومت فوري ڌيان ڏئي: شرجيل ميمڻ

صوبي جي وڏن شهرن ۽ صنعتي ۽ واپاري مرڪزن جي وچ ۾ بهتر روڊ رابطو معاشي ترقي لاءِ اڻٽر آهي

موٽروي مڪمل ٿيڻ سان صوبي سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۽ علائقن جي وچ ۾ سفري رابطا بهتر ٿيندا

منصوبي بابت صرف اعلانن جي بدران واضح ۽ عملي اڳڀرائي ۽ هڪ واضح ٽائيم لائين ڏيڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي کان روهڙي تائين 480 ڪلوميٽر ريلوي ٽريڪ جي اپ گريڊيشن هڪ اهم

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس، حتمي ميڊيڪل رپورٽ ۾ آپگهات جا امڪان رد

قبرڪشائي بورڊ موجب گولي پٺيءَ پاسي کان لڳي، دل ۽ ڦڦڙ کي سخت نقصان پهتو

فرانزڪ جاچ ۾ شرٽ ۽ جسم مان گن شاٽ رزيڊيو جا آثار مليا آهن: رپورٽ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا جي قبر ڪشائي جي حتمي ميڊيڪل رپورٽ سامهون اچي وئي آهي، جنهن ۾ قبر

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

استنبول ۾ وفاقي وزير خواجه آصف سان ترڪ دفاعي وزير جي ملاقات، تعاون وڌائڻ تي اتفاق

مڪو ڪميٽي جي اجلاس کان اڳ ترڪي جي دفاع واري وزير ياسر گلر ملاقات ڪئي

ترڪي جي چيف آف جنرل اسٽاف جنرل سيلچڪ بيرڪتر اوغلو به اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

اسلام آباد (هر د) استنبول ۾ ٿيندڙ مڪو ڪميٽي جي اجلاس کان اڳ ترڪي جي دفاع واري وزير ياسر گلر دفاع واري وزير

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن سومر ڏينهن

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

استنبول: بچاءُ وارو وفاقي وزير خواجه آصف ترڪي جي وزير دفاع سان ملاقات ڪري رهيو آهي

غذائي جنسن جي ملڪي روانگي واپار ۾ 2.34 سيڪڙو جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) غذائي جنسن جي ملڪي روانگي واپار ۾ جولاءِ 2026ع دوران 2.34 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي پي

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اوگرا، ايل پي جي جي قيمتن ۾ اضافي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ايل پي جي سلنڊر جي نئين قيمت 3 هزار 52 رپيا 9 پئسا ٿي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) آئل اينڊ گئس

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمتن ۾ گذريل هفتي گهٽتائي ٿي: قومي شماريات ادارو

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ سيمينٽ جي ريٽيل قيمتن ۾ گذريل هفتي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي قومي شماريات واري اداري مطابق 27 آگسٽ تي ختم ٿيل

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسٽيل ٽائون ۾ مبينا پوليس مقابلو، هڪ جوابدار مارجي ويو

گلشن حديد فيز 3 جنگل ايريا ڀرسان پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو

مارجي ويل عبدالمجيد ولد ابراهيم جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي حد گلشن حديد فيز 3 جنگل ايريا جي ويجهو پوليس جي مبينا

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي شادي بابت سوشل ميڊيا ۾ هلندڙ خبرون ۽ افواهه درست ناهن

ملڪ جي صورتحال خراب آهي، پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) ۾ فاصلا وڌي ويا آهن: نواب مير منور ٽالپر

مسلم ليگ ن پ پ سان ڪيل ڪمٽمينٽ پوري نه ڪئي آهي، صدر آصف زرداري منع ڪيو آهي ته ڪو به ردعمل نه ڏنو وڃي

سنڌ جي خلاف هڪ مهم شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته پنجاب ۾ جيڪا ڪرپشن هلي پئي، ان تي ڪو ڌيان نه پيو ڏنو وڃي

ملڪ ۾ گئس ۽ بجلي جي کوٽ جي ناڪامي جي ذميواري وفاقي حڪومت تي لاڳو ٿئي ٿي، سنڌ حڪومت بنا فرق جي عوام جي خدمت ڪري پئي

نواب مير منور ٽالپر عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي کي لونگي جو تحفو ڏنو ۽ سندس صحافت ۾ ڪيل خدمتن جي واکاڻ ڪئي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پ پ جي مرڪزي اڳواڻ قومي اسيمبلي جي ميمبر نواب مير منور ٽالپر عبرت جي بيورو چيف سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي شادي جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: هڪ مداري ٻارن کي ٻاندر جو تماشو ڏيکاري رهيو آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

ٻوڏ سبب فوتين جو انگ وڌي 903 ٿي ويو آهي جڏهن ته گم ٿيل ماڻهن جو انگ 4247 تائين پهچي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا نيپال جي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي جي حوالي سان ٻڌايو ته 267 ماڻهو زخمي به ٿيا آهن. اٿارٽي ٻڌايو ته متاثر علائقن ۾ ريسڪيو ڪارروائين لاءِ مجموعي طور تي 20819 سيڪيورٽي اهلڪار متحرڪ آهن 26 آگسٽ 2026ع تي هماليه جي جابلو سلسلي ۾ گليشيئر ڦاٽڻ سبب ترشولي درياهه ۾ آيل خوفناڪ ٻوڏ سبب نيپال جا ضلعا ڌادنگ ۽ چتوان سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهن جن مان ڌادنگ کي نيپال جي حڪومت باقاعده طور آفت سٽيل قرار ڏنو آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

ماضي ۾ به صوبي جي ورهاست خلاف ڪيترائي ٺهراءَ منظور ڪري چڪي آهي هو سومر ڏينهن سنڌ اسيمبلي ۾ سينيٽر پارليامينٽيرين ۽ پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙي طرفان سنڌ جي ورهاست خلاف پيش ڪيل التوا واري رٽ تي بحث جي شروعات دوران خطاب ڪري رهيو هو. سنڌ اسيمبلي جمعي ڏينهن پنهنجي اجلاس ۾ نثار احمد کهڙي جي رٽ کي بحث لاءِ منظور ڪيو هو امڪان آهي ته هن اهم رٽ تي ايوان ۾ گرما گرم بحث جاري رهندو ۽ حساس موضوع هجڻ سبب سنڌ اسيمبلي جو موجوده اجلاس ڪافي هنگامه خيز پڻ ٿي سگهي ٿو سومر ڏينهن سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ لڳ ڀڳ ٻن ڪلاڪن جي دير سان شروع ٿيو ايوان جي ڪارروائي کان اڳ حڪومت ۽ اپوزيشن جي ميمبرن پنهنجا الڳ الڳ پارلياماني اجلاس منعقد ڪري موجوده اجلاس بابت پنهنجي حڪمت عملي طئي ڪئي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جذباتي انداز ۾ خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اسيمبلي 1948ع، 2000ع، 2014ع، 2019ع ۽ 2026ع ۾ سنڌ جي ورهاست خلاف ٺهراءُ منظور ڪري چڪي آهي جيڪڏهن ڪنهن ۾ همت آهي ته سنڌ جي ورهاست جي حق ۾ ٺهراءُ آڻي ڏيکاري هن چيو ته جيستائين اسان مان هڪ به ميمبر زنده آهي اسان جو صوبو ورهائجي نه سگهندو سنڌ اسيمبلي فيصلو ڪندي ۽ بحث به هتي ٿيندو ٽي وي يا جلسي ۾ سنڌ جي ورهاست جو فيصلو نٿو ٿي سگهي مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن کي چيو ته اهو انتهائي اهم معاملو آهي تنهن ڪري سڀني کي ان تي ڳالهائڻ گهرجي هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري واضح ڪري چڪو آهي ته ماڻهن جي جيڪا مرضي هوندي، اسان اهو ئي ڪنداسين. وڏي وزير چيو ته ايوان ۾ بحث ٿيڻ گهرجي ۽ ضرورت پئي ته سنڌ جي ورهاست خلاف ٻيهر ٺهراءُ منظور ڪنداسين هن چيو ته اڳوڻي ٺهراءَ تي سنڌ جي ورهاست جي حق ۾ ڪجهه ماڻهن به ڳالهايو هو پر انهن کي ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ هميشه هڪ رهي آهي ۽ هڪ ئي رهندي. وڏي وزير چيو ته عدالت، جلسي يا ٽي وي تي سيمينار ذريعي سنڌ جي ورهاست جو فيصلو نٿو ٿي سگهي. اسان کي ڪنهن عدالتي فيصلي تي اعتراض ناهي ۾ صوبي جي ورهاست جو فيصلو سنڌ اسيمبلي ڪندي، چاڪاڻ ته هن معاملي تي بحث جي اصل جاءِ سنڌ اسيمبلي آهي مراد علي شاهه چيو ته سنڌ صدين کان قائم آهي ۽ سنڌ جي عوام ان کي ٻيهر متحد ڪيو هن چيو ته سنڌ جي ورهاست بابت اٿندڙ سمورين آوازن جو جواب سنڌ اسيمبلي ڏيندي آئين موجب رياست جا اختيار عوام جي چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ٿيندا آهن هن چيو ته سنڌ جي ورهاست جي معاملي تي جيڪڏهن ضرورت پئي ته ٻيهر ٺهراءُ منظور ڪرايو ويندو جڏهن ته ٻنهي ڌرين جا موقف اسيمبلي ۾ ٻڌڻ گهرجن ۽ بحث کي درست نتيجي تائين پهچايو ويندو ان موقعي تي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ميمبرن کي چيو ته جيترو بحث ڪرڻو آهي، ڪن پر هي صوبو هميشه هڪ رهندو اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جو معمول جو ڪاروبار معطل ڪري التوا واري رٽ تي بحث شروع ڪرايو التوا واري رٽ جي محرڪ نثار احمد کهڙي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته مون اها التوا واري رٽ ان لاءِ پيش ڪئي آهي ته ٻاهر ٿيندڙ تقريرن کي روڪي نه سگهيس، تنهن هوندي به سنڌ جي عوام پنهنجو ردعمل ڏئي ڇڏيو آهي هن چيو ته مان ڏسڻ چاهيان ٿو ته اهي ڪهڙا ماڻهو آهن جيڪي ڌرتي ماءُ جا ٽڪرا ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسان جي جسم ۽ جان کي ورهائڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا نثار احمد کهڙي چيو ته اسان سنڌ کي پاڪستان جي ماءُ جو درجو ڏيون ٿا هن چيو ته وفاق مان اڄڪلهه هڪ آواز آيو ته نوان صوبا نه ٺاهيا ويا ته ڪم نه هلندو جڏهن ته هڪ وفاقي وزير به چيو ته صوبا ٺاهڻا پوندا هن چيو ته اها وڏي حيرت جي ڳالهه آهي ته اسلام آباد ۾ ڪاروباري ماڻهن جي ڪانفرنس دوران صوبن بابت بحث شروع ڪيو ويو نثار کهڙي چيو ته سنڌ ۽ هند کي انڊس سولائيزيشن جي نالي سان سڃاتو ويندو هو بعد ۾ بمبئي پريزيڊنسي سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ اسان بمبئي پريزيڊنسي کان آزادي حاصل ڪئي هن چيو ته سنڌ جي اجرڪ پنج هزار سال پراڻي نشاني آهي بمبئي پريزيڊنسي کان سنڌ جي آزادي پاڪستان ٺاهڻ جي بنياد بڻي ۽ اڳهين ئي اسيمبلي مان پاڪستان جي حق ۾ قرارداد منظور ڪئي وئي هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ملڪ ٺهي ويو پر سنڌ تي حملا بند نه ٿيا صوبن جي حيثيت ختم ڪري ون يونٽ قائم ڪيو ويو هن چيو ته مان پنهنجي چاچي جو نالو وٺي رهيو آهيان جنهن ون يونٽ جي حمايت ڪئي هئي. هاڻي ٻيهر سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ۽ 1950ع واري ڏهاڪي ۾ جيڪا غليظ حرڪت ڪئي وئي هئي، سا ٻيهر ورجائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. نثار احمد کهڙي سوال ڪيو ته جن وٽ ووٽ ناهي اهي اهڙيون ڳالهيون ڇو ڪري رهيا آهن؟ هن ايم ڪيو ايم جو نالو وٺڻ کانسواءِ چيو ته پنهنجا اختلاف لڪائڻ لاءِ سنڌ جي ورهاست جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي ۽ افسوس جي ڳالهه آهي ته ان حوالي سان پاڪ فوج جو نالو پڻ استعمال ڪيو ويو. هن چيو ته ڪجهه ماڻهو چاهين ٿا ته سنڌ به بلوچستان بڻجي وڃي، پر اسان سنڌ جي حفاظت چاهيون ٿا. نثار کهڙي چيو ته اسان وٽ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت موجود آهي ۽ سنڌ بابت فيصلو به اها ئي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت ڪندي سنڌ هڪ آهي ۽ سنڌ کي هڪ ئي رهڻو آهي التوا واري رٽ تي بحث ۾ ايم ڪيو ايم جي ميمبر ريحان اڪرم چيو ته 1973ع جي آئين ۾ نون صوبن جي قيام جو طريقيڪار ڏنو ويو آهي ڪراچي لاءِ نوان انتظامي ضلعا ٺاهيا ويا، پر ضلعن جي ٺهڻ سان ڪراچي ورهائجي نه وئي ته پوءِ انتظامي يونٽ ٺاهڻ سان سنڌ ڪيئن ورهائجي ويندي؟ هن ياد ڏياريو ته ٽالپر حڪمرانن سنڌ ۾ رياستون قائم ڪيون هيون ۽ انگريزن جي دور تائين خيرپور رياست موجود رهي هن چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، انتظامي يونٽ ٺاهڻ سان سنڌ ورهائجي نه سگهندي پيپلز پارٽي جي راجا رزاق بلوچ چيو ته ڪيس سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي هن چيو ته اسان جي تباهي ۽ تنزلي اهڙن دانشورن جي ڪري ٿي آهي انتظامي يونٽن جي نالي تي اسان کي گمراهه ڪيو پيو وڃي هن چيو ته جيستائين سنڌ جو هڪ به حلالي فرزند موجود آهي، سنڌ ورهائجي نه سگهندي. قائداعظم سنڌي هو ۽ جي ايم سيد به سنڌي هو سنڌين پاڪستان ٺاهيو هو تنهن ڪري سنڌ جي ورهاست تي ڪا به مصلحت نه ڪئي ويندي ۽ سنڌ جي وسيلن تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏنو ويندو ايم ڪيو ايم جي ميمبر شارق جمال چيو ته سنڌ منهنجي ڌرتي ۽ پاڪستان منهنجو ملڪ آهي هن چيو ته منهنجي ڌرتي ماءُ کي بهترين نظام ڏيڻ لاءِ ملڪ کي انتظامي طور ننڍن صوبن ۾ ورهايو وڃي هن سوال ڪيو ته جڏهن سنڌ ۾ شهر ضلعا ۽ ڊويزن ٿي سگهن ٿا ته انتظامي يونٽ ڇو نٿا ٿي سگهن؟ هن چيو ته جيڪڏهن انتظامي يونٽن جي ڳالهه غلط آهي ته هن اسيمبلي ۾ قرارداد ڇو نه آندي وئي؟ شارق جمال چيو ته نون صوبن جي ڳالهه ايم ڪيو ايم نه پر ملڪ جي گهرو وزير محسن نقوي ڪئي آهي تنهن ڪري پيپلز پارٽي کي ان جي مخالفت ڪرڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي بهتر حڪمراني گهرجي ۽ انتظامي يونٽ ٺاهڻ کان روڪڻ لاءِ ڪهڙو دليل آهي؟ايم ڪيو ايم جي ميمبر عادل عسڪري چيو ته بار بار قرارداد آڻي سنڌ جي ورهاست جي ڳالهه ڇو ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته پيپلز پارٽي وارا پنهنجي گورننس کي بهتر نٿا ڪن هن چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ 60 ۽ 40 سيڪڙو وارو ڪوٽا ذوالفقار علي ڀٽو مقرر ڪيو هو هن چيو ته اسان سنڌ جي وحدت تي ڪا به آنچ اچڻ نه ڏينداسين. مان سنڌ جو پٽ آهيان ۽ سنڌ جي بيوروڪريسي سياست زده ٿي چڪي آهي عادل عسڪري سوال ڪيو ته اسيمبلي ۾ سنڌو ديش خلاف قرارداد ڇو نٿي آندي وڃي؟ ڇا اوهان سنڌو ديش خلاف قرارداد آڻيندا؟ هن چيو ته سنڌ سائوٿ ۽ سنڌ ويسٽ جهڙا انتظامي يونٽ ٺهي سگهن ٿا. هن مطالبو ڪيو ته آدمشماري فوج جي نگراني ۾ ڪرائي وڃي ته جيئن حقيقتون کير جو کير ۽ پاڻي جو پاڻي ٿي سامهون اچي وڃن ايم ڪيو ايم جي ميمبر عامر صديقي چيو ته اسان به سنڌ جا پٽ آهيون ۽ سنڌ اسان جي ماءُ آهي. ڪو به سنڌ کي ورهائڻ نٿو چاهي پر اوهان سنڌ جا مسئلا حل نه ڪيا آهن ۽ پاپولر ووٽ جي پويان لڪي رهيا آهيو. هن چيو ته اسان ڪراچي کي سنڌ جي ماءُ سمجهون ٿا. پر ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ته اوهان ماڻهن پاڻ ڪيو آهي پيپلز پارٽي جي فياض ٻٽ چيو ته سنڌ جو ڪو به پٽ يا ڌيءَ سنڌ کي ورهائڻ نه ڏيندو پنهنجي ڌرتي سان محبت سچي مومن جي نشاني آهي پيپلز پارٽي جي ڊاڪٽر سڪندر شورو چيو ته جيستائين رت جو آخري قطرو موجود آهي، سنڌ جي حفاظت ڪندا رهنداسين هن چيو ته سنڌ جو ٻچو ٻچو چوي ٿو ته سنڌ جي ورهاست جي سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو ايوان ۾ بحث جاري هو ته اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اڱاري ڏينهن منجهند جو 2 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 3 روزاني عبرت

تمام وڏي قانوني ۽ سفارتي ڪاميابي قرار ڏنو آهي پنهنجي هڪ خاص بيان ۾ هن چيو ته بين الاقوامي عدالت پاڪستان جي اصولي موقف کي مڃيندي اهو واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڀارت هڪطرفي طور تي سنڌ طاس معاهدي ۾ ڪا به ڦيرڦار يا تبديلي نٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي ان تان هٿ کڻي سگهي ٿو اهو معاهدو ٻنهي ملڪن تي هڪجهڙو لازم آهي وڏي وزير چيو ته مودي سرڪار پاران معاهدي کي بي اثر ڪرڻ ۽ خودمختاري جي نالي تي عالمي عدالت ۾ ڏنل ڀارتي دليل بري طرح ناڪام ويا آهن عالمي عدالت رٽلي پن بجلي منصوبي تي پاڪستان جي عبوري اعتراضن جي تائيد ڪندي ان جي مخصوص تڪراري اڏاوتن تي پابنديون لڳايون آهن جيڪا بين الاقوامي قانونن ۽ عالمي معاهدن جي پاسداري جي وڏي جيت آهي. ان فيصلي سان ڀارتي هٺ ڌرمي کي عالمي سطح تي سخت قانوني ڌڪ لڳو آهي ۽ پاڪستان جو موقف وڌيڪ سگهارو ٿي سامهون آيو آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ جي عوام جي پاڻي جي حقن جي رکيا (تحفظ) اسان جي پهرين ترجيح آهي ۽ پاڪستان پنهنجن درياهن تي ڪا به غيرقانوني اڏاوت يا پاڻي جي چوري ڪڏهن به برداشت نه ڪندو هن عالمي برادري تي به زور ڀريو ته اها ڀارت کي ان تاريخي معاهدي جي مڪمل پاسداري جو پابند بڻائي

بقايا 4 روزاني عبرت

جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ آءِ ٽي وزارت، اطلاعات وزارت، گهرو وزارت، قانون وزارت، پي ٽي اي ۽ پيمرا کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪيو چيف جسٽس سرفراز ڊوگر قانون سازي جي هدايتن بابت درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. شهري وقاص ناصر جي وڪيلن محمد جلال حيدر ۽ يحييٰ فريد خواجه عدالت ۾ هڪ درخواست پيش ڪئي جنهن ۾ 16 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن جي سوشل ميڊيا اڪائونٽس لاءِ عمر جي ائرائٽي تصديق جي درخواست ڪئي وئي هڪ نظام ٺاهڻ جي درخواست ٻارن کي سوشل ميڊيا، سائبر بلينگ، آن لائن هراسان ڪرڻ ۽ نقصانڪار مواد جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ لاءِ قانون سازي ڪرڻ جي درخواست ٻارن جي آن لائن تحفظ لاءِ هڪ جامع قانوني ۽ ريگيوليٽري فريم ورڪ ٺاهڻ جي درخواست مختلف ملڪن جي قانون سازي کي ٻارن جي ڊجيٽل تحفظ لاءِ هڪ بين الاقوامي رجحان قرار ڏنو ويو وڪيل جلال حيدر ٻارن جي بهترين مفادن جو تحفظ رياست جي آئيني ۽ قانوني ذميواري آهي، وڪيل جلال حيدر درخواست ۾ ٻارن جي آن لائن تحفظ لاءِ هڪ خاص سوشل ميڊيا تحفظ ۽ ريگيوليٽري ميڪانيزم قائم ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي دنيا جا مختلف ملڪ ٻارن جي سوشل ميڊيا جي استعمال کي عمر جي حد ۽ حفاظتي قدمن سان مشروط ڪري رهيا آهن پاڪستان ۾ به ائرائٽي قانون سازي ڪئي وڃي وڪيل جي درخواست ڇا پيمرا ۾ ان بابت ڪو قانون آهي عدالت پڇا ڳاڇا ڪري ٿي ته پيمرا وٽ ڪنهن جي خلاف شڪايت تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪو قانون آهي وڪيل جلال حيدر ڇا هن حوالي سان اڃا تائين ڪو قانون ناهيو ويو آهي عدالت پڇا ڳاڇا ڪري ٿي ته هن حوالي سان اڃا تائين ڪو قانون ناهي ناهيو ويو وڪيل جلال حيدر عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري جواب طلب ڪيس عدالت قانون آفيسر کان پڇيو آهي عدالت عدالت کي هدايت ڪئي ته ان تي عمل درآمد ڪري نوٽيس ڏنا ۽ ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي

بقايا 5 روزاني عبرت

خاندان ڪندو پنهنجي ويڊيو بيان ۾ بلاول ڀٽو چيو ته سوشل ميڊيا سنڌس رشتو، مڱڻو ۽ شادي به ڪرائي ڇڏي آهي پر اهڙو ڪجهه به ناهي ٿيو نه ئي هو ڪنهن "شهزادي گلوريا" کي سڃاڻي ٿو هن چيو ته سوشل ميڊيا تي هلندڙ اهو تماشو اصل مسئلن تان عوام جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته پمز سانحي ۾ پاڪستان جي گادي واري شهر ۾ 14 ٻار فوت ٿيا جڏهن ته هڪ وزير جيڪو پاڪستان جو "گورباچوف" بڻجڻ چاهي ٿو اهو ملڪ جا 30 ٽڪرا ڪرڻ چاهي ٿو هن چيو ته اهو وزير هڪ اسپتال سنڀالي نٿو سگهي ۽ لاهور جي واپارين کي چئي رهيو آهي ته صوبا ٺاهيو ۽ هلايو پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته اهو وزير اهڙي وقت ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهي، جڏهن سنڌ اسيمبلي هن معاملي تي جرئتمندانو موقف اختيار ڪري رهي آهي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن کان خبرون گردش ڪري رهيون هيون ته بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري، بلاول جي امڪاني مڱڻي جي سلسلي ۾ آسٽريا جي هڪ خاندان سان ڳالهين لاءِ ويانا ۾ موجود آهن وائرل خبرن ۾ بلاول ڀٽو جي امڪاني ڪنوار کي آسٽريا جي اڳوڻي شاهي خاندان "هائوس آف هيبسبرگ-لورين" سان جوڙيو ويو هو جڏهن ته ڪجهه رپورٽن ۾ کيس آسٽريا جي آخري شهنشاهه ڪارل اول جي ڪٽنب سان واڳيل قرار ڏنو ويو هو

بقايا 6 روزاني عبرت

تحريڪ التوا تي خطاب ڪندي چيو آهي ته چيو پيو وڃي ته سنڌ جا ٽڪرا ڪريو ۽ نوان صوبا ٺاهيو جيڪي ماڻهو اهڙو مطالبو ڪري رهيا آهن اهي غليظ حرڪت ڪري رهيا آهن نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جون ڳالهيون نه ملڪ جي مفاد ۾ آهن ۽ نه ئي عوام جي مفاد ۾ آهن. نثار احمد کهڙي چيو ته جيڪي ماڻهو نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جو مطالبو ڪري رهيا آهن اهي هڪ اسپتال نٿا سنڀالي سگهن ته پوءِ صوبا ڇا سنڀاليندا. هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي خلاف پنج ڀيرا قراردادون منظور ٿي چڪيون آهن ۽ تحريڪ التوا ان لاءِ پيش ڪئي وئي آهي ته ڏسڻ چاهيون ٿا ته ڪير سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ چاهي ٿو نثار کهڙي چيو ته پيپلز پارٽي وٽ ايوان ۾ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت موجود آهي ۽ اڪثريت سان اها قرارداد منظور ڪئي ويندي ته سنڌ کي نه نئون صوبو گهرجي ۽ نه انتظامي يونٽ، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي هن چيو ته سنڌ جا ٽڪرا ڪرڻ جي ڪوشش اسان کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. آئين تحت صوبائي اسيمبلي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت سان صوبي جي حدن ۾ تبديلي جي منظوري ڏئي سگهي ٿي پر هتي اڪثريت صوبي جي حدن ۾ تبديلي جي خلاف آهي نثار کهڙي چيو ته نوان صوبا ٺاهڻ ۽ سنڌ جي ورهاڱي جو مطالبو ڪندڙن وٽ ايوان ۾ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت موجود ناهي صوبائي اسيمبلي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت سان قرارداد منظور ڪندي ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي. هن چيو ته سنڌ ۾ قائم صنعتون، بندرگاهه ۽ وسيلا سنڌ جي ملڪيت آهن پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر چيو ته وفاقي وزيرن طرفان آوازون اچي رهيون آهن ته سسٽم ريهي ويو آهي تنهنڪري نوان صوبا ۽ انتظامي يونٽ ٺاهيا وڃن هن الزام لڳايو ته وفاق چاڪي واڙي انتشار جو ماحول پيدا ڪري رهيو آهي نثار کهڙي چيو ته هي اجلاس تاريخي اجلاس آهي. ان ۾ جيڪو به ميمبر اهو ڳالهائيندو سنڌ کي هڪ رکڻ لاءِ اسان کي ڳالهائڻو پوندو جڏهن ته پاڻ ۾ هم آهنگي برقرار رهي ته بهتر آهي فضول ڳالهين مان ڪجهه حاصل نه ٿيندو هن چيو ته جيڪي ماڻهو نئين صوبي جو مطالبو ڪري رهيا آهن ٻن سالن کانپوءِ چونڊون آهن. اهي پنهنجي طاقت آزمائي وٺن کين عوام جي طاقت جو اندازو ٿي ويندو نثار کهڙي چيو ته منهنجي چاچي ون يونٽ قائم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سنڌ جي تاريخي حيثيت کي ختم ڪيو ۽ وڏي جدوجهد ڪانپوءِ ون يونٽ ٽوڙيو ويو هن چيو ته جيڪي ماڻهو انتظامي يونٽ ٺاهڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن انهن کي خبر هجڻ گهرجي ته سنڌ ۾ ڊويزن جي صورت ۾ انتظامي يونٽ اڳ ئي موجود آهن نثار کهڙي مثال ڏيندي چيو ته آمريڪا جي ڪيليفورنيا رياست هڪ سٺو ملڪن کان وڏي آهي جڏهن ڪيليفورنيا هڪ رياست رهي سگهي ٿي ته سنڌ به هڪ صوبو رهي سگهي ٿي هن چيو ته ايوب خان جي دور ۾ بنيادي جمهوريت (بيسڪ ڊيموڪريسي) جي نالي تي عوام جي ووٽ جي اهميت ختم ڪئي وئي مختلف آمرن جي دور ۾ عوام جي ووٽ ۽ جمهوري عمل کي نقصان پهچايو ويو نثار کهڙي چيو ته ضياءالحق جي دور ۾ ووٽ کي غير اسلامي قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ غير جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرايون ويون جنهن ڪانپوءِ هڪ جماعت جوڙي وئي هن چيو ته 58 ٽو بي ذريعي عوام جي چونڊيل نمائندن جون حڪومتون ختم ڪيون وينديون رهيون ڪڏهن 18 مهينن، ڪڏهن ٻن سالن ۽ ڪڏهن ٽن سالن ڪانپوءِ حڪومتون ختم ٿينديون رهيون نثار کهڙي چيو ته 58 ٽو بي ختم ڪري جمهوريت ۽ سياست کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر بعد ۾ ٻيهر 58 ٽو بي لاڳو ڪري سياسي عمل کي نقصان پهچايو ويو هن چيو ته هڪ دور ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين بدران رڳو لوڪل باڊي سسٽم جي ڳالهه ڪئي وئي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر چيو ته گذريل 50 سالن کان راند کيڏي پئي وڃي ڇا توهان چاهيو ٿا ته بلوچستان وانگر سنڌ به افراتفري جو شڪار رهي؟ سنڌ جي عوام ۽ سنڌ جي وحدت سان ڪنهن به قسم جي راند کيڏڻ قبول نه ڪئي ويندي

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪيو ايم جي ڊپٽي پارلياماني ليڊر طحہٰ احمد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ماضي ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ڳالهه ٻولهه کي غير قانوني ۽ غير آئيني قرار ڏيندي رهي آهي هن چيو ته ماضي ۾ مخالفت ڪرڻ باوجود اڄ پيپلز پارٽي پاڻ اسيمبلي جي ميمبرن کي هن معاملي تي بحث ۽ مباحثي جي دعوت ڏئي رهي آهي. طحہٰ احمد چيو ته اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري جي دور ۾ هن موضوع تي ڳالهائڻ تي پيپلز پارٽي سخت اعتراض اٿاريا هئا ايم ڪيو ايم جي ڊپٽي پارلياماني ليڊر چيو ته اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم وٽ ايترا انگ ۽ پوزيشن موجود نه آهي جو هوءَ پاڻ التوا واري رٽ يا قرارداد پيش ڪري سگهي هن چيو ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جو مطالبو ايم ڪيو ايم جي منشور جو حصو رهيو آهي پر جيڪو ڪم اسان نه ڪري سگهياسين اهو ڪم اڄ پاڪستان پيپلز پارٽي پاڻ ڪري ڏيکاريو آهي طحہٰ احمد چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صوبائي صدر نثار احمد کهڙي جا ٿورائتا آهيون جنهن التوا واري رٽ پيش ڪري ايوان ۾ هن اهم معاملي تي بحث جو موقعو فراهم ڪيو هن چيو ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث کي ايوان ۾ آڻڻ ايم ڪيو ايم جي پراڻي سياسي موقف جي اهميت کي به ظاهر ڪري ٿو

بقايا 8 روزاني عبرت

ٿي ويو آهي. ان کان اڳ قشم ڪائونٽي جي گورنر جنهن جي انتظامي دائري ۾ لارڪ ٻيٽ پڻ شامل آهي ٻن ڄڻن جي مارجي وڃڻ ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جو اطلاع ڏنو هو پاسداران انقلاب پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو هو ته لارڪ ٻيٽ تي آمريڪي حملي جي نتيجي ۾ "ڪيترائي ويڙهاڪ ۽ شهري شهيد يا زخمي ٿيا آهن" آمريڪا آچر جي شام اعلان ڪيو هو ته هن لارڪ ٻيٽ تي ايراني بارودي سرنگون وڇائڻ وارن ٻن نظامن کي نشانو بڻايو آهي ٻئي پاسي ايران جو چوڻ آهي ته هن جوابي ڪارروائي ڪندي اردن ۽ گڏيل عرب امارتن ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻايو آهي. لارڪ ٻيٽ تي آمريڪي ڪارروائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن خليج فارس ۾ لڳ ڀڳ هڪ مهيني کان ٻنهي ملڪن وچ ۾ سڌين حملن ۾ وقفو آيل هو

بقايا 9 روزاني عبرت

ترڪ دوستي جو خاص نغمو جاري ڪري ڇڏيو آهي آءِ ايس پي آر ترڪيه جي 104هين يوم فتح تي منفرد نغمو "دو دل، ايڪ جان" جاري ڪري ڇڏيو آهي نغمي ۾ پاڪستاني فنڪارن اردو ۽ ترڪ ٻولين ۾ آواز جا جادو ڏيکاريندي پاڪ - ترڪ تاريخي ڀائيچاري لاڳاپن جي عڪاسي ڪئي آهي نغمي جي موسيقي علي مصطفيٰ تيار ڪئي آهي جڏهن ته ڪمپوزيشن ڪامران الله خان ۽ سامعه گوهر ڪئي آهي ان خوبصورت نغمي جي عڪاسي عثمان رئيس ۽ ڊاڪٽر مبشره حفيظ ڪئي آهي نغمي جي منفرد خصوصيت اها آهي ته اردو ۽ ترڪ ٻولين روايتي سازن تي ٻڌل ان جي سموري ڳائڪي ۽ فنڪار به پاڪستاني آهن ترڪ ٻولي ۾ پيش ڪيل نغمي ۾ پاڪ - ترڪ دوستي گڏيل ثقافت ۽ گڏيل محبت جو اظهار به ڪيو ويو آهي نغمي ۾ رباب، باقلاما ۽ داربوڪا جي ڌُن سان پاڪ - ترڪ دوستي جي خوبصورت تصوير پيش ڪئي وئي آهي اردو ۽ ترڪ ٻولين جي حسين ميلاپ تي ٻڌل نغمي ۾ پاڪستان ۽ ترڪيه جي گڏيل قدرن کي ڀرپور طور اجاگر ڪيو ويو آهي. نغمي ۾ پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ لازوال دوستي، ڀائيچاري ۽ محبت جي خوبصورت عڪاسي ڪئي وئي آهي نغمو ريليز ٿيڻ کان پوءِ ان کي ترڪيه جي اهم ڊجيٽل ۽ سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي ڀرپور موٽ ملي رهي آهي ترڪيه جي مشهور نشرياتي اداري ٽي آر ٽي نيٽ ورڪ سوشل ميڊيا تي نغمو اپ لوڊ ڪري ٻنهي ملڪن جي ثقافتي لاڳاپن کي اجاگر ڪيو ترڪيه جي مشهور خبررسان اداري مختلف ٻولين جي ڊجيٽل پليٽ فارمز تي نغمي جي ثقافتي پيشڪش جي ساراهه ڪئي آهي مشهور ترڪ اخبارن شفق ۽ صباح جي ڊجيٽل پليٽ فارمز ويڊيو کي نمايان ڪندي پاڪ-ترڪ ثقافتي ڳانڍاپي کي اجاگر ڪيو آهي. يوٽيوب، ايڪس، انسٽاگرام ۽ ٽڪ ٽاڪ تي نغمي جون مختصر ڪليپس خاص ڪري پاڪ - ترڪ روايتي سازن جي ميلاپ کي نمايان موٽ ملي آهي "دو دل ايڪ جان" جي خوبصورت پيشڪش پاڪستان ۽ ترڪيه جي مضبوط عوامي ثقافتي ۽ ڀائيراڻي رشتي کي ظاهر ڪري ٿي

بقايا 10 روزاني عبرت

جنهن دوران سنڌ ۾ تعليم، صحت، سماجي ڀلائي ۽ بين المذاهب هم آهنگي سميت گڏيل دلچسپي جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزيراعليٰ سنڌ جي ترجمان موجب شهزاده قصي وجيه الدين روحاني پيشوا حضرت ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين جا ننڍا ڀاءُ آهن ملاقات ۾ شهزاده قصي وجيه الدين جا فرزند العقمر ڀائي صاحب ۽ آدم ڀائي صاحب پڻ موجود هئا. ملاقات دوران بوهره برادري سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر يوسف، ڪميل يونس، حسين ڪميل طاهر ڪميل، مرتضيٰ پونا والا، محمود منڊوي والا ۽ ٻيا معزز پڻ موجود هئا. شهزاده قصي وجيه الدين وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي روحاني پيشوا حضرت ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين جو خيرسگالي جو پيغام پهچايو وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه شهزاده قصي وجيه الدين جي وزيراعليٰ هائوس آمد تي سنڌس آجيان ڪئي ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وزيراعليٰ سنڌ بوهره برادري جي سماجي، فلاحي ۽ تعليمي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته بوهره برادري هميشه قومي يڪجهتي، رواداري ۽ خدمت خلق جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت سمورن مذهبي ۽ سماجي طبقن سان گڏجي صوبي جي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي بوهره برادري سنڌ جي ترقي ۽ معاشي سرگرمين ۾ پڻ قابل قدر ڪردار ادا ڪري رهي آهي وزيراعليٰ سنڌ بوهره برادري جي فلاحي سرگرمين ۽ صحت جي شعبي ۾ خدمتن کي پڻ خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي شهزاده قصي وجيه الدين وزيراعليٰ سنڌ جي قيادت ۽ عوامي خدمت لاءِ ڪيل قدمن کي ساراهيندي چيو ته سنڌ حڪومت جون عوامي ڀلائي ۽ فلاح لاءِ ڪوششون قابل تعريف آهن هن چيو ته بوهره برادري سنڌ حڪومت سان گڏجي سماجي ڀلائي ۽ خدمت انسانيت جي مشن کي اڳتي وڌائيندي رهندي ملاقات دوران بين المذاهب هم آهنگي رواداري ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه شهزاده قصي وجيه الدين ۽ سنڌس وفد لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو جڏهن ته شهزاده قصي وجيه الدين پرتپاڪ استقبال ۽ نيڪ خواهشن تي وزيراعليٰ سنڌ جا ٿورا مڃيا. ترجمان موجب ملاقات ۾ سنڌ ۾ تعليم صحت ۽ فلاحي شعبن ۾ سهڪار جي امڪانن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه شهزاده قصي وجيه الدين جي ذريعي بوهره جماعت جي اڳواڻ حضرت ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين کي سنڌس ڀاءُ وسيلي ڪراچي جي دوري جي دعوت پڻ ڏني ان موقعي تي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ صوفي ازم رواداري ۽ مذهبي هم آهنگي جي ڌرتي آهي ملاقات دوران وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ شهزاده قصي وجيه الدين وچ ۾ نيڪ خواهشن جي ڏي وٺ ٿي ۽ باهمي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 11 روزاني عبرت

جماعت اسلامي جو ڌرڻو 16هين ڏينهن به جاري آهي جڏهن ته پاڪستان جي ڇهن ئي صوبائي راڄڌانين ۾ پڻ ڌرڻا جاري آهن پريس ڪانفرنس ڪندي منعم ظفر خان چيو ته پيٽروليم ليوي خلاف جاري ڌرڻو پاڪستان جي 25 ڪروڙ عوام جي آواز بڻجي رهيو آهي ۽ هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ ماڻهو ڌرڻي سان لاڳاپجي رهيا آهن هن چيو ته 3 سيپٽمبر تي ملڪ گير هڙتال جو اعلان ڪيو ويو آهي، جڏهن ته واپاري برادري پڻ هڙتال ۾ شرڪت جو اعلان ڪري رهي آهي. منعم ظفر خان چيو ته حڪمرانن جي طرز حڪمراني سبب سڄو پاڪستان بدحالي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي موٽرسائيڪل هلائيندڙ عام ماڻهو به سخت مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ پيٽروليم ليوي جي مد ۾ تقريباً 130 رپيا اضافي ادا ڪرڻا پئجي رهيا آهن هن سوال ڪيو ته عام ماڻهو اهڙين حالتن ۾ پنهنجي زندگي جو گذارو ڪيئن ڪن؟ جيڪڏهن علاج جي سهولت موجود نه هجي ۽ گهر جو ڪرايو ادا ڪرڻ به ڏکيو هجي ته 43 هزار رپين جي بنيادي پگهار ۾ گهر جو بجيٽ ڪيئن هلائي سگهجي ٿو؟ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير چيو ته هڪ طرف حڪمرانن جون عياشيون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن جڏهن ته ٻي طرف عوام مهانگائي جي چڪي ۾ پيڙهجي رهيو آهي. حڪمرانن کي مفت پيٽرول ۽ گئس سميت اربين رپين جون سهولتون ڏنيون وڃن ٿيون هن دعويٰ ڪئي ته وفاقي ڪابينا لاءِ 280 ارب رپين جو مفت پيٽرول مختص ڪيو ويو آهي جڏهن ته وزيراعظم ۽ وفاقي وزيرن جي آمدرفت دوران وڏين گاڏين ۽ پروٽوڪول تي به وڏي رقم خرچ ڪئي وڃي ٿي منعم ظفر خان چيو ته هن وقت ملڪ ۾ 11 ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن هن پمز اسپتال اسلام آباد ۾ آتشزدگي واري سانحي جو ذڪر ڪندي چيو ته 14 معصوم ٻار سڙي فوت ٿي ويا، جڏهن ته علي انٽرپرائزز سانحي ۾ 259 ماڻهو سڙي فوت ٿيا، پر اڄ تائين سوال موجود آهي ته ان جو جواب ڪير ڏيندو؟ هن چيو ته گل پلازا سانحي ۾ اڃا تائين ڪنهن کي ذميوار قرار نه ڏنو ويو آهي، جڏهن ته جن ماڻهن جو اربين رپين جو سرمايو سڙي ويو انهن جي نقصان بابت حڪمرانن تي ڪو اثر نظر نٿو اچي منعم ظفر خان چيو ته گل پلازا سانحو هجي يا بلديا فيڪٽري جو سانحو ٻنهي هنڌن تي مناسب حفاظتي انتظام، الارم ۽ ٻين ضروري سهولتن جي کوٽ هئي هن چيو ته اهڙي صورتحال ۾ به اهو ڪاروبار ۽ نظام ملڪ ۾ جاري آهي هن پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم تي تنقيد ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي 40 سالن جي نام نهاد سياسي ڇڪتاڻ سنڌ، خاص طور تي ڪراچي کي کنڊر بڻائي ڇڏيو آهي اڄ اهي ٻئي پارٽيون ٻيهر اتحادي بڻيل آهن هن چيو ته عوام سان دوکو ۽ فراڊ ڪيو پيو وڃي جڏهن ته ڪراچي جو انفراسٽرڪچر تباهه حال آهي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير دعويٰ ڪئي ته 2003ع کانپوءِ اڄ تائين ڪراچي وارن لاءِ پاڻي جي فراهمي ۾ هڪ ڦڙو به اضافو نه ڪيو ويو آهي منعم ظفر خان مطالبو ڪيو ته آئيني فريم ورڪ تحت نوان انتظامي يونٽ قائم ڪيا وڃن ۽ بااختيار مقامي حڪومت جو نظام لاڳو ڪيو وڃي هن الزام لڳايو ته سنڌ جا سمورا اهم ادارا پيپلز پارٽي وٽ آهن جن ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ۽ ايس بي سي اي به شامل آهن ڪچرو کڻڻ جي بنيادي ذميواري به حڪومت پاڻ وٽ رکي آهي، پر شهرين کي گهربل سهولتون نٿيون ملن. هن چيو ته جماعت اسلامي عوام جي حقن لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪندي رهندي پيٽروليم ليوي واپس وٺڻي پوندي ۽ مهانگائي جو خاتمو ڪرڻو پوندو منعم ظفر خان چيو ته ڪراچي جي ننڍين توڙي وڏين مارڪيٽن ۾ واپاري برادري جي تنظيمن سان رابطن جو سلسلو جاري آهي هن ٻڌايو ته سڀاڻي منجهند 3 وڳي واپاري ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ جماعت اسلامي جي مرڪزي اڳواڻ حافظ نعيم الرحمان پڻ شرڪت ڪندو هن چيو ته واپارين سان رابطن جو سلسلو جاري آهي ۽ ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته 3 سيپٽمبر واري هڙتال کي ڀرپور ۽ ڪامياب بڻايو وڃي

بقايا 12 روزاني عبرت

جي ترجمان مرتضيٰ سولنگي اسلام آباد ۾ نيپال جي سفارتخاني جو دورو ڪيو ۽ گذريل هفتي چين — نيپال سرحد ويجهو لينڊ سلائيڊنگ ۽ گليشيئر ڦاٽڻ جي نتيجي ۾ ايندڙ شديد ٻوڏ سبب ٿيندڙ جاني نقصان ۽ تباهي تي صدر ۽ پاڪستاني عوام پاران دلي تعزيت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو سومر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب پاڪستان ۾ نيپال جي سفير ريتا ڌهيتال سندن استقبال ڪيو ۽ ان مشڪل وقت ۾ نيپال سان پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستاني عوام پاران يڪجهتي جي اظهار ۽ تعاون تي ٿورا ادا ڪيا سيد نيئر حسين بخاري ۽ مرتضيٰ سولنگي وزيٽرز بڪ ۾ پنهنجا تعزيتي تاثر لکيا ۽ نيپال جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

بقايا 13 روزاني عبرت

اسٽريٽجڪ سياسي ۽ دفاعي ڪميٽي جي افتتاحي اجلاس ۾ دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف، چيف آف ڊفينس فورسز ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ استنبول ۾ پنهنجي ترڪيه ۽ سعودي هم منصبن سان گڏ شرڪت ڪئي اها ڳالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان ۾ ٻڌائي وئي

بقايا 14 روزاني عبرت

خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ کان سنڌ اسيمبلي تائين ريلي ملتوي ڪري ڇڏي آهي وڪيلن ريلي ۾ شرڪت لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي پارڪنگ ۾ گڏ ٿيڻ شروع ڪيو هو پر بعد ۾ ڪميٽي احتجاج ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ عاقب راجپر روڊ بند ڪرڻ جي مذمت ڪئي ۽ چيو ته پرامن احتجاج کي روڪڻ لاءِ رستا بلاڪ ڪرڻ هڪ غير جمهوري قدم آهي هن چيو ته اسان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي معاملي تي بحث جي خلاف آهيون ايڊووڪيٽ عاقب راجپر چيو ته حڪومت صرف قرارداد پاس ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو پر جيڪڏهن سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ نوان صوبا ٺاهڻ تي بحث ٿيندو ته اسان اسيمبلي کان ٻاهر پهچنداسين. هن چيو ته شهرين کي درپيش مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي احتجاج ملتوي ڪيو پيو وڃي. صورتحال جو جائزو وٺڻ کان پوءِ مستقبل جي حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو

بقايا 15 روزاني عبرت

درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران مير رضا جا وارث پنهنجي وڪيل جبران ناصر سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيا. سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل جواد ڊيرو پوليس سرجن ڊاڪٽر سميعه جاچ آفيسر ڊي ايس پي سراج لاشاري ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل عدالت کي ٻڌايو ته عدالت جي نوٽيس کانپوءِ مير رضا قتل ڪيس بابت جوڊيشل ڪميشن قائم ڪئي وئي آهي ۽ ڪميشن پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي درخواستگذار جي وڪيل جبران ناصر موقف اختيار ڪيو ته جوڊيشل ڪميشن جو گزٽ نوٽيفڪيشن عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي هن چيو ته ڪميشن جي پهرين ٻڌڻي دوران واضح ڪيو ويو ته ڪميشن جو ڪم قتل ڪيس جي انويسٽيگيشن ڪرڻ نه پر صرف فئڪٽ فائنڊنگ ڪرڻ آهي وڪيل چيو ته اسان جي استدعا آهي ته مير رضا قتل ڪيس جي شفاف ۽ آزادانه جاچ لاءِ هڪ آزاد جي آءِ ٽي جوڙي وڃي جبران ناصر وڌيڪ چيو ته هن وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي جيڪو خط لکيو هو ان ئي خط جي بنياد تي جوڊيشل ڪميشن قائم ڪئي وئي آهي ان موقعي تي سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل چيو ته جيڪڏهن درخواستگذار جي آءِ ٽي جي قيام بابت استدعا ڪري رهيو آهي ته کيس نئين درخواست داخل ڪرڻ گهرجي عدالت سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل کان سوال ڪيو ته جوڊيشل ڪميشن ۽ جي آءِ ٽي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل عدالت کي وضاحت ڪندي چيو ته جي آءِ ٽي جو ڪم جاچ ڪرڻ هوندو آهي، جڏهن ته جوڊيشل ڪميشن جو ڪم فئڪٽ فائنڊنگ آهي مير رضا قتل ڪيس جي انويسٽيگيشن الڳ کان جاري آهي، جڏهن ته جوڊيشل ڪميشن انويسٽيگيشن ۾ معاونت ڪندي. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ مير رضا قتل ڪيس بابت جي آءِ ٽي جوڙڻ واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 16 روزاني عبرت

ڪرسچن ملازمن لاءِ زيارت مقدس مريم شيخوپورا جي حوالي سان قرعه اندازي جي هڪ پروقار شفاف ۽ باوقار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ڪي ايم سي منگهوپير جي ڪرسچن ملازمن جي وڏي انگ سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽي مينارٽي ونگ جي عهديدارن پڻ شرڪت ڪئي تقريب دوران مڪمل شفافيت، غيرجانبداري ۽ ايمانداري سان قرعه اندازي جو عمل مڪمل ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 20 خوش نصيب ڪرسچن ملازمن جا نالا زيارت مقدس مريم شيخوپورا لاءِ چونڊيا ويا چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي موجودگيءَ ۾ منعقد ٿيل هيءَ قرعه اندازي مسلسل ٽئين سال منعقد ڪئي وئي، جيڪا ڪرسچن ملازمن جي مذهبي جذبن جي احترام، مذهبي هم آهنگي ۽ انهن جي ڀلائي لاءِ ڪي ايم سي منگهوپير پاران هڪ قابل تحسين قدم آهي. ان موقعي تي چيئرمين ڪي ايم سي منگهوپير حاجي نواز علي بروهي قرعه اندازي ۾ ڪامياب ٿيندڙ سمورن 20 ملازمن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي چيو ته منگهوپير هميشه کان ڀائيچاري، مذهبي هم آهنگي، رواداري ۽ باهمي احترام جو پيغام ڏيندو رهيو آهي اسان جا سمورا ملازم بنا ڪنهن فرق جي اسان لاءِ قابل احترام آهن ۽ هر شخص کي پنهنجي مذهبي عقيدن مطابق عبادت ۽ مذهبي فرضن جي ادائيگي جو مڪمل حق حاصل آهي حاجي نواز علي بروهي چيو ته ڪرسچن ملازمن لاءِ مسلسل ٽئين سال زيارت مقدس مريم جي حوالي سان قرعه اندازي جو انعقاد ڀائيچاري، مذهبي هم آهنگي ۽ باهمي احترام جي عملي مثال آهي. ڪي ايم سي منگهوپير انتظاميا ملازمن جي ڀلائي سان گڏ انهن جي مذهبي جذبن ۽ حقن جو پڻ مڪمل احترام ڪري ٿي ۽ مستقبل ۾ به اهڙن مثبت ۽ فلاحي قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو قرعه اندازي ۾ ڪامياب ٿيندڙ ملازمن چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ۽ ڪي ايم سي منگهوپير جي انتظاميا جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيندي چيو ته مسلسل ٽئين سال زيارت مقدس مريم لاءِ قرعه اندازي جو انعقاد ڪرسچن ملازمن لاءِ خوشي ۽ اعزاز جو باعث آهي. هنن چيئرمين پاران مذهبي هم آهنگي، ڀائيچاري ۽ ملازمن جي ڀلائي لاءِ ڪيل قدمن کي ساراهيندي سنڌس ٿورا مڃيا. تقريب جي پڇاڙيءَ تي قرعه اندازي ۾ چونڊيل سمورن 20 خوش نصيب ملازمن کي هڪ ڀيرو ٻيهر مبارڪباد ڏني وئي ۽ انهن لاءِ زيارت مقدس مريم جي بابرڪت سفر سلامتي ۽ ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 17 روزاني عبرت

ويو آهي. جڏهن ته الله داد ولد امام بخش ۽ گلزار ولد دلدار زخمي ٿي پيا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته ابتدائي طور تي ڪنهن ڦر مار جو واقعو سامهون آيو موٽرسائيڪل تي سوار ملزمن ٽارگيٽ فائرنگ ڪئي ۽ فرار ٿي ويا. پوليس واقعي بابت وڌيڪ مختلف پاسن کان جاچ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي شرافي ڳوٺ ٿاڻي جي لانڍي جي علائقي مانسهرا ڪالوني ۾ بسم الله مسجد جي ويجهو جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 30 کان 35 سالن جو محمد ياسر ولد عرفان قتل ٿي ويو آهي. پوليس فوري طور تي ڪارروائي ڪندي فائرنگ ڪندڙ عبدالرشيد کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 20 سي خديجا مسجد جي ويجهو نامعلوم ملزمن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 18 سالن جو ڪاشف ولد شوڪت اعوان قتل ٿي ويو آهي. شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد سيڪٽر اي 17 علي ڳوٺ اسڪول جي ويجهو گهر مان 25 کان 30 سالن جي نوجوان اڻيل جو ٽنگيل ٻڌل لاش مليو ۽ لاش کي قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني آهي. نارٿ ناظم آباد ۾ بورڊ آفيس جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 33 سالن جو محمد فرحان فوت ٿي ويو ڪورنگي نمبر 5 ماڊل پارڪ جي ويجهو گهر ۾ نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ جنيد ولد عابد زخمي ٿي پيو. ملير آسُو ڳوٺ ٻڪرا پڙي نوراني مسجد جي ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ فهيم ولد علي بخش زخمي ٿي پيو سعيد آباد ٿاڻي جي حد يوسف ڳوٺ اسٽريٽ نمبر 34 سعيد آباد ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ شهزادي زال غوث بخش زخمي ٿي پئي

بقايا 18 روزاني عبرت

زراعت محمد زمان ناريجو ايڊيشنل سيڪريٽري ادريس ڪوسو ڊپٽي سيڪريٽري خادم حسين برڙو ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ربيع سيزن 2026-27 لاءِ ڊي اي پي ڀاڻ جي قيمت ۾ متوقع واڌاري ۽ آبادگارن کي رليف ڏيڻ لاءِ تجويز ڪيل سبسڊي تي تفصيلي غور ڪيو ويو صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش خان مهر چيو ته سنڌ حڪومت آبادگارن کي ڊي اي پي ڀاڻ جي امڪاني قيمت ۾ واڌ کان رليف ڏيڻ لاءِ مختلف تجويزن جو جائزو وٺي رهي آهي آبادگارن کي وقت سر ۽ اثرائتي رليف جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته ڪسان ڪارڊ ذريعي سنڌ جي آبادگارن کي رليف فراهم ڪيو ويندو جڏهن ته زرعي شعبي ۾ اجتماعي نظام کي به ڪامياب بڻائڻ ضروري آهي سب ڪميٽي پنهنجون حتمي سفارشون سڀاڻي سنڌ ڪابينا کي پيش ڪندي جنهن بعد حتمي فيصلو ڪيو ويندو صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته زرعي شعبي جي ترقي ۽ آبادگارن جي مسئلن جو حل سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ڊي اي پي سميت زرعي شين جي مناسب قيمت ۽ دستيابي يقيناً آبادگارن جي مفاد ۾ انتهائي ضروري آهي سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته ڀاڻ جي قيمت ۾ امڪاني واڌ جا اثر سڌوسنئون آبادگارن تي پون ٿا. ان ڪري حڪومت کي آبادگار دوست پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي سنڌ جا آبادگار ملڪي غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، انهن کي هر ممڪن سهولت ۽ رليف فراهم ڪيو ويندو مخدوم محبوب الزمان چيو ته آبادگارن کي زرعي خرچن ۾ رليف ڏيڻ لاءِ اثرائتي ۽ شفاف سبسڊي پاليسي وقت جي اهم ضرورت آهي حڪومت جي ڪوشش آهي ته آبادگارن کي سهولتون فراهم ڪري زرعي پيداوار ۾ واڌاري ۽ غذائي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي خاص مددگار راجوير سنگهه سوڍو چيو ته آبادگارن کي ڊي اي پي ڀاڻ جي قيمت ۾ امڪاني واڌ کان رليف ڏيڻ لاءِ عملي ۽ قابل عمل تجويزن کي ترجيح ڏني وڃي

بقايا 19 روزاني عبرت

ڊيٽا هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي صحت کاتي جي ذريعن موجب اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي ڪراچي ۽ سکر ۽ پي يو ايڇ ايم ايس جو فائر سيفٽي ڊيٽا نامڪمل آهي جڏهن ته خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۽ گمبٽ جو فائر سيفٽي ڊيٽا پڻ مڪمل ناهي رپورٽ ۾ ڪيترن ئي وڏن طبي ادارن جو رڪارڊ فراهم نه ڪرڻ جو به ذڪر ڪيو ويو آهي رپورٽ موجب وڏن سرڪاري اسپتالن ۾ فائر الارم ۽ واٽر اسپرنڪلرز نه هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي سول اسپتال ڪراچي ۾ 180 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن پر فائر الارم ۽ اسپرنڪلرز موجود ناهن. 1750 بسترن تي ٻڌل اسپتال جي بجلي جي وائرنگ پڻ مرمت طلب قرار ڏني وئي آهي جناح اسپتال ڪراچي ۾ 208 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن پر فائر الارم ۽ اسپرنڪلرز موجود ناهن. 2208 بسترن واري اسپتال جي بجلي جي وائرنگ کي به مرمت جي ضرورت آهي جڏهن ته اسپتال ۾ فائر ڊرلز باقاعدگي سان ڪرايون وڃن ٿيون رپورٽ مطابق اين آءِ سي ايڇ ۾ 135 فائر ايڪسٽنگوشرز مان 40 خراب نڪتا. 533 بسترن واري اسپتال ۾ فائر الارم موجود ناهي ۽ فائر ڊرلز به باقاعدگي سان نٿيون ڪرايون وڃن جڏهن ته بجلي جي وائرنگ کي وڏي پيماني تي مرمت جي ضرورت آهي. لياري جنرل اسپتال ۾ 700 بسترن جي مقابلي ۾ صرف 20 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن ۽ هڪ فائر الارم موجود آهي، پر واٽر اسپرنڪلرز ناهن اسپتال ۾ فائر ڊرلز به باقاعدگي سان نٿيون ڪرايون وڃن قطر اسپتال اورنگي ۾ صرف 25 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن ۽ فائر الارم موجود ناهي. جڏهن ته سعودآباد اسپتال ۾ 18 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن پر فائر الارم ۽ باقاعده فائر ڊرلز جو نظام موجود ناهي. پمز سانحي کانپوءِ سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ فائر سيفٽي انتظامن تي به سواليا نشان رپورٽ ۾ ايس ايم بي بي ٽراما سينٽر ۽ ڪورنگي چلڊرن انسٽيٽيوٽ جا فائر سيفٽي انتظام تسلي بخش قرار ڏنا ويا آهن ايس ايم بي بي ٽراما سينٽر ۾ 180 فائر ايڪسٽنگوشرز 45 فائر الارمز ۽ 39 فائر هائيڊرنٽس فعال آهن جڏهن ته ڪورنگي چلڊرن انسٽيٽيوٽ ۾ 39 فائر ايڪسٽنگوشرز ۽ 39 فائر بالز فعال آهن اتي فائر الارم ۽ فائر ڊرلز جو پڻ انتظام موجود آهي. رپورٽ مطابق سکر جي ايم ايم سي اسپتال ۾ ٻارن جي وارڊ ڏانهن حفاظتي رستو ڪليئر ناهي جڏهن ته اسپتال ۾ صرف 20 فائر ايڪسٽنگوشرز موجود آهن ۽ فائر الارم ۽ اسپرنڪلرز موجود ناهن شهدادپور جي سمس اسپتال ۾ صرف 5 فائر ايڪسٽنگوشرز موجود آهن ۽ فائر الارم پڻ موجود ناهي لمس حيدرآباد ۾ 110 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن پر فائر الارم ۽ اسپرنڪلرز موجود ناهن جڏهن ته لمس ڄامشورو ۾ 32 فائر ايڪسٽنگوشرز موجود آهن پر فائر الارم ۽ اسپرنڪلرز جي سهولت دستياب ناهي سيوهڻ انسٽيٽيوٽ ۾ 45 فائر ايڪسٽنگوشرز ۽ 4 فائر الارمز فعال آهن جڏهن ته فائر ڊرلز پڻ باقاعدگي سان ڪرايون وڃن ٿيون رپورٽ مطابق سي ايم سي لاڙڪاڻو جي مختلف بلاڪن ۾ مجموعي طور 77 فائر ايڪسٽنگوشرز موجود آهن جڏهن ته جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ ۾ 52 فائر ايڪسٽنگوشرز فعال آهن ۽ اتي فائر سيفٽي جا انتظام تسلي بخش قرار ڏنا ويا آهن

بقايا 20 روزاني عبرت

موقف واضح آهي ته سنڌ هڪ هئي آهي ۽ هڪ رهندي ميڊيا سان ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ اسيمبلي اڳ ۾ به ڪيترائي ڀيرا قرارداد منظور ڪئي آهي جيڪي صوبن جي حمايت ڪن ٿا اهي اڳتي ايندا هن سوال اٿاريو ته ڇا اڳ اسيمبلي فلور تي اهڙا واقعا نه ٿيا هئا؟ هاڻي بحث تي ڇو تنقيد ڪئي پئي وڃي؟ صوبائي وزير چيو ته پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪرڻ جو ڪو به جواز ناهي ڇو ته ماڻهو پيپلز پارٽي سان پيار ڪن ٿا. هن چيو ته اسان ايم ڪيو ايم وارن جي ڳالهين کي سنجيدگي سان نه ٿا وٺون سنڌ جي ورهاڱي جي معاملي تي پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو سنڌ اسيمبلي 1948 ۾ به سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪيو هو ۽ اڄ به ائين ڪندي هن چيو ته آمرن ۽ تخت نشينن ماضي ۾ به سنڌ جي ورهاڱي ۽ ڪالاباغ ڊيم جي ڳالهه ڪئي هئي. پيپلز پارٽي هميشه سنڌ جي حقن ۽ اتحاد لاءِ وڙهي آهي سعديه جاويد چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ التوا واري تحريڪ تي پيپلز پارٽي جا سڀئي ميمبر ورهاڱي جي سياست کي رد ڪندا. هن ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال تي تنقيد ڪندي چيو ته مصطفيٰ ڪمال پنهنجي اڳوڻي اڳواڻ جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جناح پور جو خواب ٽٽي پيو آهي. نئين صوبي جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو مصطفيٰ ڪمال کي پهريان پمز اسپتال ۾ باهه لڳڻ واري واقعي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ترجمان وڌيڪ چيو ته سنڌ جا ماڻهو ڪراچي کان ڪشمور تائين متحد آهن

بقايا 21 روزاني عبرت

سان سڏيو ويندو ته گٽنديل آهي صنعتي علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري اسان جي ترجيح آهي صنعتي علائقن جي ترقي سان ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ملندي ۽ روزگار جا موقعا وڌندا سنڌ حڪومت جي خصوصي گرانٽ سان سائيٽ سپر هاءِ وي صنعتي علائقي ۾ ترقياتي ڪمن جي شروعات ڪئي وئي آهي ۽ سمورا ڪم 15 ڊسمبر کان اڳ مڪمل ڪيا ويندا. انهن خيالن جو اظهار هن سومر ڏينهن سائيٽ سپر هاءِ وي تي مختلف ترقياتي منصوبن جو سنگ بنياد رکڻ جي موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي سائيٽ سپر هاءِ وي ايسوسيئيشن آف انڊسٽري جو صدر مسعود پروين جنرل سيڪريٽري احفاظ شيخ، چونڊيل ڪائونسلر لاڳاپيل آفيسر ۽ صنعتڪار پڻ موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته سائيٽ سپر هاءِ وي سميت ڪراچي جي سمورن صنعتي علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو جيئن صنعتڪارن کي بهتر انفراسٽرڪچر ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي ست صنعتي زونز لاءِ سوا 9 ارب رپين جي خصوصي گرانٽ فراهم ڪئي آهي ۽ اها رقم سمورن ستن صنعتي علائقن جي اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي وئي آهي سائيٽ سپر هاءِ وي لاءِ سنڌ حڪومت 70 ڪروڙ رپيا منتقل ڪيا آهن هن چيو ته صنعتڪارن جي درخواست تي کين اهو اختيار ڏنو ويو ته هو پنهنجي علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جون ترجيحون پاڻ طئي ڪن پاڪستان ۾ پنهنجي نوعيت جي هي هڪ منفرد مثال آهي ته حڪومت صنعتڪارن کي ترقياتي ڪمن لاءِ فنڊز فراهم ڪيا آهن ميئر ڪراچي چيو ته اسان کي شهرين جي حيثيت سان اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي ته اسان پنهنجي شهر جا مسئلا حل ڪري سگهون ٿا، ڪراچي کان بهتر ڪا جاءِ ناهي هن چيو ته جيڪي ماڻهو ڪراچي ۾ صنعتون قائم ڪري ڪاروبار ڪري رهيا آهن انهن کي ڪنهن بندوق جي زور تي هتي ڪارخانا لڳائڻ لاءِ نه چيو ويو هو هن شهر ۾ ڪاروبار جا موقعا موجود آهن ۽ ڪراچي جي بهتري لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو هن چيو ته ماضي ۾ ماڻهن جي ذهنن کي ڳنڍڻ بدران ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪيون ويون هاڻي اسان کي يڪسوئي، اتحاد ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي، جيڪڏهن هم آهنگي پيدا ڪنداسين ته شهر ترقي ڪندو بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته 1980ع ۽ 1990ع جي ڏهاڪن دوران ڪراچي مان ڪيترين ئي فيڪٽرين ٻين علائقن ڏانهن منتقل ٿي وئيون اسان کي اها صورتحال تبديل ڪرڻي پوندي صنعتي علائقن ۾ ترقياتي ڪم ٿيندا ته صنعتون مضبوط ٿينديون ۽ شهر جي معيشت وڌيڪ مستحڪم ٿيندي هن چيو ته ڪراچي جي صنعتي علائقن ۾ روڊن سميت ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي پاڻي جي منصوبن جو ذڪر ڪندي ميئر ڪراچي چيو ته پاڪستان ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون انڊسٽريل واٽر پارڪ سائيٽ ايريا ۾ قائم ڪيو ويو آهي پهرين مرحلي ۾ 350 ملين گيلن پاڻي ٽريٽ ڪيو ويندو ٽي پي ٿري ذريعي 28 ايم جي ڊي پاڻي ٽريٽ ٿي رهيو آهي. جڏهن ته وڌيڪ منصوبا پڻ اسان جي ٽائيم لائن ۾ شامل آهن صنعتي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي منصوبن تي پڻ ڪم جاري آهي. هن چيو ته شهر جا مسئلا لساني بنيادن تي نه پر انتظامي ۽ شهري ضرورتن مطابق حل ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪي ماڻهو پاڻ متحد ناهن اهي هن شهر کي ڪيئن متحد ڪندا؟ اسان کي ورهاڱي بدران اتحاد ۽ باهمي هم آهنگي واري سياست کي هٿي ڏيڻ گهرجي ميئر ڪراچي چيو ته شهري جي جي به منشيات جي عادي ماڻهن کي ڏسن ته پوليس جي ايمرجنسي نمبر 15 تي اطلاع ڏين جيئن لاڳاپيل ادارا ڪارروائي ڪري سگهن بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته سنڌ اسيمبلي پاڪستان ٺاهڻ جي قرارداد منظور ڪئي هئي ۽ ڪراچي پاڪستان جي ترقي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ڪراچي جي مسئلن جو حل هن ئي شهر ۾ ويهي ڳولهيو ويندو مان عوامي نمائندو آهيان ۽ اسلام آباد ۾ ويهي فيصلا ناهيان ڪندو شهر جي مسئلن جو جائزو وٺڻ لاءِ پاڻ مختلف علائقن جو دورو ڪندو آهيان لياري ايڪسپريس وي تي هيوي ٽريفڪ جي حوالي سان ميئر ڪراچي چيو ته شهر جي اندر کان ڳري ٽريفڪ گذارڻ بدران موجود متبادل رستن کي استعمال ڪرڻ گهرجي هن چيو ته لياري ايڪسپريس وي تي هيوي ٽريفڪ هلائڻ واري معاملي تي پڻ لاڳاپيل ڌرين کي گڏجي ويهي حل ڳولڻو پوندو جيئن شهرين کي ٽريفڪ جي مسئلن مان ڇوٽڪارو ڏياري سگهجي هن چيو ته ڪراچي جي ترقي ڪنهن هڪ طبقي يا علائقي جي نه پر سڄي شهر جي ضرورت آهي. صنعتي علائقن جي بهتري، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ ڪاروباري سرگرمين جي واڌاري سان ڪراچي جي معيشت مضبوط ٿيندي ۽ جڏهن ڪراچي جي معيشت مضبوط ٿيندي ته پاڪستان جي معيشت پڻ وڌيڪ مستحڪم ٿيندي

بقايا 22 روزاني عبرت

جي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿو پر ان باوجود شهر جا عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهن زرداري ليگ جي حڪومت کي ڪراچي جي پراڻن مسئلن جي حل ۾ ڪا به دلچسپي ناهي شهر ۾ امن امان، ڀتا خوري، ٽريفڪ، پاڻي، بجلي، صفائي، ٽٽل ڦٽل روڊن، نيڪال، ڪچري، پبلڪ ٽرانسپورٽ، بيروزگاري ۽ مهانگائي جي مسئلن شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي جي علائقي لياري ۾ نامعلوم هٿيارٻندن فائرنگ ڪري زخمي ڪيو هو فائرنگ جي واقعي ۾ زبير بلوچ سخت زخمي ٿيو هو جنهن کي ڇٽڻ جوڳي حالت ۾ پهريان سول اسپتال منتقل ڪيو ويو بعد ۾ زبير بلوچ کي وڌيڪ علاج لاءِ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو ڪيترن ئي ڏينهن کان علاج هيٺ هو پر اڄ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو رپورٽن موجب 31 جولاءِ 2026ع تي لياري جي چاڪيواڙه واري علائقي مرزا آدم خان روڊ تي موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن فائرنگ ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ زبير بلوچ سميت ٻه واٽهڙو پڻ زخمي ٿيا هئا پوليس موجب زبير بلوچ کي جسم جي مختلف حصن تي گوليون لڳيون هيون واقعي کانپوءِ پوليس پاران فائرنگ جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪئي وئي هئي

بقايا 24 روزاني عبرت

وزيراعظم پاڪستان جي آگسٽ 2025ع جي چين جي دوري دوران طئي ٿيل 2025ع کان 2029ع جي ايڪشن پلان تي عملدرآمد جي هڪ سال جي پڄاڻي تي تفصيلي جائزي بابت اجلاس منعقد ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته پاڪستان چين جي تعاون سان مختلف شعبن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو کڻڻ لاءِ قدم کڻي رهيو آهي هن چيو ته چين سان گڏجي پاڪستان جي آءِ ٽي شعبي جي صلاحيت وڌائي پئي وڃي، جڏهن ته نوجوان نسل کي جديد هنر سان تيار ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي احسن اقبال چيو ته نوجوان نسل پاڪستان جو قيمتي اثاثو آهن. ان لاءِ نوجوانن کي جديد ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن سان هم آهنگ هنرن جي تربيت يقيني بڻائي ويندي. چين جي تعاون سان تعليم آءِ ٽي، زراعت، ماحوليات ۽ ٻين شعبن ۾ انساني وسيلن جي سگهه وڌائڻ تي به خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي وفاقي وزير ٻڌايو ته هڪ هزار پاڪستاني شاگردن کي زرعي تربيت لاءِ چين موڪليو ويو آهي هن زرعي شعبي ۾ جديد تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ تربيت لاءِ چين جي تعاون تي ٿورو مڃيندي چيو ته پاڪستان زرعي پيداوار ۽ روانگي واپار ۾ اضافي لاءِ جديد چيني تجربن مان فائدو کڻي رهيو آهي هن چيو ته پاڪستان موسمياتي تبديلين سان شديد متاثر ملڪن ۾ شامل آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

کيس خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. سيد علي شاهه گيلاني هڪ عظيم ڪشميري اڳواڻ هو جنهن جي زندگي جرئت، ثابت قدمي ۽ ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق جي پختي عزم سان عبارت هئي. ناليواري ڪشميري اڳواڻ سيد علي شاهه گيلاني جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري پيغام ۾ صدر چيو ته سيد علي شاهه گيلاني پنهنجي پوري زندگي جمون ۽ ڪشمير جي عوام جي جائز امنگن جي فروغ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي ڏکي قيد، نظربندي ۽ بي پناهه ذاتي مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي باوجود هو پنهنجي نظرين تي ثابت قدمي سان قائم ۽ انصاف، وقار ۽ آزادي جو ڏيئو روشن رکڻ جي لاءِ پنهنجي پختي عزم تي بيٺل رهيو

بقايا 26 روزاني عبرت

جاري آهي. بلوچستان جي علائقي واشڪ پلانٽڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪاميابي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران 2 دهشتگرد مارجي ويا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگرد ماشڪيل پوليس اسٽيشن ۽ ڪسٽم هائوس تي دهشتگرداڻي حملي ۾ ملوث هئا. ڪارروائي ۾ دهشتگردن جي گاڏي تباهه ٿي وئي

بقايا 27 روزاني عبرت

گڏيل پڌرنامي ۾ ٽنهي ملڪن خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ مڪي معاهدي جي فريم ورڪ تحت گڏجي ڪم جاري رکڻ جي عزم جو ورجايو ويو جاري ڪيل پڌرنامي موجب، پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي عرب بحرانن جي پرامن حل جي حوصلا افزائي لاءِ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ صبر کي هٿي ڏيڻ جي حمايت جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ٽنهي ملڪن معاهدي تحت پنهنجي سهڪار کي وڌيڪ ادارتي شڪل ڏيڻ لاءِ قدمن تي پڻ اتفاق ڪيو

بقايا 28 روزاني عبرت

استنبول جو هڪ ڏينهن جو دورو مڪمل ڪري ورتو جتي هن دفاع واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان گڏ مڪ جوائنٽ ڊفينس ايگريمينٽ تحت قائم ڪيل اسٽريٽجڪ پوليٽيڪل اينڊ ڊفينس ڪميٽي جي افتتاحي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي استنبول جي دوري دوران نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ترڪيه جي پرڏيهي وزير حاڪان فيدان سان پڻ ٻطرفي ملاقات ڪئي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪري ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، تاجڪستان افغانستان سان سرحد مڪمل طور سيل ڪرڻ وارو پهريون ملڪ بڻجي ويو آهي سرحد بند ٿيڻ سان افغانستان سان واپار، ٽرانزٽ ۽ ويزا سميت مختلف معاملن تي پابندين بابت سوال اٿڻ لڳا آهن. سوشل ميڊيا تي سامهون آيل هڪ بيان ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته افغانستان جي مسئلي جو واحد عملي حل سرحد بند ڪرڻ، واپار ۽ ٽرانزٽ روڪڻ، ويزا جاري نه ڪرڻ، غيرقانوني طور موجود ماڻهن کي واپس موڪلڻ ۽ پابنديون لاڳو ڪرڻ آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

آمريڪا ايراني ڪارروائي جي جواب ۾ سخت قدم کڻندو سنڌس اهو بيان پاسداران انقلاب جي ان دعويٰ کانپوءِ سامهون آيو جنهن ۾ چيو ويو هو ته آمريڪي حملن جي جواب ۾ ايران اردن ۾ موجود ٻن آمريڪي هوائي اڏن شاهه حسين ۽ الازرق کي نشانو بڻايو ۽ اتي موجود "ٽيڪنيڪل ۽ سار سنڀال جي بنيادي ڍانچي ۽ دشمن جي جنگي جهازن کي وڏو نقصان" پهچايو ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته آمريڪي فوج گذريل رات هڪ ميزائل کي ائير ڊفينس سسٽم سان گڏڻ ڏنو چاڪاڻ ته اهو ڪنهن هدف کي نشانو بڻائڻ لاءِ نه هو

بقايا 31 روزاني عبرت

لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو آهي سومر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جمهوريه ڪرغزستان جي گادي واري شهر بشڪيڪ ۾ شنگهائي تعاون تنظيم جي ملڪي سربراهن جي اجلاس جي موقعي تي اسلامي جمهوريه ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سان ملاقات ڪئي شاندار ۽ دوستاڻي ماحول ۾ ٿيندڙ ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ ايران جي وچ ۾ ويجهي ۽ پراڻي لاڳاپن جو ورجاءُ ڪيو ۽ گڏيل تعاون جي سمورن شعبن ۾ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي اهميت جو ذڪر ڪيو ٻنهي اڳواڻن ان حوالي سان هلندڙ سال جون ۾ صدر پزشڪيان جي پاڪستان جي دوري دوران ڪيل فيصلن تي عملدرآمد جي اهميت تي پڻ زور ڏنو

بقايا 32 روزاني عبرت

امداد جو اعلان ڪيو ويو آهي 13 متاثر مائٽن کي چيڪ ڏنا ويا آهن پمز اسپتال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته مالي امداد متاثر خاندانن جي ڏک ۽ نقصان جو ازالو ته ناهي پر جيڪو ڪجهه حڪومت جي وس ۾ آهي ان تحت متاثر خاندانن جي مدد جي لاءِ امداد فراهم ڪئي پئي وڃي هن چيو ته 13 متاثر خاندانن کي امدادي چيڪ فراهم ڪيا ويا آهن جڏهن ته هڪ خاندان باقي رهيو آهي جنهن کي به جلد امدادي چيڪ ڏنو ويندو ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته پمز اسپتال ۾ علاج لاءِ ايندڙ مريض ۽ انهن جا پوئلڳ ملڪ جي مختلف علائقن، پشاور کان ڪشمير تائين کان ايندا آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

صوبائي وزير ظهور بليدي، آواران ۾ آپريشن ردالفتنہ 3 تحت سيڪيورٽي فورسز جي ڪاميابي ڪارروائي کي واکاڻ جوڳو قرار ڏيندي چيو آهي ته ڇهن خوارجين کي جهنم واصل ڪرڻ دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جي موثر حڪمت عملي جو واضح ثبوت آهي پنهنجي بيان ۾ صوبائي وزير چيو ته تصديق ٿيل اطلاعن تي وقت سر ڪارروائي ۽ جديد ٽيڪنالاجي جو موثر استعمال سيڪيورٽي فورسز جي پيشهوارانه صلاحيتن جو مظهر آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

پاڪستان جسٽس يحيٰ خان آفريدي بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ سهولت مرڪز جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي سومر ڏينهن چيف جسٽس پاڪستان جسٽس يحيٰ خان آفريدي بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ پهريون پيرو عوامي سهولت مرڪز جو افتتاح ڪيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

منصوبو آهي. پر سکر-حيدرآباد موٽر وي پڻ سنڌ لاءِ اوترو اهم منصوبو آهي جنهن تي وفاقي حڪومت کي فوري طور تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ جي وڏن شهرن ۽ صنعتي ۽ واپاري مرڪزن جي وچ ۾ بهتر روڊ رابطو معاشي ترقي لاءِ اهم آهي جڏهن ته حيدرآباد-سکر موٽر وي ڪاروباري سرگرمين، سفري سهولتن ۽ واپاري رابطن ۾ بهتري لاءِ انتهائي اهميت وارو آهي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سکر-حيدرآباد موٽر وي جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن جي وچ ۾ سفري رابطا بهتر ٿيندا پر واپار، زراعت، صنعت ۽ روزگار جي موقعن کي به هٿي ملندي

بقايا 36 روزاني عبرت

ڪشائي بورڊ مير رضا جي موت کي آپگهات قرار ڏيڻ وارا ثبوت رد ڪري ڇڏيا آهن. ميڊيڪل بورڊ پنهنجي متفقه راءِ ۾ چيو آهي ته رپورٽ جا نتيجا آپگهات سان مطابقت نٿا رکن حتمي رپورٽ موجب مير رضا کي گولي پٺئين پاسي کان لڳي، جيڪا ڇاتي جي اڳئين حصي مان ٻاهر نڪتي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته گولي جو داخلا وارو زخم پٺئين پاسي کاٻي مٿئين حصي ۾ ڇهين پاسلي جي سطح تي موجود هو جڏهن ته گولي جو نڪرڻ وارو زخم ڇاتي جي کاٻي اڳئين حصي ۾ ڪين پاسلي جي وچ ۾ مليو ميڊيڪل بورڊ موجب گولي لڳڻ سبب ڇهين پاسلي ٽٽي، ڦڦڙ کي نقصان پهتو ۽ دل ڦاٽي وئي دل ڦاٽڻ ۽ شديد اندروني زخمن سبب مير رضا جي موت واقع ٿي حتمي رپورٽ موجب مير رضا جي کاٻي ڦڦڙ اندر رت جمع ٿيل مليو جڏهن ته دل تي تقريبن هڪ سينٽي ميٽر جو زخم پڻ موجود هو فرانزڪ رپورٽ موجب مير رضا جي شرٽ جي پٺئين ۽ اڳئين ٻنهي حصن تي گولي جا سوراخ مليا

بقايا 37 روزاني عبرت

خواجه محمد آصف سان ملاقات ڪئي ترڪي جي چيف آف جنرل اسٽاف جنرل سيلچڪ بيرڪتر اوغلو به اجلاس ۾ شرڪت ڪئي دفاع واري وزير خواجه آصف ۽ ترڪ قيادت خطي ۾ گڏيل ڊفينس تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 38 روزاني عبرت

مقابلي ۾ هڪ ملزم مارجي ويو ايڌي ايمبولينس جي ذريعي لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ايڌي رضاڪارن موجب مبينا مارجي ويل ڦورو جي لاش جي سڃاڻپ عبدالمجيد ولد ابراهيم جي نالي سان ٿي آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

باري ۾ سوشل ميڊيا ۾ هلندڙ خبرن تي ان وقت تائين تبصرو نه ڪندس جيستائين صدر آصف علي زرداري طرفان تصديق نه ڪئي ويندي، بلاول هائوس طرفان ان جي باري ۾ تفصيلي بيان ڏنو ويندو ان وقت تائين سنڌس شادي بابت افواهه ڦهلائڻ يا تبصرو ڪرڻ فضول آهي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ آصفه ڀٽو جي شادي ضرور ٿيندي، پر وقت جو تعين بعد ۾ ڪيو ويندو پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر ۽ سون عمري جي موقعي تي ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ لاءِ دعا ڪئي هئي

بقايا 40 روزاني عبرت

وزير جي مشير خرم شهزاد چيو آهي ته سعودي عرب جي گروپ پاران پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي دائريڪار ۾ توسيع پاڪستان جي معاشي بحالي ڍانچا جاتي سڌارن ۽ سيڙپڪاري جي صلاحيتن تي سعودي نجي شعبي جي وڌندڙ اعتماد جو چٽو ثبوت آهي سومر ڏينهن ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته سعودي عرب جي مشهور ڪاروباري اداري آسياد گروپ پاڪستان جي معاشي مستقبل تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪندي ملڪ ۾ سيڙپڪاري جي دائري ڪار کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي گروپ توانائي، هوابازي ۽ ماليات شعبن ۾ سيڙپڪاري جا نوان موقعا ڳولڻ جي تياري ڪري رهيو آهي هن چيو ته گروپ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ پاڪستان جي ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب وچ ۾ ٿيل هڪ اعليٰ سطحي ملاقات ۾ ان حوالي سان اهم معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. سعودي عرب جو گروپ پاڪستان کي اسٽريٽجڪ لحاظ کان هڪ بهترين سيڙپڪاري مرڪز طور ڏسي رهيو آهي ۽ گروپ پاڪستان ۾ هوائي اڏن جي نجڪاري جي ايندڙ عمل ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 1800 رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 66 هزار 136 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب سومر ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 1 هزار 800 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 66 هزار 1 سؤ 36 رپين جو ٿي ويو آهي

بقايا 42 روزاني عبرت

وفاقي وزير کي منصوبي جي فني ۽ تعميراتي رخن تي بريفنگ ڏني بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته منصوبي تحت ٿرڪول مائنز کان نيو چور تائين 105 ڪلوميٽر ڊگهي نئين ريلوي لائين وڇائي پئي وڃي جڏهن ته بن قاسم کان پورٽ قاسم تائين اٽڪل 9 ڪلوميٽر ڊگهي ڊبل ٽريڪ جي تعمير ۽ ڪوئلو لاهڻ جي جديد ترين سهولتن جي فراهمي پڻ هن اهم منصوبي جو حصو آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته ٿرڪول ريلوي ڪنيڪٽيويٽي منصوبو قومي معيشت ۽ توانائي جي شعبي جي استحڪام لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو

بقايا 43 روزاني عبرت

جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 2 لک 4 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو به 2 لک 4 هزار 200 ڪيوسڪ رهيو ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 22 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 22 هزار 900 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو متانهون وهڪرو 2 لک 7 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 7 هزار 200 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 20 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 8 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 64 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 41 هزار 200 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا 44 روزاني عبرت

بي ايس موجب ان عرصي دوران روانگي واپار جو ڳاٽيلو 437 ملين ڊالرن تائين پهچي ويو جڏهن ته جولاءِ 2025ع ۾ غذائي شين جي روانگي واپار مان 427 ملين ڊالرز جو مٽاسٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو اهڙي طرح جولاءِ 2025ع جي ڀيٽ ۾ هلندڙ مالي سال جي شروعات تي جولاءِ 2026ع دوران غذائي جنسن جي قومي روانگي واپار ۾ 10 ملين ڊالرن يعني 2.34 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي

بقايا 45 روزاني عبرت

هفتي دوران ملڪ جي اترئين شهرن ۽ علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1555 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 0.63 سيڪڙو گهٽ آهي گذريل هفتي ملڪ جي اترئين شهرن ۽ علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1565 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي هئي ساڳئي طرح 27 آگسٽ تي ختم ٿيل هفتي دوران ملڪ جي ڏاکڻين شهرن ۽ علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري جي ريٽيل قيمت 1539 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 0.53 سيڪڙو گهٽ آهي

بقايا 46 روزاني عبرت

ريگيوليٽري اٿارٽي(اوگرا) ايل پي جي جي قيمتن ۾ اضافي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو سومر ڏينهن جاري نوٽيفڪيشن مطابق گهريلو سلينڊر جي قيمت ۾ في ڪلو 4 رپيا 33 پئسن جو اضافو ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن مطابق ايل پي جي جي گهريلو سلينڊر ۾ اضافي کانپوءِ 11.8 ڪلو گرام جي ايل پي جي سلنڊر جي نئين قيمت 3 هزار 52 رپيا 9 پئسا ٿي وئي آهي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
1975ع کان 2026ع-51 سالن جو فرق
صفحو 4

نارا ايڪسپريس هاءِ وي: سنڌ جي نئين ترقياتي شاهراهه جو خواب!
رميش راجا
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — پهرين سيپٽمبر
صفحو 4

سنڌ جي ورهاڱي بابت سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ڪرائڻ خلاف ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران بائيڪاٽ

ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران عدالتي ڪارروايون جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري ڪورٽ جي احاطي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان سنڌ اسيمبلي ۾ نثار کهڙو پاران پيش ڪيل التوا واري تحريڪ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا: وڪيل اڳواڻ

سنڌ صدين کان هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت طور قائم آهي ورهاڱي بابت ڪنهن به قسم جي بحث يا تجويز جي اجازت ناهي

ميهڙ: نامور وڪيل اڳواڻ خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهن

ميهڙ(رپورٽ: نعمت الله مهيسر) سنڌ جي ورهاڱي بابت سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ڪرائڻ خلاف ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران عدالتي ڪارروايون جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري ڪورٽ جي احاطي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن دوران وڪيلن پاران سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج جي اڳواڻي وڪيل اڳواڻن عبدالخالق ٻگهيو، سعيد پنهور، شير علي چانڊيو، اعظم خاصخيلي، منصور چانڊيو، منصور جتوئي، باسط بروهي ۽ عامر منير لاشاري سميت ٻين وڪيلن ڪئي. ان موقعي تي وڪيلن سنڌ جي جاگرافيائي سالميت ۽ وحدت بابت پنهنجا خدشا ظاهر ڪندي سنڌ جي ورهاڱي واري ڪنهن به تجويز يا بحث کي رد ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙ وڪيلن خطاب ڪندي چيو ته "اسان سنڌ اسيمبلي ۾ نثار کهڙو پاران پيش ڪيل التوا واري تحريڪ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. سنڌ اسان جي ورهاڱي بابت ڪنهن به قسم جو بحث برداشت نه ڪيو ويندو سنڌ جي جاگرافيائي سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو. هنن چيو ته سنڌ صدين کان هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت طور قائم آهي تنهن ڪري سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪنهن به قسم جي بحث يا تجويز کي سنڌ جا ماڻهو قبول نه ڪندا. وڪيل اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪنهن به قسم جو بحث نه ڪرايو وڃي ۽ اهڙين تجويزن کان پاسو ڪيو وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث جو سلسلو جاري رکيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ وڌيڪ سخت احتجاجي حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي احتجاج دوران وڪيلن پاران سنڌ جي وحدت ۽ جاگرافيائي سالميت جي حق ۾ مختلف نعرا هنيا ويا، جنهن سبب ڪورٽ جو احاطو نعريبازي سان گونجي اٿيو

اوڏيرولال ۾ بهترين استاد تاج محمد جسڪاڻيءَ جي مان ۾ آجياڻو

استاد ان کي چئبو آهي، جيڪو قوم کي شعور ڏياري: اداس سولنگي

تاج محمد جسڪاڻيءَ جون تعليمي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن: گل حسن ٽگڙ

اوڏيرولال(ن ع) استاد ان کي چئبو آهي جيڪو قوم کي شعور ڏياري پگهار ۽ پنهنجي ترقيءَ لاءِ نوڪري ڪندڙ شخص ماستر هوندو محترم تاج محمد جسڪاڻيءَ جون تعليمي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن اهڙن خيالن جو اظهار تقريب جي خاص مهمان سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي اديب شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت ضلعي مٽياريءَ جي رابطا سيڪريٽري اداس سولنگي گل حسن ٽگڙ لائبريري پاران بهترين استاد تاج محمد جسڪاڻيءَ جي مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي صاحب رهاڻ تاج محمد جسڪاڻيءَ چيو ته دوستن جون ڏنل محبتون ۽ عزتون منهنجي حياتيءَ جو انمول تحفو آهن گل حسن لائبريري جي روح روان ۽ بهترين ليکڪ استاد گلشير ٽگڙ چيو ته تاج محمد جسڪاڻي تعليم جي حوالي سان هڪ شاندار ڪردار آهي تعليم جي ميدان ۾ سندس ڪوششون ڪاوشون اڻ وسرندڙ آهن ان موقعي تي گل شير ٽگڙ جلال ٽگڙ سهراب خان ٻاٽي علي شير ٽگڙ ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ تاج محمد جسڪاڻيءَ جي علمي خدمتن تي روشني وڌي ان موقعي تي معصوم ٻارڙن ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ بابو ٽگڙ ٻينجي تي خوبصورت ڌنون وڄائي تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

اوڏيرولال استاد جي مان ۾ ڏنل آجياڻي کي سنڌي ادبي سنگت مٽياري جو سيڪريٽري جو خطاب ڪندي

سنڌارجا ۾ وياج جو ڪاروبار ڪندڙ واپاري جو ظلم، متاثر هاري جو احتجاج

سنڌارجا(ن ع) سنڌارجا ۾ وياج جو ڪاروبار ڪندڙ واپاري جو ظلم،هاري جو ضمانت ۾ رکيل 150 گرام سون واپاري 35 لک روپين ۾ ڪپائي ڇڏيو سنڌارجا جي ڳوٺ فيض محمد راڄپر واسي هاري رسول بخش راڄپر پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڄاڻايو آهي ته اڍائي سالن جي ڏيتي ليتي دوران ضمانت طور وياجي واپاري جاويد نول وٽ رکيل 150 گرام سون ڪپائي ڇڏيو آهي متاثر هاري رسول بخش راڄپر صحافين آڏو ڄاڻائيندي چيو ته فصل جي ڪٽت (ڪلر ٻج) ورتو هيو ۽ ان جي ضمانت طور واپاري منهنجو سون رکيو هو جڏهن ته ڏيتي ليتي جو سلسلو اڍائي سالن کان هلندو رهيو ۽ سمورو فصل واپاري کي ڏئي ڇڏيو ۽ بقايا پئسا ۽ سون واپس گهريو ته وياجي واپاري جاويد نول آپي ڪان ٻاهر نڪري ويو ۽ منهنجي مٿان حملو ۽ گار گند ڪندو رهيو اهڙين شڪايتون برادرين وٽ ڪرڻ باوجود انصاف ناهي مليو ويتر بيپاري ڌوهاري ماڻهون گهرائي سون ۽ منهنجي گهر ڀاتين کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو هن واپاري منهنجو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ۽ سخت پريشان ۽ بي يارو مددگار بڻيل آهيان متاثر هاري جو چوڻ آهي ته هو غريب ماڻهو آهي هن هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي سون ۽ ڏيتي ليتي جو مڪمل حساب ڪتاب ڪرائي مبينا حملي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

ميهڙ جي مهيسر هائوس تي ميلادِ مصطفيٰ صه جي محفل

محفل دوران نعت خوانن بارگاهه رسالت صه ۾ عقيدت ۽ محبت جا گل نڇاور ڪيا

اسان کي گهرجي ته حضور صه جن جي ڏسيل واٽ تي هلندي پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنواريون: عالم

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ جشنِ عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ مهيسر هائوس تي نعمت الله مهيسر علامہ شعيب مهيسر ۽ جمشيد علي مهيسر پاران پُرنور ۽ روح پرور محفلِ ميلادِ مصطفيٰ صه منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ عاشقانِ رسول صه شرڪت ڪئي محفل دوران نعت خوانن بارگاهه رسالت صه ۾ عقيدت ۽ محبت جا گل نڇاور ڪندي سهڻيون نعتون پيش ڪيون جن تي شرڪت ڪندڙن درود و سلام پڙهندي ڀرپور عقيدت جو اظهار ڪيو ۽ محفل جو روحاني ماحول وڌيڪ پُرڪيف بڻجي ويو ان موقعي تي آيل مهمان علماءِ ڪرام علامہ شهباز مدني ۽ خصوصي مهمان علامہ زاهد محمود مدني آف حيدرآباد سميت شاهد ڏيٖبر عطاري، شهزاد شيخ عطاري، رفيق شيخ عطاري، صابر حسين آگرو عطاري، حسن پنهور عطاري، وقار ڪوسو عطاري، قاري مير محمد عطاري شڪيل شيخ عطاري، احمد علي شيخ مولوي مختيار چانڊيو ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي مهمان عالمن پنهنجي خطاب دوران حضور اڪرم صه جي سيرتِ مبارڪ ۽ تعليمات تي روشني وجهندي چيو ته اسان کي گهرجي ته حضور صه جن جي ڏسيل واٽ تي هلندي پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنواريون هنن چيو ته دنيا فاني آهي تنهن ڪري مسلمانن کي فضول ڪمن کان پاسو ڪري قرآن پاڪ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ نماز قائم ڪرڻ گهرجي، ڇو ته قرآن ۽ نماز ئي انسان جي فلاح ۽ ڇوٽڪاري جو ذريعو آهن محفل جي پڄاڻيءَ تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، خوشحالي ۽ مسلمانن جي ڀلائي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون جڏهن ته آخر ۾ ميلادِ مصطفيٰ صه جي بابرڪت موقعي تي آيل مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

ميهڙ جشنِ ميلاد النبي صه جي منعقد ڪيل تقريب جو ڏيک

سول اسپتال سکر ۾ بنيادي طبي سهولتن جي مبينا کوٽ خلاف مظاهرو

شهري اتحاد پاران اسپتال جي صورتحال خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب مريضن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهري اتحاد پاران سول اسپتال سکر ۾ بنيادي طبي سهولتن جي مبينا کوٽ، مريضن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ اسپتال جي صورتحال خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ شهري اتحاد جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ اسپتال ۾ علاج معالجي جون سهولتون بهتر بڻائڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاج جي اڳواڻي مولانا عبيدالله پٺو، ابو جنيد چوهان، عبدالحميد پٺو، خان محمد مگسي، زبير صديقي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ان موقعي تي مظاهرين مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪندي چيو ته سول اسپتال سکر علائقي جي غريب ۽ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ هزارين مريضن لاءِ علاج جو اهم مرڪز آهي پر اسپتال ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب مريضن ۽ سندن وارثن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو مظاهرين جو الزام هو ته اهي مسئلا پرنسپال ڊاڪٽر صالح محمد چنڊ جي غلط پاليسين سبب پيدا ٿي رهيا آهن. جنهن تي شهري اتحاد جي چيئرمين عبيدالله پٺو پرنسپال ڊاڪٽر صالح محمد چنڊ کي برطرف ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. مظاهرين جو چوڻ هو ته سرڪاري اسپتال ۾ علاج لاءِ ايندڙ غريب مريض اڳ ئي مالي مشڪلاتن جو شڪار هوندا آهن جڏهن ته سهولتن جي کوٽ، دوائن جي عدم فراهمي ۽ ٻين مسئلن سبب کين وڌيڪ پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. شهري اتحاد جي اڳواڻن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سول اسپتال سکر ۾ دوائن، طبي اوزارن، ڊاڪٽرن ۽ ٻين ضروري سهولتن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن شهرين کي بهتر ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ٿي سگهن. هنن چيو ته حڪومت ۽ صحت کاتي کي عوامي صحت جي مسئلي کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ گهرجي ۽ سول اسپتال جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي ضروري قدم کنيا وڃن. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ ۽ ٻين بنيادي مسئلن جو فوري ازالو نه ڪيو ويو ته شهري اتحاد پاران احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. مظاهرين اعليٰ اختيارين، صحت کاتي سنڌ ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته سول اسپتال سکر جو فوري معائنو ڪري درپيش مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن شهرين کي علاج معالجي لاءِ مشڪلاتن کي منهن نه ڏيڻو پوي.

ٽنڊوالهيار جي 26 يونين ڪائونسلن ۾ هلندڙ سال تائين ملين بجيٽ ۾ مبينا ڪرپشن وارو معاملو

ماهوار او زيڊ ٽي فنڊز مان لکين رپيا رشوت جي مد ۾ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ سميت ٻين آفيسرن کي پهچائڻ جا اطلاع

ضلعي جي بلدياتي ادارن کان آڊٽ جي نالي تي هر مهيني وڏي رقم وصول ڪري هڪ بااثر شخصيت کي پهچائي وڃي ٿي: ذريعا

فنڊز جي ٽين وال ٽيڻ جي ڪري عوامي فلاح جا منصوبا مڪمل طور تي ٺپ ٿي ويا آهن. ڪرپشن جي اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي وڃي: رهواسي

ٽنڊوالهيار(رپورٽ: راجہ ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار جي 26 يونين ڪائونسلن ۾ هلندڙ سال تائين ملندڙ 1 ارب 24 ڪروڙ روپين ۾ مبينا ڪرپشن وارو معاملو سرڪاري فنڊز جي استعمال ۾ سنگين بي ضابطگين جو انڪشاف ذريعن موجب گذريل سالن دوران سنڌ حڪومت کان ملندڙ ماهوار او زيڊ ٽي فنڊز مان لکين رپيا رشوت جي مد ۾ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ سميت سنڌ جي ٻين اهم آفيسرن تائين پهچايا ويندا رهيا آهن دستاويزي معلومات ۽ ڪيترن ئي ذريعن جو دعويٰ آهي ته ضلعي جي بلدياتي ادارن کان آڊٽ جي نالي تي هر مهيني وڏي رقم وصول ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته اهو به الزام آهي ته ان رقم جو هڪ حصو سنڌ حڪومت ۾ ويٺل هڪ بااثر شخصيت کي باقاعدگي سان گهر پهچايو وڃي ٿو. ذريعن جو چوڻ آهي ته ان آفيسر کي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ جي مڪمل آشيرواد حاصل آهي جنهن ڪري هي سلسلو سالن کان هلي رهيو آهي ملين چاڙهه موجب معاملي جي سنگيني جي پيش نظر اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته چيئرمين خلاف مبينا ڪرپشن تي انڪوائري شروع ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪرڻ جي هدايت تي مشتمل سمري فائل ڪئي وئي آهي ڪجهه چيئرمين علائقي جي بااثر شخصيت جي اجازت سان يونين ڪائونسل جا فنڊ ڪڍرائيندا آهن جنهن مان "سسٽم" کي به ادائيگي ڪئي ويندي آهي. مبينا ڪرپشن جا ثبوت ضلعي جي هر يونين ڪائونسل جي سطح تي موجود هجڻ جو دعويٰ ڪيو ويو آهي جڏهن ته انڪوائري ۾ 26 يونين ڪائونسلن جا مالي رڪارڊ، بل ۽ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ويندو انهي حوالي سان علائقي جي رهواسين شڪايت ڪئي آهي ته اڳ غريب خاندانن کي پاڻي جا نلڪا ۽ سلائي مشينون فراهم ڪيون وينديون هيون پر هاڻي اهي سهولتون به بند ڪري ڇڏيون آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته فنڊز جي ٽين وال ٽيڻ جي ڪري عوامي فلاح جا منصوبا مڪمل طور تي ٺپ ٿي ويا آهن هنن گهر ڪئي ته ضلعي جي 26 يوسين لاءِ ايندڙ عوامي فنڊن ۾ ڪرپشن جو نوٽيس وٺي ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي

جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي صوبائي وفد جو سکر جو تنظيمي دورو

گذريل 8 مهينن جي تنظيمي رڪارڊ، ڪارڪردگي ۽ ايندڙ لائحہ عمل جو تفصيلي جائزو

جماعت اصلاح المسلمين جو پيغام صرف ذات جي اصلاح تائين محدود ناهي: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي صوبائي وفد سکر جو تنظيمي دورو ڪيو جنهن دوران گذريل 8 مهينن جي تنظيمي رڪارڊ، ڪارڪردگي ۽ ايندڙ لائحہ عمل جو تفصيلي جائزو ورتو ويو صوبائي وفد ۾ پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان، فنانس سيڪريٽري خليفہ محمد اقبال سوهو، معاون صدر خليفہ نياز احمد راڄپر ۽ معاون صدر خليفہ اشرف جتوئي شامل هئا. وفد جي المرڪز انوار طاهريہ سائيٽ ايريا سکر پهچڻ تي ضلعي عهديدارن ۽ معاونن پاران سندن شاندار استقبال ڪيو ويو اجلاس دوران ضلعي صدر خليفہ محمود علي ميمڻ سياسنامو پيش ڪيو جڏهن ته جنرل سيڪريٽري حافظ جميل احمد گذريل 8 مهينن جي ڪارڪردگي ۽ تنظيمي رپورٽ پيش ڪئي. تنظيمي نشست کي خطاب ڪندي صوبائي پريس ترجمان ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته اسان جا قائد ۽ رهبر فخرِ انسانيت سجن سائين اسان کي اهڙو ڪردار ادا ڪندي ڏسڻ چاهين ٿا، جيڪو وطنِ عزيز پاڪستان جي ترقي خوشحالي، سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ سان گڏ تعليم ۽ صحت جي فروغ ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪري. هن چيو ته جماعت اصلاح المسلمين جو پيغام صرف ذات جي اصلاح تائين محدود ناهي، پر محبت، امن، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي خدمت کي عام ڪرڻ به ان جو مقصد آهي دين اسلام جو حقيقي پيغام رواداري ۽ خدمت خلق آهي جڏهن ته ڏکويل انسانيت جي خدمت ڪرڻ به عبادت جو اهم حصو آهي صوبائي وفد ضلعي سکر جي عهديدارن جي ڪوشش کي ساراهيندي تنظيمي نيٽ ورڪ کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ان موقعي تي آصف علي راڄپوت طاهري، صبغت الله ميمڻ طاهري، خليفہ حسيب احمد راهوجو طاهري، خليفہ مير محمد عباسي طاهري، نصيب احمد راهوجو طاهري، تاج محمد لکن طاهري، رضوان مصطفيٰ طاهري، خليفہ اعجاز علي منگي طاهري، حافظ محمد عمر طاهري، محمد خان عباسي ۽ علي خان عباسي پڻ شرڪت ڪئي. دوري جي پڄاڻي تي ملڪ جي سلامتي، استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي، امت مسلمہ جي اتحاد ۽ ڏکويل انسانيت جي ڀلائي لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي

سکر جماعت اصلاح المسلمين جو وفد دوري بعد ورتل گروپ فوٽو

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران آگاهي سيمينار ۽ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام

سڪرنڊ (ن ع) ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سڪرنڊ ۾ پرنسپال نورالامين راڄپوت ۽ گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج سڪرنڊ ۾ پرنسپال ميڊم خالده پروين چنڙ جي سهڪار سان آگاهي سيمينار ۽ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ڪيترن ئي نوجوانن ۽ نياڻين رت جو عطيو ڏنو هوڏانهن سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنہ ۽ انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي ٻنهين ڪاليجن ۾ وڃي ڪيمپن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد صادق سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تعليمي ادارن ۾ آگاهي سيمينار جو مقصد اهو هوندو آهي ته اڄ جو نوجوان ۽ نياڻي شاديءَ کان اڳ ٿيليسيميا جي ٽيسٽ لازمي ڪرائين جيڪا اسان وٽ ٿيليسيميا سينٽر تي مفت ڪئي ويندي آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته سينٽر تي سنڌ جي ڪنب ڪرڇ مان ايندڙ 28 سئو کان وڌيڪ ٻارڙا رجسٽرڊ آهن جن کي رت، دوا ۽ ڪاڏو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي جنهن تي پرنسپال نورالامين راڄپوت ۽ ميڊم فرح ديبا قادري الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اوهان انسانيت جي خدمت جو بهترين ڪم ڪري رهيا آهيو اهو ئي سبب آهي جو اسين هر سال بلڊ ڪيمپ ۽ آگاهي پروگرام رکندا آهيون ٻئي پاسي سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح پڻ بلڊ ڪيمپ جو دورو ڪيو


01-09-2026
ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63 Year
1958-2021

KARACHI DIPLOMATIC & SOCIAL ROUNDUP PAGE

“I HAVE GREAT LOVE FOR PAKISTAN AND ITS PEOPLE”

Sri Lankan Consul General SANJEEWA PATTIWILA chose Karachi over Japan, and says he has not regretted the decision for a single day

SPECIAL INTERVIEW

Interview & Photos: **JAVED IQBAL**

Sometimes, a country stops being merely a place on a map and becomes a place in the heart. For Sri Lankan Consul General Sanjeewa Pattiwila, Pakistan has become such a country.

When offered different options for his overseas posting, including Japan, Pattiwila chose Karachi by personal preference.

Arriving in Karachi on September 25, 2025, he has now spent almost eleven months in the city. Yet, he says, there has not been a single day when he regretted his decision.

Instead, what has impressed him most is the warmth of the Pakistani people and the ease with which personal relationships are established.

A career spanning public service and diplomacy

Pattiveela joined Sri Lanka's public service after completing his university education in 1999. He initially worked as an auditor before passing the Sri Lanka Planning Service examination in 2001.

> “I have great love for Pakistan, especially for the Pakistani people”

He later served at the Ministry of Tourism and moved to the Department of Commerce in 2005, reflecting his academic background in commerce and accountancy.

His first overseas assignment came in 2007 in Stockholm, Sweden, where he served as First Secretary (Commercial). He later served in Colombo, Kuala Lumpur and Riyadh. From 2014 to 2017, he served as Consular Commissioner at the Sri Lankan High Commission in Kuala Lumpur, while in 2019 he was appointed Minister (Commercial) at the Sri Lankan Embassy in Riyadh.

> “Cricket diplomacy can further strengthen the relationship between Pakistan and Sri Lanka.”

After returning to Sri Lanka in 2023, he was offered another overseas assignment in 2025. Japan was among the options, but he chose Karachi.

“Pakistanis have always been close to me”

Pattiveela says that throughout his career he had the opportunity to meet Pakistani diplomats and citizens in different countries, and he always felt a natural sense of closeness with them.

Whether in Sweden or Saudi Arabia, his interactions with Pakistanis were friendly and warm.

For this reason, he says, coming to Pakistan was not simply a professional decision. It was a place he genuinely wanted to experience.

A relationship rooted in history

Describing Pakistan and Sri Lanka as true friends and brotherly nations, Pattiveela says their relationship extends beyond contemporary political and economic ties.

He particularly highlights the Buddhist heritage connecting the two countries. The historic significance of Taxila and Gandhara, he says, provides a unique cultural and civilisational bridge between Pakistan and Sri Lanka.

He also remembers Pakistan's support for Sri Lanka during the difficult years of its civil conflict. According to him, Pakistan stood by Sri Lanka during a challenging period, for which the Sri Lankan people, government and armed forces remain deeply grateful.

Trade has enormous potential

Pakistan and Sri Lanka signed their Free Trade Agreement in 2005, but Pattiveela believes bilateral trade remains far below its potential.

With trade currently around US$500 million, he says both countries need to explore new markets, diversify products and increase business delegations.

> “Pakistan is a beautiful country, but its real beauty is its people.”

Sri Lanka exports products such as betel leaves, coconut-based goods and certain construction-related products to Pakistan, while Pakistan exports onions, potatoes, iron and steel, construction materials and pharmaceuticals to Sri Lanka.

He sees particular potential for Pakistani automobiles and motorcycles in Sri Lanka, where a significant number of vehicles are imported from abroad.

Tourism can bring people closer

Tourism is another area in which Pattiveela sees considerable opportunity.

He says approximately 20,500 Pakistanis visited Sri Lanka in 2025, while the number had already crossed 12,000 by the middle of the current year. He hopes the figure could reach 25,000 to 30,000 by the end of the year.

Social media, he believes, is increasingly strengthening tourism links. Visitors return with photographs and stories of Sri Lanka, encouraging friends and relatives to discover the island.

> “Sometimes one phone call is enough.”



Cricket diplomacy

Cricket remains one of Pattiveela's strongest memories of Pakistan.

The 1996 World Cup final in Lahore, between Sri Lanka and Australia, remains unforgettable for him. He vividly recalls the support Sri Lanka received from Pakistani spectators.

The early dismissals of Sanath Jayasuriya and Romesh Kaluwitharana created pressure, but Asanka Gurusinha and Aravinda de Silva steadied the innings. The partnership and Sri Lanka's eventual victory remain among his fondest memories.

For Pattiveela, cricket is more than a sport.

Education and maritime cooperation

Looking ahead, he identifies education as one of the most promising areas of cooperation.

Scholarships for Sri Lankan students in Pakistan and joint research between universities could create lasting people-to-people connections.

He also sees opportunities in maritime cooperation, noting that Karachi and Colombo ports are relatively close, with a sea journey of approximately three and a half to four days.

Culture, manufacturing, sports and tourism are other sectors where he believes cooperation can expand.

“I want to visit Hunza and Skardu”

Pattiveela has already developed a strong interest in Pakistan's natural beauty. He specifically mentions Hunza and Skardu, saying he has seen photographs of these spectacular destinations and hopes to visit them personally.

Pakistan, he believes, has extraordinary natural beauty that the world has yet to fully discover.

The people are Karachi's greatest attraction

For Pattiveela, however, the greatest attraction is not Pakistan's mountains, historic sites or cities it is its people.

He says establishing personal contacts in Pakistan is much easier than in many other countries.

People often tell him,

“You don't have to come.

I will come to you.”

That warmth and informality have deeply impressed him. Even on weekends, people are willing to make time for meetings and social interaction.

In less than a year, he says, he has developed personal relationships with many people in Karachi.

“Pakistan's real beauty is its people”

Asked what message he would like to give Pakistanis if the day ever comes when he has to leave the country, Pattiveela responds with words that go beyond diplomatic protocol.

He says the love, sincerity and hospitality of Pakistanis are memories he will always carry with him.

For Sanjeewa Pattiwila, Pakistan is no longer simply a diplomatic posting. It has become a place where he has found friendship, affection and genuine human connections.

Governments may establish relations between countries, but genuine friendship is born in the hearts of people. And that people-to-people friendship remains one of the greatest strengths of the enduring relationship between Pakistan and Sri Lanka.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو پهرين سيپٽمبر 2026ع

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو سنڌ اسيمبليءَ ۾ تازو اظهار هن خطي جي تاريخي ۽ آئيني احساسن جي عڪاسي ڪري ٿو سنڌ کي وڌيڪ صوبن ۾ ورهائڻ واري تجويز کي رد ڪندي وڏي وزير واضح ڪيو آهي تہ سنڌ جي انتظامي يا آئيني حيثيت بابت فيصلو ڪنهن ٻاهرين قوت، واپاري طبقي يا روڊن تي احتجاج ڪندڙ ڪنهن فرد جي مرضي سان نہ پر سنڌ اسيمبليءَ جي آئيني دائري اندر ٿيندو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي وڏي وزير جو چوڻ هو تہ لاهور جا واپاري ويهي اهو فيصلو نہ ڪندا تہ سنڌ کي ورهائڻ گهرجي يا نہ. هن موقف اختيار ڪيو تہ سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر ڪيترائي ڀيرا اهو فيصلو ڪري چڪا آهن تہ سنڌ جا حصا نہ ٿيندا. سندس چوڻ هو تہ نون صوبن بابت فيصلو هن ايوان ۾ ٿيندو، بحث بہ هتي ٿيندو ۽ فيصلو بہ هي ايوان ڪندو.

حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي وحدت جو سوال اڄ جو پيدا ٿيل مسئلو ناهي. ملڪ جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ مختلف دورن ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ ۽ سنڌ جي انتظامي وحدت کي متاثر ڪرڻ جون تجويزون سامهون اينديون رهيون آهن. سنڌ اسيمبليءَ جو تاريخي رڪارڊ ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ سنڌ جي چونڊيل نمائندن اهڙين تجويزن تي پنهنجي راءِ جو اظهار قراردادن ذريعي ڪيو آهي. 10 فيبروري 1948ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاق حوالي ڪرڻ واري معاملي خلاف قرارداد پيش ڪئي وئي. قاضي اڪبر جي جمع ڪرايل قرارداد محمد اعظم ايوان ۾ پيش ڪئي، جيڪا اڪثريتِ راءِ سان منظور ٿي. ان باوجود ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاقي علائقو بڻايو ويو. اهو واقعو سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم باب جي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ ڪراچي سنڌ جي تاريخي، معاشي ۽ انتظامي وجود سان صدين کان ڳنڍيل رهيو آهي. 6 مارچ 1954ع تي قومپرست اڳواڻ ۽ ان وقت جي اپوزيشن ليڊر سائين جي ايم سيد سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ قرارداد پيش ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي شهر ۽ ان سان لاڳاپيل وفاقي علائقو ٻيهر سنڌ ۾ شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. قرارداد ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ويو تہ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جا سبب اڻپورا هئا ۽ ان فيصلي سان سنڌ حڪومت کي گاديءَ جي هنڌ ۽ آمدنيءَ جي نقصان جو بہ ازالو نہ مليو. وقت گذرڻ سان گڏ سنڌ جي وحدت جو سوال بار بار سياسي بحث جو حصو بڻجندو رهيو. 25 سيپٽمبر 2014ع تي ڪراچيءَ جي امڪاني عليحدگي خلاف سنڌ اسيمبليءَ ۾ قرارداد منظور ٿي. ان کانپوءِ 16 سيپٽمبر 2019ع تي پڻ مختلف سياسي جماعتن سان تعلق رکندڙ ميمبرن جي صحيحن سان قرارداد منظور ڪئي وئي، جنهن ذريعي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري ڪنهن بہ تجويز کي رد ڪيو ويو. هاڻي 21 فيبروري 2026ع تي سنڌ اسيمبليءَ هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچيءَ بابت پنهنجو موقف واضح ڪيو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه طرفان پيش ڪيل قرارداد متفقہ طور منظور ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ جو تاريخي آئيني ۽ انتظامي حصو قرار ڏيندي ان جي حيثيت ۾ ڪنهن بہ هڪ طرفي تبديليءَ کي ناقابلِ قبول قرار ڏنو ويو.

هيءَ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سنڌ جي وحدت جو مسئلو ڪنهن هڪ جماعت يا حڪومت تائين محدود ناهي رهيو. مختلف سياسي دورن ۾ مختلف جماعتن سان تعلق رکندڙ چونڊيل نمائندن سنڌ جي انتظامي وحدت بابت پنهنجو موقف ايوان اندر پيش ڪيو آهي. تنهن ڪري موجوده بحث کي بہ جذبات کان وڌيڪ آئيني، جمهوري ۽ تاريخي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي ساڳئي وقت اهو بہ ضروري آهي تہ سنڌ جي وحدت جي ڳالهہ ڪندي سنڌ جي اندروني مسئلن کان اکيون نہ ٻوٽيون وڃن. ڪراچي هجي حيدرآباد، سکر يا لاڙڪاڻو ٿر هجي يا ڪاڇو سنڌ جي هر علائقي کي برابر ترقي، بهتر تعليم، صحت، روزگار، صاف پاڻي، مضبوط مڪاني ادارن ۽ بنيادي سهولتن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ محرومي آهي تہ ان جو حل ورهاڱو نہ پر بهتر حڪمراني، منصفاڻي وسيلن جي ورڇ ۽ مؤثر انتظامي نظام آهي.

لطيفي لاٽ ــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڳُلِ ڳانَا يَاقُوتَ جَا، مُوتِي مَڇِهين مَالَ،
قُطِيفِي جِي ڪَرَهَا، هَيدِي پَائِيِين حَالَ،
چَنِدَنُ چَارِيَئِين جَالَ، جَي مُون رَاتِ رَسَائِين.

لطيف سائين اٺ کي تمام وڏيون آڇون ٿي رهيو آهي هي اهو زمانو آهي جڏهن اٺ، گهوڙي جو ماڻ هو ۽ تڏهن جا حڪمران ۽ سرنديءَ وارا شوقين ماڻهو پنهنجي سواري يا چڙهي لاءِ ڏاڍيل اٺ، گهوڙي جي سينگار لاءِ اهڙا ساز سامان رکندا هئا. تڏهن ٿي لطيف سائين اٺ کي پرپائي ٿو تہ توکي اطلس ۽ بخمل جون جهلون پارائي، تنهنجي ڳچيءَ ياقوت، موتين مڻين ٿهيل ڳانن سان هاڻي جو هاڻي پري ٿو چڙيان تون صرف مون کي راتو واهہ پرين وٽ پهچاءِ تہ توکي چندن چرڻ لاءِ جيڪ چڙي ڏيان. تون کليو چندن ڪائيندو وتنا آخر اهڙي ڪهڙي ڏيٺي پئي لطيف سائينءَ کي جو اٺ کي ايلو پرپائي ٿو. ڪيس سينگارڻ سنوارڻ لاءِ شاهي سواري وارا ساز سامان ٿو پارائيس! اهو لاچار آهي محبوبن سان ملڻ جو، پرين وٽ پهچڻ جو اها پيار محبت ۽ عشق ۾ سچائي جي سڃاڻپ آهي. سڄڻ وٽ ٻنا دير پهچڻ جي آنڌ مانڌ آهي ٻي ڪا ڳالهہ ڪو ويچار ذهن ۾ جاءِ ٿي والاري نٿو سگهي اها آهي پنهنجي محبوب سان محبت، پيار ۽ لاڳاپي جي سچائي ۽ ڪمٽمينٽ.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سنڌ ۾ قبائلي جهيڙن جو انت ڪڏهن ايندو؟


محمد اسماعيل لانگاهه

دادو ضلعي ۾ ويڙهاند جو سلسلو نئون ناهي قبائلي جهيڙن ۾ 80 واري ڏهاڪي کان وٺندي هن مهل تائين انهن جهيڙن ۾ ڪا بہ مانار نہ اچي سگهي آهي جنهن قانون جي سٽئين سٽي ڪمزوري نظر اچي ٿي ڇو تہ دادو ضلعي ۾ هٿيارن جو ڪاروبار عروج تي پهتل آهي جهيڙن ۾ ملوث ماڻهن وٽ جديد ۽ خوفناڪ اسلحو ڪٿان اچي ٿو؟ انهيءَ حوالي سان ڪابہ ڪاروائي عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي گذريل ڏينهن ڪجهي جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ئي برادريءَ جي ماڻهن ۾ ٿيل ويڙهاند 10 انسانن جون زندگيون گولين جو ڪاچ بڻائي ڇڏيون افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌ جو هر باشعور ماڻهو حڪمرانن کان هر وقت اهو سوال پڇي ٿو تہ سنڌ ۾ جهيڙن جي ٻريل باهہ جو انت ڪڏهن ايندو؟ سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ محبت، مهمان نوازي، رواداري، صوفي فڪر ۽ امن پسند آهي هيءَ اها ڌرتي آهي جتي شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ انسان کي انسان سان محبت ڪرڻ، نفرتن کان معائون ٿيڻ ۽ امن جي واٽ اختيار ڪرڻ جو درس ڏنو هو پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اڄ سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ قبائلي تڪرارن، پراڻين دشمنين ۽ خانداني جهيڙن جي باهہ نہ رڳو گهرن جا ڏيئا وسائي رهي آهي پر سماج جي مجموعي امن ۽ مستقبل کي بہ خطري ۾ وجهي رهي آهي اهو سوال رڳو انهن خاندانن جو ناهي جن جا پيارا جهيڙن ۾ مارجي وڃن ٿا، پر اهو سوال هر شعور رکندڙ ماڻهوءَ جو آهي

سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ قبائلي جهيڙا اڄ جا پيدا ٿيل مسئلا ناهن ڪجهہ تڪرار زمين، پاڻي، رستي، ذاتي دشمني يا پراڻي رنجش مان شروع ٿين ٿا ۽ پوءِ آهستي آهستي ٻن خاندانن، برادرين وچ ۾ اهڙي دشمني بڻجي وڃن ٿا، جيڪي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ٿين ٿا. هڪ نسل جي غلطيءَ جو بدلو ٻيو نسل وٺي ٿو، پوءِ ٽيون نسل ان جو بدلو وٺڻ کي پنهنجو فرض سمجهي ٿو اهڙي طرح هڪ معمولي تڪرار رت جي اهڙي زنجير ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو جنهن جي ڪا پڇاڻي نظر نٿي اچي سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ ڪيترائي نوجوان اهڙين دشمنين ۾ پنهنجي زندگي وڃائي ويهن ٿا، جن جي شروعات وقت جي ڌنڌ ۾ گم ٿي چڪي هوندي آهي کين ايترو بہ معلوم نہ هوندو آهي تہ اصل جهيڙو ڪنهن ڳالهہ تان شروع ٿيو هو پر کين اهو ضرور ٻڌايو ويندو آهي تہ 'هو اسان جا دشمن آهن'، اهو ئي سوچڻ جو مقام آهي بندوق مسئلو حل نٿي ڪري سگهي پر اسان جي سماج ۾ ڪڏهن ڪڏهن هٿيار کي عزت ۽ طاقت جي علامت طور پيش ڪيو ويندو آهي حقيقت اها آهي تہ بندوق ڪنهن مسئلي جو مستقل حل نٿي ڏئي بندوق هڪ ماڻهوءَ کي خاموش ڪري سگهي ٿي پر دشمنيءَ کي ختم نٿي ڪري سگهي هڪ قتل جي جواب ۾ ٻيو قتل ٿئي جي جواب ۾ ٽيون قتل ۽ پوءِ بدلي جو سلسلو جاري رهندو آهي نتيجي ۾ خاندان تباهہ ٿيندا آهن عورتون بيواهہ ٿينديون آهن ٻار يتيم ٿيندا آهن ۽ نوجوان پنهنجي تعليم، روزگار ۽ مستقبل کان محروم ٿي ويندا آهن هڪ گولي صرف هڪ انسان کي نٿي ماري پر اها هڪ خاندان جي معاشي حالت، ٻارن جي مستقبل ۽ پوري علائقي جي امن کي ختم ڪري ڇڏي ٿي قبائلي جهيڙن جو نقصان صرف ٻن ڌرين تائين محدود نٿو رهي جڏهن ڪنهن علائقي ۾ مسلسل ڇڪتاڻ هجي ٿي تہ اتي عام زندگي بہ متاثر ٿئي ٿي

اسڪول بند يا غير محفوظ ٿي وڃن ٿا، ماڻهو بازارن ۾ وڃڻ کان لنوائين ٿا، واپار متاثر ٿئي ٿو، زمينون آباد ٿيڻ کان رهجي وڃن ٿيون، نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا گهٽجن ٿا، عورتون ۽ ٻار خوف جي ماحول ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ٿين ٿا، هڪ علائقو جيڪو ترقي ڪري سگهي ٿو، اهو دشمنين جي ور چڙهي سالن لاءِ پوئتي هليو وڃي ٿو انهيءَ ڪري قبائلي جهيڙو ڪنهن هڪ خاندان جو ذاتي مسئلو نہ پر سڄي سماج جو مسئلو آهي جهيڙن جي خاتمي لاءِ سڀ کان اهم سوال قانون جي حڪمرانيءَ جو آهي جيستائين ماڻهن کي اهو يقين نہ ٿيندو تہ انصاف بندوق، بااثر شخص يا قبائلي طاقت بدران عدالت ۽ قانون جي ذريعي ملندو، تيستائين ماڻهو پاڻ انصاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا جيڪڏهن هڪ قتل جو جواب قانوني طريقي سان جلدي غيرجانبداريءَ سان ملي ٿو تہ جيڪڏهن ڏوهاري ڪيترو بہ طاقتور ڇو نہ هجي، قانون جي گرفت کان بچي نہ سگهي تہ پوءِ بدلي جي ضرورت پاڻمرادو گهٽجي سگهي ٿي پر جيڪڏهن ڪنهن مقتول خاندان کي سالن تائين انصاف لاءِ در در ڀٽڪڻو پوي تہ پوءِ مايوسي ۽ انتقام جي سوچ وڌيڪ مضبوط ٿيندي آهي رياست جي ذميواري صرف پوليس مقرر ڪرڻ يا ڪيس داخل ڪرڻ تائين محدود ناهي رياست کي ماڻهن ۾ اهو اعتماد پيدا ڪرڻو پوندو تہ انصاف زنده آهي ۽ قانون سڀني لاءِ برابر آهي سنڌ جي سماج ۾ جرڳن ۽ وڏڙن جو پاڻ ۾ گڏ ويهي تڪرار ختم ڪرڻ جي روايت پراڻي آهي ڪيترن ئي موقعن تي بزرگ ۽ معزز ماڻهو ٻن ڌرين کي هڪ هنڌ ويهاري صلح ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا جيڪڏهن صلح جو مطلب اهو هجي تہ ٻنهي ڌرين کي عزت سان ويهاري، نقصان جو ازالو ڪرائي، مستقبل جي دشمني ختم ڪرائي ۽ قانوني دائري اندر معاملو حل ڪرايو وڃي تہ اهڙي سماجي ڪوشش امن لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي اسان کي پنهنجي ٻارن کي اهو سيکارڻو پوندو تہ عزت ڪنهن کي مارڻ ۾ ناهي، بلڪہ عزت ڪنهن جي زندگي بچائڻ ۾ آهي ۽ بهادري دشمن پيدا ڪرڻ ۾ ناهي پر بهادري دشمن کي دوست بڻائڻ ۾ آهي

1975ع کان 2026ع - 51 سالن جو فرق

مير اعظم علي ٽالپر

هاڻي ٽي، زمانا هاڻيا اڄ جڏهن هيءَ تحرير قلمبند ٿي رهي آهي تہ 31 آگسٽ 2026ع سومر جو ڏينهن آهي ۽ جڏهن وري اوهان هي پڙهي رهيا آهيو تہ پهرين سيپٽمبر 2026ع آڱاري جو ڏينهن آهي. اڄ کان پورا 51 سال اڳ 1975ع جي هنن ئي ڏينهن دوران سنڌ ۾ تباهہ ڪندڙ ٻوڏ آيل هئي. آهي ڪنهن کي ياد؟ اُن سال جولاءِ کان 29 آگسٽ جمع ڏينهن تائين، اڄ بہ راقم کي ياد آهي تہ حيدرآباد ۾ تيز برسات پئي هئي پر ٻوڏ جو سبب دريائي وهڪرو ۽ جبلن تان ايندڙ پاڻي نيٺ ۽ نئين گاج جي پاڻي اچڻ سبب مالي تہ مالي پر جاني بہ گهڻو نقصان ٿيو هو ڪيترائي بند ٽٽي پيا هئا ۽ بندن ڀڄڻ سبب فصلن کان وٺي هر هنڌ تباهي ۽ نقصان پهتو. البتہ هن سال نيپال ۾ گاديءَ واري شهر ڪٺمنڊو کان بہ اڳتي ڪلاڪن جي پنڌ تي جيڪا خوفناڪ تباهي ٿي آهي، اُن کان رب پناهہ ڏي. نيپال ۾ آيل ٻوڏ جو ڪارڻ رڳو ماحولياتي تبديلي ۽ تيز برساتون ناهن، پر ترقيءَ جي نالي ۾ هندستان جي چين سان لڳندڙ صوبي اتراکنڊ جي جبلن اندر ٿيندڙ کوٽائي ۽ جبلن جي قدرتي بناوت سان هٿ چراند پڻ ان جو هڪ اهم سبب آهي. جنهن جي نتيجي ۾ جبل جي ڪرنگهي جهڙي هڏي پڇي پوڻ سان جبل مٿان کان ڪمزور ٿيڻ لڳن ٿا. ٻئي طرف، چين ۾ بہ جبلن کي ٽوڙي رستا ٺاهڻ جو ڪم جاري آهي. ان سان گڏ، تبت ۽ چين جي علائقن مان گليشيئر ٽٽڻ ۽ انهن جو پاڻي هيٺاهين علائقن ڏانهن اچڻ سبب نيپال ۾ وڏي تباهي آئي.

بهرحال ڏسندي ڏسندي اکين اڳيان اڄ پهرين سيپٽمبر 1975ع کان وٺي پهرين سيپٽمبر 2026ع تائين 51 سال گذري ويا. ظاهري طور تي 51 سال هڪ وڏو عرصو آهي پر راقم لاءِ جمعو جمعو اٺ ڏينهن جي ڳالهہ آهي. اُن وقت راقم زندگي جون 21 بهارون ڏسي چڪو هو. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ جڏهن راقم جي پيدائش 1954ع ۾ ٿي هئي تہ اُن سال بہ سنڌ ۾ تمام وڏي ٻوڏ آئي هئي. ڳوٺ وارا سڀ ٽنڊو جام ۽ حيدرآباد کان ميرپورخاص هليا ويا هئا. جڏهن تہ هاڻي راقم جي عمر 72 سال آهي. جيڪڏهن حساب ڪجي تہ 1975ع ۾ پيدا ٿيل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بہ والدين بڻجي چڪا هوندا ۽ هنن لاءِ 51 سال بہ ڊگهو عرصو آهي. پر اڄ کان 51 سال پهرين اڄڪلهہ جهڙو ماحول نہ هو. نہ موبائيل هو ۽ نہ ئي فيس بُڪ هو موبائيل جو ڪم پاڪستان پوسٽ آفيس ذريعي خط سان ٿيندو هو ۽ فيس بُڪ جو اُن وقت پراڻو نالو 'قلمي دوستي' هوندو هو.

اڄ کان 51 سال اڳ پيار جو پرڻو ڪرڻ وارن لاءِ پيار جي پرڻي وارو فارمولو ايجاد نہ ٿيو هو ۽ نہ ئي اُن زماني ۾ لَوَ مئريج جو رواج هو. اُن ڪانسواءِ ڪورٽ ۾ نڪاح ڪرڻ جا بہ دروازا اجا نہ کليا هئا، البتہ 'تن ڪپڙن ۾ گهران نڪتي آهيان' جهڙا اشتهار اخبارن ۾ ايندا هئا. اُن ڪري 51 سال اڳ وارو ماحول موجوده ماحول کان گهڻو مختلف هو. 1975ع ۾ سنڌ ۾ تمام گهڻا مينهن وٺا هئا، ٿر بہ سائو ٿي چُڪو هو ۽ راقم جو ٿر جي گيٽ وي شهر عمرڪوٽ ۾ پهرين سيپٽمبر 1975ع تي وڃڻ ٿيو هو. جنهن لاءِ قلمي دوستي وارو سڏ هو. ميرپورخاص کان شادي پلي تائين راقم جا بہ ماسات مير علي مدد خان ٽالپر ۽ مير غلام مصطفيٰ ٽالپر بہ گڏ هئا. عمرڪوٽ شهر ۾ شاهي بازار کان داخل ٿيڻ سان تارا چند منائي واري دڪان تان ريڊيو تي هڪ گانو هلي رهيو هو 'مين تيري اجنبي شهر مين تجهي ڍونڊتا هي پهر رها هون، مجهہ ڪو آواز دي' آخرڪار اجنبي ملي ويو ۽ اُن پهرين سيپٽمبر تي عمرڪوٽ ۾ سخت گرمي هئي ۽ برسات جو ماحول هو پر بارش نہ پئي، ٻئي ڏينهن 2 سيپٽمبر آڱاري تي سخت برسات عمرڪوٽ ۾ ساڍي 12 وڳي پئي، اُن وقت اسڪولن کي موڪل ٿي هئي، ٻار برسات ۾ وهنجندا گهر اچي رهيا هئا. اُن زماني ۾ عمرڪوٽ ۾ باقائده بجلي نہ هوندي هئي. رات جو 12 وڳي جنريٽر بند ٿي ويندو هو سيپٽمبر جنهن کي "ستمگر مهينو" پڻ سڏيو ويندو آهي. اُن جي ٽين تاريخ صبح سوير اربع ڏينهن ٿر جي گيٽ عمرڪوٽ کي الوداع چئي موڪلايو تہ بس ۾ ٽيپ رڪارڊ تي گانو هلي رهيو هو 'لي جا ميري دعائين پرديس جاني والي' بهرحال اُن ئي سال ميرپورخاص- عمرڪوٽ روڊ صوفي فقير وارو ٺهيو هو اُن کان اڳ سامارو ۽ ڪنري وارو روڊ هوندو هو. عمرڪوٽ جا اهي بهترين ماڻهو هئا، جيڪي پيار، محبت ۽ قرب ڏيڻ وارا هئا پر سڀ ڪجهہ وقت جي هٿن ۾ هوندو آهي ۽ وقت بہ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ظالم ثابت ٿيندو آهي. اُن ڪري هڪ گانو مشهور آهي تہ 'وقت ڪرتا وفا تو آپ هماري هوتي' اُن ڪانسواءِ هٽن کي 'مايوسيءَ جا هٽ' بہ چيو ويندو آهي. سو مايوسيءَ جا هٽ مهنگي موٽي اڄڻ بہ، سائين مٺل جسڪاڻيءَ جي بقول، 'سفر بخير' آهي.

اتفاق سان اُن سال سنڌ ۾ برسات دوران، عبرت فلم ايڊيشن جي انچارج شهزادي گلفام جو تحرير ڪيل مشهور ڊرامو 'رک مولا تي' سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پيش ڪرڻ کانپوءِ 2 سيپٽمبر آڱاري ڏينهن ٺٽي شهر ۾ اسٽيج ڪيو ويو هو. ڊرامي کي اسٽيج ڪرڻ لاءِ حيدرآباد کان فنڪار وين ۾ ٺٽي پهرين سيپٽمبر تي ويا هئا ۽ ٽي سيپٽمبر تي وين ۾ واپس اچي رهيا هئا تہ جهرڪ وٽ وين حادثي جو شڪار ٿي وئي، ڇو تہ جهرڪ وٽ جبلن کان پاڻي تمام تيز وهڪري سان هيٺ وهندو آيو ۽ روڊ تي هر شيءِ کي پاڻ سان گڏ هيٺ لوڙهي ڪٺي وڃي رهيو هو اُن ۾ ڊرامي 'رک مولا تي' جو هدايتڪار ۽ پيشڪار عبدالغفور سومرو پاڻي جي تيزي ۾ بيٺي بيٺي ڏسندي پير ترڪڻ سبب لڙهي ويو ۽ اُن جي زندگي ڪير بہ بچائي نہ سگهيو ۽ اُن جي ميت ٽن ڏينهن کانپوءِ هيٺان هڪ ڪاهيءَ مان ملي. عبدالغفور سومرو هڪ غريب ۽ يار ويس انسان هو. غير شادي شده نوجوان هو. سندس گهر ڪاهي روڊ تي هو جتي جهوپڙا هوٽل، سومرا مسجد ۽ حڪيم ايم ايچ سومرو جو دوا خانو هوندو هو. عبدالغفور سومرو جي والده شايد ڪنهن اسڪول ۾ ملازم هئي، جنهن سان راقم سميت شهزادي گلفام ۽ ٻين هن اوچتي حادثي ۾ عبدالغفور سومرو جي وڇوڙي تي تعزيت ڪئي. شهزادي گلفام پنهنجي حياتي ۾ راقم کي ڊرامي 'رک مولا تي' جي اهم ڪردار راجو البيلو لاءِ چيو هو تہ اُن جي ڪا خبر چار معلوم ڪجي، پر ڪا خبر نہ پئي ۽ تازو عبرت جي نمائندي ڳاڙهي شهر مان فيض سنڌي ٻڌايو تہ راجو البيلو منهنجو بہ دوست هو. سندس نالو هارون ذات جو جاکرو هو ۽ چار سال ٿيا گذاري ويو آهي. جهمپير جو هو ۽ فيض سنڌي جهرڪن وٽ 1975ع جي حادثي جو ٻڌايو تہ سيپٽمبر کان اڳ ٺٽي ۾ ٻوڏ جي صورتحال هئي ۽ ٽرئيفڪ کي بند ڪيو ويو. بند بہ ٽٽو هو. فيض سنڌي اِهو بہ چيو تہ جنهن وقت واقعو پيش آيو هو. چون ٿا اُن وقت برسات بند هئي، پر بند ٽٽڻ سبب اٿين ٿيو هو اُن ڪانسواءِ ليکڪ ۽ شاعر سائين عزيز سولنگي بہ انتهائي بهترين نموني ٻڌايو تہ 1975ع ۾ هن علائقي ۾ ٻوڏ هئي ۽ اُن ڪانسواءِ سنڌ ۾ سيلاب هو. سائين عزيز سولنگي اِهو ٻڌايو تہ پاڻي جا وهڪرا تمام تيز ۽ تکا هئا ۽ جاني نقصان بہ گهڻو ٿيو هو. ٽنڊو الهيار مان قلمن، ڊرامن ۽ گانن سان چاهہ رکندڙ سائين اقبال جروار راجو البيلي لاءِ ٻڌايو تہ هُو سندس تمام گهاٽو يار هو. ڪجهہ سال اڳ گذاري ويو آهي، بقول سائين اقبال جروار تہ راجو البيلو 'رک مولا تي' جو روح روان هو.

بهرحال ماضي وارا 51 سال ياد ڪجن تہ اُن سال 1975ع دوران ٻوڏ جي نقصان ۾ راقم جي ماسات مير غلام مصطفيٰ ٽالپر جو گهڻو نقصان ٿيو هو سندس وونئڻ ۽ مرچ بلڪل تباهہ ٿي ويا هئا، مختلف تباهڪارين سان مال ۽ جان جو نقصان ٿيو هو پر هن سال 2026ع جولائي، آگسٽ دوران ڪابہ خاطر خواهہ مينهن وس سنڌ ۾ نہ ٿي آهي، اِهو ماحولياتي تبديلي جو اثر آهي. برسات نہ پوڻ سبب ٿر ۾ ڏڪار ۽ خشڪ ساليءَ جا آثار وڌي رهيا آهن. گاهہ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب مسڪين ماروئڙن جي حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ جو وڏو امڪان آهي. اڄ سيپٽمبر جي پهرين تاريخ آهي. هاڻ برسات بڌي مهيني جي پوندي. اُن سان ڪو فائدو نہ ٿيندو. ٻئي طرف، سنڌ ۾ مسلسل هلندڙ ڏکڻ جي هوائن سبب سارين جو فصل بہ خاطرخواهہ ٿيڻ جو امڪان گهٽ نظر اچي ٿو. وڏي ڳالهہ اِها آهي تہ ٽنڊي محمد خان جي واپارين، آبادگارن، زميندارن ۽ هارين کان سارين جي خريداريءَ بابت هڪ عجيب منطق تحت ايس او پي جاري ڪئي وئي آهي. هي هدايت نامو ٽنڊي محمد خان جي سارين جي مل مالڪن ۽ ڪارخانيدارن طرفان جاري ڪيو ويو آهي.

(1) موسچر 18 سيڪڙو فري، اُن بعد ڪٽوتي ٿيندي. (2) باردانو مالڪ جو هوندو تہ تور 40 ڪلو باردانو سميت ڪئي ويندي. (3) باردانو مل جو هوندو تہ 41 ڪلو تور ورتي ويندي. (4) مل خرچ 25 روپيا في مڻ ورتو ويندو (5) سارين جي رقم اٺن ڏينهن ۾ ادا ڪئي ويندي.

بهرحال هيءَ سڀ فرق زماني جو آهي. جيڪو 1975ع کان هلندي 2026ع تائين پهتو آهي. 51 سالن جو فرق صاف ظاهر آهي.

نارا ايڪسپريس هاءِ وي: سنڌ جي نئين ترقياتي شاهراهہ جو خواب!

رميش راڄا

سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ پاڻيءَ سان واڳيل آهي سنڌو درياهہ هن خطي کي رڳو سيراب نہ ڪيو پر هتي جي تهذيب، تمدن، زراعت، آبادي، واپار ۽ ثقافت کي جنم ڏنو انهن ئي قديم آبي رستن مان نارا هڪ اهڙو منفرد وهڪرو آهي جنهن جي ڪهاڻي جديد آبپاشي نظام کان گهڻو اڳ شروع ٿئي ٿي تاريخي طور نارا ڪو روايتي انجنيئرڊ ڪئنال نہ پر سنڌوءَ جي ٻوڏن جو قدرتي رستو، آبگير وهڪرو ۽ قديم هاڪڙي جي دريائي نظام جو ڏاڪڻو تسلسل هو جڏهن سنڌوءَ ۾ ٻوڏ ايندي هئي تہ واڌو پاڻي هن قدرتي رستي وسيلي ڏکڻ طرف وڌندو، نارا ۽ پورو پراڻ مان گذرندو ڪوري ڪريڪ ۽ اڳتي رڻ ڪڇ ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکندو هو اهڙيءَ ريت نارا رڳو پاڻيءَ جو وهڪرو نہ هو پر سنڌ جي فطرت، جاگرافي ۽ انساني زندگيءَ جي وچ ۾ هڪ قدرتي پل هو 19هين صديءَ ۾ انگريزن هن قدرتي وهڪري جي آبپاشي اهميت کي محسوس ڪندي ان کي انجنيئرنگ جي ذريعي منظم ڪيو ۽ روهڙي پرسان سنڌوءَ سان ان جو رابطو قائم ڪيو پوءِ وقت سان گڏ نارا جي شڪل بدلجندي وئي ۽ 1932ع ۾ سکر بئراج جي تعمير کانپوءِ اهو سنڌ جي سڀ کان اهم مستقل آبپاشي واهن مان هڪ بڻجي ويو اڄ نارا ڪئنال 226 ميل يعني تقريباً 364 ڪلوميٽر ڊگهو آهي ان جي ڊيزائين ڊسچارج 13 هزار 6 سئو 49 ڪيوسڪ ۽ مجموعي ڪمانڊ ايريا 22 لک ايڪڙن کان وڌيڪ آهي اهي انگ اکر نارا جي عظمت جو رڳو هڪ پاسو ظاهر ڪن ٿا، اصل ۾ نارا ڪئنال سنڌ جي زرعي معيشت جي هڪ اهڙي رڳ آهي جنهن سان لکين ماڻهن جي روزگار ۽ زندگيءَ جو واسطو آهي

سکر کان رڻ ڪڇ تائين نئين تصور جي شاهراهہ: قديم نارا جو قدرتي وهڪرو موجوده 364 ڪلوميٽر واري ڪئنال تائين محدود نہ هو تاريخي حوالن ۾ روهڙي کان رڻ ڪڇ تائين ان جي ڊگهي وهڪري جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو پورو پراڻ ۽ ڪوري ڪريڪ جي نظام سان ڳنڍيل هو ان ڪري جديد دور ۾ نارا جي تاريخي ۽ جاگرافيائي محور کي سامهون رکندي سکر کان رڻ ڪڇ تائين لڳ ڀڳ 500 کان 560 ڪلوميٽر جي هڪ وسيع ترقياتي ڪوريڊور جو تصور پيش ڪري سگهجي ٿو اهڙي پسمنظر ۾ نارا ايڪسپريس هاءِ وي جو تصور سنڌ لاءِ رڳو نئين روڊ جي تعمير نہ پر هڪ نئين معاشي ۽ سماجي جاگرافي جي تخليق ٿي سگهي ٿو جيترو ممڪن ٿي سگهي نارا ڪئنال جي ٻنهي ڪنارن سان گڏ ترقي ڪئي وڃي پر ڪئنال جي حفاظتي بندن، آبپاشي جي رستي، ٻوڏ جي سطح، آباديءَ، زرعي زمين ۽ ماحولياتي حساس علائقن کي نظر ۾ رکندي مناسب فاصلي ۽ محفوظ الائنمينٽ جو تعين ڪيو وڃي جتي ضرورت هجي اتي ڊبل ڪيريج وي، ڪنٽرولڊ ايڪسس روڊ، انٽرچينجز، پلون، سروس روڊ ۽ ڳوٺن کي ڳنڍيندڙ رابطا روڊن جو مربوط نظام قائم ڪري سگهجي ٿو

سنڌ جي زراعت لاءِ معاشي رڳ: نارا ايڪسپريس هاءِ وي جو سڀ کان مضبوط جواز سنڌ جي زراعت ٿي سگهي ٿي نارا جي وسيع آبپاشي نظام سان لاڳاپيل لکين ايڪڙ زمين، فصلن، باغن ۽ زرعي پيداوار سان آباد آهي پر زرعي ترقي رڳو پاڻيءَ سان ممڪن نہ ٿي سگهي ٿي آبادگار جي پيداوار کي منڊي، منڊي کي صنعت ۽ صنعت کي قومي ۽ عالمي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ لاءِ تيز، محفوظ ۽ جديد ٽرانسپورٽ ضروري آهي نارا ڪوريڊور سان گڏ مختلف هنڌن تي زرعي لاجسٽڪ پارڪ، ڪولڊ اسٽوريج، گودام، گريڊنگ ۽ پيڪنگ سينٽر، فوڊ پروسيسنگ يونٽ، مال بردار ٽرمينل ۽ جديد زرعي منڊيون قائم ڪري سگهجن ٿيون خيرپور کي کجين جي پيداوار ۽ برآمد جو عالمي مرڪز بڻائڻ ٽوڙي سانگهڙ ۽ ڀرپاسي ۾ ڪپهہ، ڪڻڪ، ڪمند، مرچن ۽ ٻين فصلن لاءِ پروسيسنگ ۽ مارڪيٽنگ جا مرڪز قائم ڪرڻ ميرپورخاص کي انب ۽ باغباني جي پيداوار لاءِ جديد زرعي لاجسٽڪ هب بڻائڻ ۽ عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ۾ مالوند، کير، چمڙي ۽ ٿرجي روايتي شين لاءِ نيون منڊيون پيدا ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو

پاڻي، ريگستان ۽ جهنگلي جيوت جو سفر: نارا ڪوريڊور جي سڀ کان وڏي ڪشش ان جو منظرنامو ٿي سگهي ٿو دنيا ۾ اهڙا رستا گهٽ آهن جتي هڪ ئي سفر دوران مسافر وهندڙ پاڻي، سرسبز فصل، کجين جا باغ، آبي ماڳ، مڇيون، پکين جون آباديون، واريءَ جا ڍڙا، ريگستان ۽ سنڌ جي قديم ڳوٺاڻي ثقافت گڏ ڏسي سگهي

نارا جي ڪنارن تي چونڊيل هنڌن تي ريور ويو پوائنٽس نارا ريور سائيڊ پارڪ فيملي پڪنڪ ايريا، آرام گاهہ واڪنگ ۽ سائيڪلنگ ٽريڪ، ثقافتي مرڪز ۽ سياحتي سهولتون قائم ڪري سگهجن ٿيون اهو روڊ سنڌ جي هڪ اهڙي سياحتي سرڪٽ کي جنم ڏئي سگهي ٿو جيڪو سکر ۽ روهڙيءَ جي تاريخي ورثي کان شروع ٿي خيرپور جي ثقافتي ۽ زرعي منظرنامي نارا جي آبي ماڳن سانگهڙ ۽ ڪپري، عمرڪوٽ جي تاريخي سڃاڻپ، ٿر جي ريگستان ۽ آخرڪار رڻ ڪڇ جي منفرد فطري دنيا تائين پهچي

رڻ ڪڇ، واڌو پاڻي ۽ ٻوڏ جي نئين حڪمت عملي: نارا جي تاريخ جو هڪ اهم پاسو ان جو واڌو پاڻيءَ سان تعلق آهي قديم دور ۾ نارا سنڌوءَ جي ٻوڏن جو قدرتي رستو بڻجي ڏکڻ طرف پاڻي پهچائيندو هو موسمي ۽ غيرمعمولي ٻوڏن دوران واڌو پاڻيءَ جي انتظام لاءِ نارا ڪوريڊور جي وسيع مطالعي ذريعي فلڊ ڊيٽينشن بيسن، بحال ٿيل ويٽ لينڊز، پاڻي ذخيرو ڪرڻ وارا قدرتي ميدان، ڪنٽرولڊ ڊرينج چينلز ۽ ماحولياتي ريزروائرز قائم ڪرڻ جا امڪان ڳولي سگهجن ٿا اهڙو نظام ٻوڏ جي شدت گهٽائڻ، زير زمين پاڻيءَ جي سطح بهتر ڪرڻ، آبي جيوت کي تحفظ ڏيڻ ۽ واڌو پاڻيءَ کي محفوظ طريقي سان هيٺين علائقن ۽ آخرڪار سمنڊ ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو رڻ ڪڇ ڏانهن ڪنهن بہ نئين پاڻيءَ جي وهڪري يا تاريخي نيڪال واري نظام جي بحاليءَ کان اڳ جديد هائيڊرولوجيڪل ماڊلنگ، ماحولياتي جائزو ۽ بين الصوبائي توڙي بين الاقوامي اثرن جو تفصيلي مطالعو لازمي هوندو

نارا ڪڏهن سنڌوءَ جو واڌو پاڻي رڻ ڪڇ ڏانهن کڻي ويندو هو اڄ وقت جو تقاضو آهي تہ ان ئي تاريخي محور کي جديد انجنيئرنگ، ماحولياتي شعور ۽ معاشي حڪمت عمليءَ سان نئين زندگي ڏني وڃي نارا ايڪسپريس هاءِ وي جيڪڏهن جامع سوچ سان تعمير ڪيو وڃي تہ اها رڳو سکر کان رڻ ڪڇ تائين ويندڙ روڊ نہ هوندو پر سنڌ جي پاڻي، زراعت، صنعت، سياحت، فطرت ۽ ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيندڙ نئين ترقياتي رڳ بڻجي سگهي ٿي قديم نارا پاڻي کڻي ويندو هو، نئون نارا ڪوريڊور سنڌ لاءِ ترقي، خوشحالي ۽ نوان موقعا کڻي اچي سگهي ٿو

اڄوڪو ڏينهن ـــــ پهرين سيپٽمبر

مختيار انڙ

محمد عارف پيرزادو

اڄ سنڌ جي مشهور فارسي گو شاعر محمد عارف پيرزادي جي پيدائش جو ڏينهن آهي هن نامياري شاعر ۽ عالم جو جنم 01 سيپٽمبر 1904ع تي ڳوٺ بکري، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو هن ديني تعليم سان گڏ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو هن کي سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻولين تي عبور حاصل هو ۽ قرآني تعليمات جي وڏي ڄاڻ حاصل هئس هن 1925ع ڌاري پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي اڳتي هلي پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجو ذاتي مڪتب کوليائين جتي ديني ۽ دنيوي تعليم ڏني ويندي هئي هن پنهنجي هٿن سان قرآن شريف لکڻ جي سعادت پڻ حاصل ڪئي هو پنهنجي دور جو بهترين شاعر هو. سندس اڪثر شاعري فارسي ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي شاعريءَ ۾ "تلميذ" سندس تخلص هو هن 15 جون 1982ع تي وفات ڪئي سندس جسد خاڪيءَ کي سندس ڳوٺ جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

مير غلام حسين ٽالپر ضعيف

هن مشهور شاعر جو جنم 1 سيپٽمبر 1905ع تي مير عبدالله خان ٽالپر جي گهر حيدرآباد ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ انگريزي ۽ فارسيءَ جي تعليم بہ حاصل ڪيائين خاص طور تي فارسي زبان تي چڱو عبور حاصل هئس هن کي ننڍي هوندي کان ئي موسيقيءَ، راڳ ۽ شاعريءَ سان دلچسپي هئي مير عبدالرسول سانگيءَ جي صحبت ۽ سرپرستيءَ ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين سندس شاعريءَ ۾ مجاز جي رنگن سان گڏ فطرتي حُسن ۽ قدرتي نظارن جي عڪاسي نمايان نظر اچي ٿي سندس شاعري مٺو ڪچيءَ سميت سنڌ جي مختلف راڳين ڳائي آهي هن 16 مئي 1951ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي مير غلام حسين ۾ دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

سعيد شاهہ سعيد

هن قادرالڪلام شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1918ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي جي مشهور شهر ٽکڙ ۾ سيد ويٺل شاهہ جي گهر ۾ ٿيو سندس چاچو سيد علم شاهہ علم بہ سنڌ جو وڏو شاعر هو سعيد شاهہ پنهنجي ئي ڳوٺ مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏنائين سندس جوانيءَ واري دور ۾ انگريزن جي غلاميءَ کان آزاديءَ واري تحريڪ پنهنجي عروج تي پهتل هئي سعيد شاهہ بہ انهيءَ تحريڪ جو هڪ اهم ڪردار بڻجي ويو هن خاڪسار تحريڪ ۾ شموليت سان پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي ان بعد آل انڊيا مسلم ليگ ۾ بہ سرگرميءَ سان ڀرپور ورتائين هو هڪ پلوڙ شاعر پڻ هو شاعريءَ ۾ بسمل ٽڪڙائيءَ کان اصلاح وٺندو هو سندس غزلن ۽ ڪافين ادبي حلقن ۾ چڱي مڃتا ماڻي پاڻ هڪ سريلي آواز وارو سنگيتڪار پڻ هو ۽ پنهنجو ڪلام گهڻو ڪري ترنم ۾ مشاعرن ۾ پيش ڪندو هو

عبدالنبي گل حسن عباسي

اڄ پاڻيءَ جي ماهر انجنيئر ۽ نامور انتظامي سربراهہ عبدالنبي گل حسن عباسيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جا ماڻهو کيس اي اين جي عباسيءَ جي نالي سان ياد ڪن ٿا سنڌ جي هن انمول شخصيت 01 سيپٽمبر 1930ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ننڍڙي شهر سوڀي ديري ۾ اکيون کوليون هن جو والد گل حسن عباسي ڊپٽي ڪمشنر رهيو هو مشهور شاعر تنوير عباسي هن جو ڀاءُ هو هن اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو 1951ع ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين 1953ع ۾ آبپاشي کاتي ۾ کيس نوڪري ملي ۽ اتان ترقي ڪري 1967ع ۾ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر مقرر ٿيو 1974ع ۾ سول سروسز ۾ شامل ٿي اهم عهدن تي ڪم ڪيائين پاڻ آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين ۽ نيشنل انويسٽمينٽ ٽرسٽ جو چيئرمين رهيو ان کان علاوه پي آئي ڊي سي ۽ نيشنل انويسٽمينٽ ٽرسٽ جو چيئرمين پڻ رهيو ٻين بہ ڪيترن ئي اهم عهدن تي ذميدارين سنڀاليائين رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پاڻيءَ جي ماهر طور خدمتون سرانجام ڏنائين 2003ع ۾ پاڪستان جي فوجي حڪمران جنرل پرويز مشرف اين جي عباسيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پاڻيءَ جي ماهرن بابت هڪ ٽيڪنيڪل ڪاميٽي ٺاهي پاڪستان سرڪار جي دٻاءُ باوجود اين جي عباسيءَ ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ جي مخالفت ڪئي ۽ پنهنجي رپورٽ ۾ ڪالاباغ ڊيم جي منصوبي کي ناقابل عمل قرار ڏنو سنڌ جي هن املهہ ماڻڪ 28 نومبر 2023ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو

ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو



سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هن سڄڻ 01 سيپٽمبر 1931ع تي تعلقي قمبر جي ڳوٺ خيرپور جوسي ۾ جنم ورتو انهيءَ ئي ڳوٺ مان ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي مان مئٽرڪ انٽر ۽ بي ايس سي جا امتحان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم ايس رياضيءَ جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين 1988ع ۾ پلاڙي پٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪري پي ايچ ڊي جي سند پڻ حاصل ڪيائين 1974ع کان 1977ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رياضيءَ جي پروفيسر طور ڪم ڪيائين ان بعد فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو مقابلي وارو امتحان پاس ڪري سول سروس گروپ جو حصو بڻجي ويو هن سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڊپٽي ڪمشنر طور خدمتون سرانجام ڏنيون ادب سان سندس چاهہ هميشہ رهيو ۽ پنهنجي نوڪريءَ دوران ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيائين هن ڪيترن ئي ڪتابن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس ۽ ٻين ڪيترن ئي ادبي ۽ علمي ادارن جو ميمبر رهيو

سي ارجن

اڄ هندستان جي مشهور سنگيتڪار ۽ موسيقار سي ارجن جي جنم جو ڏينهن آهي سرن جي دنيا جي هن انمول سفير جو پورو نالو ارجن پرمانند چندناڻي هو سندس جنم پهرين سيپٽمبر 1933ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان جي شهر بڙودا ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو هن موسيقيءَ ۽ سنگيت جي تربيت پنهنجي پيءُ پرمانند کان حاصل ڪئي هندستاني فلم انڊسٽريءَ ۾ بلو سي راڻيءَ جي اسسٽنٽ طور پنهنجو سفر شروع ڪيائين ۽ اڳتي هلي هندستان جو هڪ ڪامياب ميوزڪ ڊائريڪٽر بڻجي ويو هن هندستان ۾ ٺهندڙ پهرين سنڌي فلم "اباڻا" جي موسيقي ترتيب ڏني ان کان علاوه "جهولي لال"، "شال ڌيئر نہ ڄمن"، "هو جمالو"، "رات هڪ طوفان جي"، "سنڌوءَ جي ڪناري" ۽ ٻين سنڌي فلمن جي ميوزڪ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين سنڌيءَ کان علاوه هندي، گجراتي ۽ هرياڻا جي ٻولين ۾ ٺهيل ڪيترن ئي فلمن ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيائين هن 30 اپريل 1992ع تي هن جهان مان موڪلايو.

حافظ نظاماڻي

اڄ سنڌ جو مشهور ليکڪ ۽ شاعر حافظ نظاماڻي پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي لاڙ جي هن عوامي شاعر اڄوڪي ڏينهن تي 1954ع ۾ ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي ضلعي بدين ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. سندس پورو نالو حافظ محمد ولد فقير آدم خان نظاماڻي آهي هن ابتدائي تعليم ماتليءَ جي هڪ مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ڪچڙي جوانيءَ ۾ ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ جلد ئي سنڌ جي ٽاپ ڪلاس شاعرن جي صف ۾ شامل ٿي ويو سندس شاعريءَ جو مجموعو "باغي آ عشق منهنجو" نالي سان ڏينهن جي روشني ڏسي چڪو آهي

ڪوثر برڙو



اڄ سنڌ جو مشهور براڊڪاسٽر، شاعر ۽ نثر نويس ڪوثر برڙو پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي ڪوثر برڙي جو اصل نالو غلام قاسم برڙو آهي ۽ سندس جنم پهرين سيپٽمبر 1958ع تي تعلقي ڪوٽڏيجي ضلعي خيرپورميرس جي ڳوٺ جاني برڙي ۾ ٿيو هن پهرئين درجي کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم خيرپور مان حاصل ڪئي اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي بين الاقوامي لاڳاپن واري شعبي مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1983ع ۾ ريڊيو پروڊيوسر طور ڪئي هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، خيرپور، لاڙڪاڻي لاهور ۽ تربت وغيره تي مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو ۽ اسٽيشن ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو سنڌي ادبي دنيا ۾ سندس نالو هڪ شاعر ۽ نثرنويس طور ڄاتل سڃاتل آهي سندس ڪتابن ۾ "اوجاڳا ۽ خواب"، "ياد گهر"، "تنهن عشق کي شاباس"، "تون منهنجو صنم آهين"، "امر راڳي امر گيت"، "فن ۽ فنڪار"، "لاٽا احساس"، "لفظ آواره بادل"، "ڳليان پريم نگر ديان" ۽ "پنهنجون پرايون ڳالهيون" شامل آهن سندس ادب ۽ براڊڪاسٽنگ جي شعبي ۾ ڪيل خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو آهي

ڊاڪٽر منظور قادر انڙ



اڄ ڊاڪٽر منظور قادر انڙ پنهنجي سالگره ملهائي رهيو آهي. ڊاڪٽر منظور قادر هڪ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي هڪ پاسي هو وارن جي ٽرانسپلانٽيشن جو وڏو ماهر آهي تہ ٻئي پاسي هڪ پلوڙ شاعر ۽ ليکڪ پڻ آهي. گڏوگڏ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو مشهور اداڪار بہ رهي چڪو آهي. هن جو جنم پهرين سيپٽمبر 1964ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر خانواهڻ ۾ ٿيو. مئٽرڪ تائين تعليم بہ خانواهڻ مان حاصل ڪيائين. ان بعد گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊياري مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيائين. اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين. پاڪستان ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پڻ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين. منظور قادر جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي رسالن جي زينت بڻجي چڪي آهي. ميڊيڪل جي دنيا ۾ هو وارن جي ٽرانسپلانٽيشن جو وڏو ماهر ڊاڪٽر آهي اڄڪلهہ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي

گل حسن گل ملڪ

گل حسن گل ملڪ سنڌ جو مشهور سگهڙ ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو آهي هن پهرين سيپٽمبر 1967ع تي ٽل تعلقي جي ڳوٺ مبارڪپور ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن بي ايس سي بي ايڊ ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيون ۽ هاءِ اسڪول جي استاد طور قوم جي نونهالن کي ساڃاهہ جا سبق ڏيندو رهيو آهي هن 1980ع ڌاري سگهڙن جي دنيا ۾ پير پاتو مشهور سگهڙ استاد محمد صيفل پٽيءَ ۽ بهار علي بهار برڙي کان سگهڙائپ جا سبق سکيو 1983ع کان ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي لوڪ ادب جي پروگرامن ۾ بہ شرڪت ڪندو رهيو آهي هن جي شاعري ۽ تعارف ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ڇپيل آهي سندس شاعريءَ ۾ سينگار بيت، ڏور بيت، چوسٽا، ڏهس ڳجهارتون ۽ ٻيون صنفون شامل آهن پاڻ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم جو مرڪزي سيڪريٽري بہ رهي چڪو آهي هن رحمت الله لاشاريءَ سان گڏ سنڌ جي سگهڙن جي شاعريءَ ۽ تعارف تي مبني ڪتاب "سهڻا جا سينگار" ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي

سيد صالح محمد شاهہ



سيد صالح محمد شاهہ مشهور صداڪار، شاهہ جي شاعريءَ جو پارکو ۽ لوڪ ادب جو زبردست ڄاڻو هو هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڳوٺاڻي ڪچهريءَ ۾ لاڳيتا چاليهہ سال ڏاڏي فتح خان جو ڪردار ادا ڪيو هن انمول انسان جو جنم 1938ع ڌاري حيدرآباد ضلعي ۾ هٽڙيءَ ويجهو ڳوٺ درياءُ بيگ مغل ۾ ٿيو هن 1958ع ڌاري ريڊيو تي هڪ اناؤنسر ۽ صداڪار طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن ريڊيو جي بيشمار ڊرامن ۾ هيرو جو ڪردار ادا ڪيو هن 03 آڪٽوبر 1959ع کان وفات تائين پروگرام ڳوٺاڻي ڪچهريءَ ۾ ڏاڏي فتح خان جو ڪردار ادا ڪري وڏي مقبوليت ماڻي انهيءَ پروگرام کي بعد ۾ جمهور جو آواز نالو ڏنو ويو هو شاهہ جي شاعريءَ جو وڏو پارکو هو ريڊيو پاڪستان سندس آواز ۾ سڄو شاهہ جو رسالو رڪارڊ ڪيو هن کي سنڌ جي ثقافت، رهڻي ڪرڻي ۽ لوڪ ادب تي ملڪو حاصل هو هن پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام "اوطاق" ۽ "رس رهاڻ" جي ميزبان طور بہ ڪم ڪيو پاڪستان سرڪار سندس فني خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس حسن ڪارڪردگيءَ جي ايوارڊ سان نوازيو هن پهرين سيپٽمبر 2007ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

عبدالحفيظ پيرزادو



اڄ سنڌ جي مشهور قانوندان ۽ سياستدان عبدالحفيظ پيرزادي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي عبدالحفيظ پيرزادي 24 فيبروري 1935ع تي سنڌ جي مشهور سياستدان ۽ سابق وزيراعليٰ عبدالستار پيرزادي جي گهر ۾ اکيون کوليون هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايل ايل ايم ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون هن لنڊن جي مشهور درسگاهہ لنڪن ان مان بئريسٽريءَ جو امتحان پڻ پاس ڪيو تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪيائين جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو تہ پيرزادو صاحب بہ انهيءَ پارٽيءَ جو حصو بڻجي ويو 1970ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ تعليم، اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير بڻجي خدمتون سرانجام ڏنائين 1973ع ۾ قانون جي وزارت جو قلمدان بہ سندس هٿ ۾ آيو هن 1973ع وارو آئين ٺاهڻ ۾ بہ بنيادي ڪردار ادا ڪيو 1977ع ۾ ٻيهر قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ساڳي واري وزارت سندس هٿ هيٺ رهي ڀٽي صاحب جي عدالتي قتل کان پوءِ هن گهڻو وقت لنڊن ۾ پاڻمرادي جلاوطنيءَ ۾ گذاريو هن پهرين سيپٽمبر 2015ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 118 سال 2025

منظور احمد ولد مهر الدين ۽ ٻيا ..پلينٽف بخلاف.. (8) اشرف علي ولد علي محمد (9) انور علي ولد علي محمد (10) سرور علي ولد علي محمد رهندڙ ڳوٺ عمر سائند تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-08 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 114 سال 2026

مسمات حاڪمزادي زال نياز حسين مسلم بالغ ذات سولنگي رهندڙ رند آباد ڪالوني ٽنڊو الهيار ..پلينٽف بخلاف..(1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) جنرل مينيجر نادرا ڪراچي (3) انچارج نادرا سينٽر ٽنڊو الهيار (4) ڊپٽي مينيجر نادرا يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد (5) جنرل پبلڪ.. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-07 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1066 سال 2026

مسمات نشاآرائين زال منظور علي ..پلينٽف..بخلاف.. منظور علي ولد حاجي ابراهيم رهندڙ ڳوٺ حاجي ابراهيم نزد پيارو لنڊ جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار.. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-03 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

(1) مسمات عاليه زال لونگ ٻگهيو عرف نواب ٻگهيو عرف نواب (2) زينب نواب ڌي لونگ ٻگهيو عرف نواب مائنر عمر 15 سال (3) احسان نواب ولد لونگ ٻگهيو عرف نواب مائنر عمر 13 سال معرفت ماءُ مسمات عاليه رهندڙ شيخ محلہ پٽ شاهه ضلعو مٽياري ..پلينٽف..بخلاف.. لونگ ٻگهيو عرف نواب ولد غلام مصطفيٰ ٻگهيو رهندڙ ڳوٺ راڻو ٻگهيو تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-01 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 115 سال 2026

مسمات ناديه ميراج ڌيءِ يارمحمد سومرو رهندڙ حسين آباد ڪالوني سڪرنڊ ..پلينٽف..بخلاف.. علي رحمان ولد ايوب خان ذات رند بلوچ رهندڙ ڳوٺ بيڪن والا تعلقو منچنڊ آباد ضلعو بهاولنگر پنجاب .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-02 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 396 سال 2026

مسمات سونيا ڌيءِ علي بخش شر رهندڙ خدا جي بستي فيز 2 نوابشاهه ..پلينٽف..بخلاف.. جنسار ولد شهباز علي شر رهندڙ ڳوٺ جڙيو خان شر تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي ايم V ٽنڊو محمد خان
(روبرو مسز الماس بتول)
فيملي سوٽ نمبر 31 سال 2026

مسمات فيض النساء ڌيءِ غلام مصطفيٰ ذات جمالي رهندڙ سجل آباد ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف..بخلاف.. عبداللطيف ولد خان محمد ذات جمالي رهندڙ ڳوٺ Ghandtar تعلقو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-01 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم V ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن درخواست نمبر 139 سال 2026

مسمات امامزادي ڌيءِ محمد هاشم زال محمد عمر مسلم بالغ ذات ڏاهري رهندڙ ڳوٺ سڪيو ڏاهري تعلقو ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات نعمت خاتون ماءُ مرحوم محمد عمر مائنر معرفت ماءُ (2) مسمات Afreen ڌيءِ مرحوم محمد عمر عمر 16 سال مائنر ذات ڏاهري رهندڙ ڳوٺ سڪيو ڏاهري تعلقو ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد (3) نيشنل بينڪ آف پاڪستان برانچ ڪوڊ نمبر 177 ٽنڊو جام حيدرآباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي مرحوم محمد عمر ولد محمد اسماعيل وفات جي تاريخ 30-10-2017 هنڌ حيدرآباد پراپرٽي ۾ نيشنل بينڪ آف پاڪستان ٽنڊو جام برانچ جي اڪائونٽ نمبر 3111269858 ۾ ڇڏيل رقم 1,026,545.79/- تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-09-05 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار محمد صالح ولد لال بخش وگهيو رهندڙ ڳوٺ جاڙو ٻير تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ناني خير بانو زال لعل بخش تاريخ 21-09-2012 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 114/AB,2B ايراضي حصي موجب ديهه ڇڇ ڏيتا ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (1) محمد صالح (پٽ) (2) بشير احمد (پٽ) (3) منير احمد (پٽ) (4) علي بخش (پٽ) (5) مريم خاتون (ڌي) (6) دريا خاتون (ڌي) (7) مهرالنساء (ڌي) جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪانڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجو پٽ شوڪت علي ڪوسو خراب صحبت ۾ اچي منهنجي چٽي کان ٻاهر نڪري ويو آهي هن اخبار رستي آئون هنکي پاڻ کان عاق ٿو ڪريان سندس ڪنهن بہ برادري قانوني انحرافي ۽ ڏيتي ليتي جو هو خود ذميوار آهي ۽ رهندو منهنجو ۽ منهنجي باقي اولاد جو سائس ڪوبہ تعلق ناهي ۽ نہ رهندو مون پنهنجي حياتي ۾ منهنجي ملڪيت مان منهنجن پٽن امانت علي،انتظار علي ۽ انتظار مهدي کي حصو ڏيئي ڇڏيو آهي منهنجي حياتي توڙي وفات کانپوءِ شوڪت علي ان ملڪيت ۾ حصيدار ن آهي نہ رهندو هي• بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي تہ جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

دين محمد پٽ بلاول ڪوسو ويلڄ ڳوٺ بلاول ڪوسو تعلقو سعيدآباد
شناختي ڪارڊ نمبر 41301-4406383-7

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار قادو ٻڪيرو ولد اسحاق رهندڙ سجاول اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي چٽو ولد محمد تاريخ 01-03-1960 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 2,137/1 ديهه ٺماڇاڻي رعيتي ٽپو ٽنڊو قيصر ۽ سروي نمبر 324/1,2,323/1,2 ديهه رڪنپور ٽپو اي ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (1) مسمات نوري (بيواهه) (2) مسمات جادل (ڀيڻ) (3) حاجي طالب (سوٽ) مسمات نوري مورخہ 03-04-1979 تي فوت ٿي وئي جنهن جا وارث (1) قادو ٻڪيرو (پٽ) (2) رحمت (ڌي) (3) نسيمان (ڌي) جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪانڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوي قابل قبول نہ هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته مرحوم محمد هاشم جتوئي جي نالي سان قاضي احمد شهر جي آفتاب ڪالوني ۾ 2 عدد جايون ۽ نورامام ماڊل ڪالوني ۾ هڪ عدد پلاٽ آهن ان جا وارث ان جا پٽ هر هڪ معشوق علي جتوئي عاشق علي جتوئي ۽ پيارل جتوئي ۽ هڪ نياڻي مسمات لال جتوئي آهن ان کان علاوه ڪو ٻيو وارث هجي ته 7 ڏينهن اندر پنهنجي درخواست مختيار آفيس قاضي احمد جمع ڪرائي اگر 7 ڏينهن تائين ڪير نہ آيو تہ گورنيمينٽ مرحوم محمد هاشم جتوئي جي جائيداد ان جي پٽن ۽ نياڻين جي نالي سان کاتا ڏنا ويندا

مختيارڪار تعلقو قاضي احمد

عام اطلاع

معيز خان ولد عبدالرشيد خان شناختي ڪارڊ نمبر 4130310792345 هڪ عدد پلاٽ نمبر 148 ايراضي 500 مربع گز سروي نمبر 1 ججز آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لطيف آباد حيدرآباد خريداري جو معاهدو اختر حسين ولد محمد ياسين شناختي ڪارڊ نمبر 4130497607453 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن کي ڪو بہ اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ منتقلي جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي بعد ۾ ڪو بہ اعتراض قابل قبو نہ هوندو

معيز خان 03009371699/03322608090

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي انعام چهتو ولد آدم چهتو ويٺل ڳوٺ نبي بخش چهتو تعلقومٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي آدم چهتو ولد علي بخش جيڪو تاريخ 26-11-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ٽائون ٽپو نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) انعام چهتو (پٽ) (2) خليل احمد چهتو (پٽ) (3) مسمات دادي چهتو (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقہ سني جو مسلمان هو سندس والد ۽ والد فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) علي بخش ولد محمد يوسف (2) محمد شريف ولد غلام قادر جن ڳوٺ لاڙيرلعل استيشن ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي احسان الله ولد تاج محمد چٽو ويٺل ڳوٺ نبي بخش چٽو تعلقومٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي تاج محمد چٽو ولد علي بخش جيڪو تاريخ 16-10-2014 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ٽائون ٽپو نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) احسان الله (پٽ) (2) عطاءالله (پٽ) (3) عرفان احمد (پٽ) (4) رضوان علي (پٽ) (5) مسمات فضيلا (6) مسمات مريم (ڌي) (7) مسمات آمنہ (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقہ سني جو مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) علي بخش ولد محمد يوسف (2) محمد شريف ولد غلام قادر جن ڳوٺ لاڙيرلعل استيشن ۾ مقرر ڪيل جلسہ عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هرخاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو بہ اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ جوڳو نہ رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

ڪارو ۽ نورمحمد ملاح مبينا طور حملو ڪري دوا لاءِ گلاب لغاري ويندڙ محبوب ملاح کي زخمي ڪري سندس گهر واري سڪينا ملاح جي تذليل ڪئي هئي جنهن جي رپورٽ گلاب لغاري ٿاڻي تي ڏني ليڪن بااثرن جي چوڻ تي پوليس اڃان تائين ڪا بہ ڪاروائي نہ ڪئي جنهن بعد الٽو ساڳين جوابدارن ٻيهر هلان ڪري اڳ ۾ زخمي ٿيل نوجوان محبوب ملاح جي پيرسن ماءُ زليخان ملاح مٿان حملو ڪري کين زخمي ڪري وڌو هنن جو چوڻ ته ڄاڻايل جوابدار هٿيار کڻي ڌمڪائي رهيا آهن ليڪن گلاب لغاري پوليس ڪجهه بہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي تنهن جي ڪري مجبور ٿي گلاب لغاري پوليس خلاف ڌرڻو هنيو آهي هنن چيو ته اگر پوليس ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار نہ ڪيو ته ٻيهر احتجاج ڪري ڌرڻو هڻنداسون هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کي اپيل ڪئي ته حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرائي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو جڏهن ته بعد ۾ ايس ايچ او فياض ٻرڙو پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ملوث ڇڻن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪري روڊ کي ڪولرايو ويو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

ڪيس جيڪو مقتولن جي وارثن کي ادا ڪيو ويندو جوابدارن پهرين جولاءِ 1999ع تي گمبٽ ٿاڻي جي حد ۾ زميني تڪرار تان فائرنگ ڪري 25 ورهين جي تسليم ناريجو ۽ 6 ورهين جي خدا بخش ناريجو کي قتل ڪيو هو جڏهن ته فائرنگ ۾ مسمات زاهدان ناريجو پڻ زخمي ٿي هئي گمبٽ پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتارڪيو ۽ ڪيس جي انڪوائري مڪمل ڪري ڪيس عدالت ۾ چالان ڪيو عدالت جي جج لياقت علي ڪوسو ڪيس هلائي ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جوابدارن کي سزا ٻڌائي سزا ٻڌائڻ کانپوءِ ٻنهي جوابدارن کي سخت سيڪيورٽي هيٺ سينٽرل جيل خيرپور منتقل ڪيو ويو

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

قيد جي سزا ٻڌائي آهي ۽ مٿس 10 لک روپيہ ڏنڊ پڻ وڌو ويو جڏهن ڪيس جي ٻن جوابدار دودو ۽ جهامن ڀيل کي ثابتي نہ ملڻ تي بري ڪري ڇڏيو فريادي پاران ڪيس جي پيروي ناليواري وڪيل پرشوتم ڪتري ڪئي واضح رهي تہ فريادي آسن پوليس ٿاڻي ڪوڪراپار تي گناهہ نمبر 28/2020 قلم 302، 201، 34 تحت ڪيس داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو هو ته دوائن جي ايجنسي ۾ ڪم ڪندڙ سندس پٽ ڏيچند ڀيل تاريخ 20.11.2020 تي ڪم ڪار لاءِ گهران نڪتو ۽ واپس گهر نہ موٽيو پڇا ڳاڇا تي شاهدن راڻڻ ۽ هندل ٻڌايو تہ ان رات مقتول ڏيچند کي جوابدار لڇيمڻ سان گڏ موٽرسائيڪل تي ويندي ڏٺو هو جڏهن تہ ٻي موٽر سائيڪل تي ٻہ نامعلوم جوابدار ويٺل پڻ گڏ هئا، ڏيچند کين ٻڌايو تہ هو دوستن سان گڏ هڪ دعوت ۾ شرڪت لاءِ ڳوٺ ٻانڊي وڃي رهيو آهي ۽ جلد موٽي ايندو پر واپس نہ موٽيو تاريخ 25.11.2020 تي ڪيس جي ٻئي شاهد پهلاج روبرو جوابدار لڇيمڻ اعتراف ڪيو تہ ڏيچند کي قتل ڪري سندس لاش واريءَ جي ڀٽن ۾ ڪبڙ جي وڻ هيٺان لڪائي ڇڏيو آهي فريادي واقعي جو ڪيس جوابدار لڇيمڻ ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن خلاف داخل ڪرايو جاچ دوران نامعلوم جوابدارن جي سڃاڻپ دودو ڀيل ۽ جهامن ڀيل طور ٿي.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

بابر صالح راهپوٽو اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊو مري شهزادو عمير جروان اسسٽنٽ ڪمشنر چمبڙ حماد علي زرداري، ضلعي صحت آفيسر ٽنڊوالهيار ڊاڪٽر نجم ڪوش پوليو بابت فوڪل پرسن ڊاڪٽر ارشد ميرجت سميت صحت، تعليم، پوليس، بلديہ اطلاعات ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري چيو تہ پوليو جو مڪمل خاتمو قومي ذميواري آهي ۽ ان مقصد جي حاصلات لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا پاڻ ۾ بهتر رابطي ۽ اثرائتي حڪمت عملي تحت ڪم ڪن هن هدايت ڪئي تہ سيپٽمبر 2026ع جي پوليو مهم دوران ضلعي اندر پنجن سالن تائين جي عمر وارن سمورن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻايو وڃي هن صحت کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ تندي رٿابندي، پوليو ٽيمن جي تربيت سيڪيورٽي انتظامن ۽ نگراني واري نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي جيئن ڪوبہ ٻار پوليو کان بچاءَ واري ويڪسين کان محروم نہ رهي اجلاس دوران لاڳاپيل آفيسرن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ضلعي ۾ مقرر ڪيل هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيمن جي جوڙجڪ مڪمل ڪئي وئي آهي جڏهن تہ وڌيڪ خطري وارن يونين ڪائونسلن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ پوليو مهم جي ڪاميابي لاءِ عالمن سڳورن، استادن، سماجي اڳواڻن ۽ ميڊيا جو ڪردار انتهائي اهم آهي، تنهن ڪري عوامي آگاهي واري مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي هن واضح ڪيو تہ ڪنهن بہ قسم جي لاپرواهي برداشت نہ ڪئي ويندي ۽ سمورا آفيسر ميدان ۾ سرگرم نظر اچن

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

بلوري ۽ مختلف هنڌن تي ريليون ڪڍي شهرين کي آگاهي ڏني وئي جڏهن تہ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ساگر پرهياڙ، عوامي تحريڪ ضلعي سجاول جي جنرل سيڪريٽري نواز ڏيگهہ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن سهڻي ٻائيتان نجمہ عثمان ٿهيم شبانا ٻائيتان سونا ٻائيتان سنڌي هاري تحريڪ ضلعي سجاول جي صدر ڪامريڊ محمد ڏيگهہ جنرل سيڪريٽري عثمان ٿهيم مير ڪڱڻ عبدالرزاق ٻائيتان مهران ملاح، ايوب ٻائيتان سنڌي شاگرد تحريڪ جي اڳواڻ دلدار ڏيگهہ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ان دوران شهرين ۾ هينڊ بل پڻ ورهايا ويا، جن ۾ سنڌ جي وحدت، زمينن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ، نون ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف عوام کي سجاڳ ۽ منظم ٿيڻ جي اپيل ڪئي وئي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ڪيل پريس بيان ۾ ٻڌائي هن ٻڌايو تہ پوليس فورس خيرپور جي بي سيڪشن گمبٽ، راڻي پور ۽ سوراهہ ٿاڻن جي حدن ۾ ڪاروائيون ڪيون ڪاروائين دوران ٻن ڏوهارين صدورو ٻگهي جنهن جي قبضي مان هڪ بغير لائسنس پستول هٿ ڪيو ويو آهي جڏهن تہ ٻي ڏوهاري عابد چانڊيو کي گرفتار ڪيو ويو آهي ايس ايس پي ٻڌايو تہ منشيات سپلائير جوابدارن ۾ شوڪت شيخ ۽ پريا خان بروهي شامل آهن انهن جي قبضي مان 1180 گرام آئيس ۽ 1510 گرام چرس هٿ ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪيا ويا آهن هن ٻڌايو تہ گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي جڏهن تہ گرفتار جوابدارن جي ڏوهاري رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي پئي وڃي هن ٻڌايو تہ خيرپور ضلعي کي منشيات فري ضلعو بڻايو ويندو.

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

پڪيڙيل ، دادو ڪچي ۾ وڏي پيماني تي سرچ آپريشن هٿيار هٿ، 10 کان وڌيڪ جوابدار گرفتار ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي جي سربراهي ۾ دادو جي ڪچي واري علائقي ۾ وڏي پيماني تي سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي، پوليس ذريعن موجب آپريشن دوران مختلف هنڌن تان وڏي تعداد ۾ هٿيار هٿ ڪرڻ سان گڏ 10 کان وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن تہ دانو چانڊيو شيخ گلاب ۽ ڏوهارين جا مورچا پڻ مسمار ڪيا ويا آهن. آخري اطلاعن مطابق ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي پاڻ دادو ڪچي ۾ ڪيمپ قائم ڪري آپريشن جي نگراني ۽ ڪمانڊ ڪري رهيو آهي. پوليس جي ڪارروائي دوران وڌيڪ گرفتاريون ۽ هٿيار هٿ اچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي سيد نصرالله شاهہ بخاري چيو تہ الله پاڪ پنهنجي پياري محبوب خاتم النبين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ۽ رحمت مان عشق محبت ۽ ادب وارو فيضياب ٿيندي جنهن جي دل ۾ مديني واري آقا جي محبت نہ آهي ان جي زندگي بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي هن چيو تہ ميلاد جو پلاڙو مهينو هلي رهيو آهي ۽ هر جاءِ تي مديني واري سائين جي آمد جون محفلون ڏسي دل باغ بهار ٿي رهي آهي. هن چيو تہ دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا خوشي آهي تہ اها مديني واري سائين جي دنيا ۾ تشريف ڪئي اچڻ واري آهي سيد نصرالله شاهہ چيو تہ ميلاد ملهائڻ سان گڏ ان پياري آقا جي ڏسيل طريقي تي هميشہ عمل پيرا رهڻ وارو الله جي رحمت ۽ نبي ڪريم جن جي شفاعت ۾ حصيدار هوندو آهي، سندس گهر ۾ الله جي رحمت پئي وسندي آهي، تنهن ڪري هر وقت الله جو ذڪر ۽ مديني واري ميرتي صلات وسلام پڙهندا رهو هن وڌيڪ چيو تہ ٻاڍهہ عاشقان رسول ۽ حسيني فقيرن جو شهر آهي هتي اچي فقيرن سان ويهي محبت ڀريون ڪچهريون ڪندي لطف حاصل ٿيندو آهي ۽ انشاءالله آهي محبتي ميلا ۽ ملاقاتون قائم ۽ دائم رهنديون ان موقعي تي سيد عرفان شاهہ محمد اسماعيل چانڊيو حافظ عبدالقدير جوٽيجو حافظ زاهد حسين جوٽيجو حسيني رضا جوٽيجو ۽ فقير سلطان لاکو پڻ سائس گڏ هيا آخر ۾ عالم انسانيت ۽ ملڪي سلامتيءَ جون دعائون گهرڻ سان گڏ لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

موقف اختيار ڪيو تہ محمد مرتضيٰ احسان علي عبداللطيف شيرل شريف، نيڪ محمد ۽ ٻين سندس نينگري نذيران ملڪ کي مبينا طور اغوا ڪري تحويل ۾ رکيو آهي ۽ مٿس زبردستي نڪاح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي درخواست ۾ ڄاڻايو ويو تہ نينگري جي عمر لڳ ڀڳ 12 کان 13 سال آهي ۽ اها جوابدارن نمبر 4 کان 9 جي تحويل ۾ آهي درخواست ضابطہ فوجداري جي قلم 491 تحت داخل ڪئي وئي. جسٽس محمد عثمان الهادي جي عدالت معاملي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي گهوٽڪي، ڊي ايس پي ميرپورماٿيلو ۽ لاڳاپيل ايس ايچ او کي هدايت ڪئي تہ نينگري نذيران کي بازياب ڪرائي 9 سيپٽمبر تي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

ڪئي وئي آهي وڌيڪ سيمپل وٺي روهڙي ليبارٽري لاءِ جڙا موڪليا ويا آهن اصل رپورٽ ايندي وڌيڪ خبر پوندي پوءِ تصديق ڪئي ويندي جتي نينگر کي فاسٽ ٽريٽ منٽ ڏيڻ بعد کين حالت خراب هجڻ ڪري ڊي ايچ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو روانو ڪيو ويو .پوليس موجب تہ جوابدار جي گهر پوليس موڪلي آهي جوابدار گهر کي تالو هڻي فرار ٿي ويا آهن ڳولا جاري آهي. ڊي ايس پي اوٻاوڙو عبدالقادر سومرو جو نوٽيس اسپتال پهچي ويو جتي ان معصوم ٻارڙي جي والده کي يقين ڏياريو تہ جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي اوهان کي انصاف ملندو

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

ڳوٺ پاٿوٽ پهتي پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ دوران ڪجهہ ڳوٺاڻن پوليس اهلڪارن سان مزاحمت ڪئي ۽ پٿراءُ ڪيو پوليس موجب مزاحمت باوجود ڪارروائي جاري رکندي جوابدار فيروز گل کي گرفتار ڪيو ويو واقعي کانپوءِ ايس ايچ او اياز احمد ٻگهيو جي فرياد تي پاٿوٽ ٿاڻي تي 12 سڃاتل ۽ 50 کان 60 نامعلوم ماڻهن خلاف پوليس تي مبينا حملي ۽ سرڪاري ڊيوٽي ۾ مداخلت جا قلم لڳائي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ نامزد ڪيل ماڻهن ۾ عزادار دايو صفدر ملاح، عامر دايو آصف دايو فيصل لاکو گل زمان دايو روحيل ملاح عدنان ملاح آچر ملاح، شهزاد ملاح بابر دايو ۽ معشوق ملاح شامل آهن جڏهن تہ پوليس پاران وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ، جنرل سيڪريٽري الطاف مري ۽ ٻين وڪيلن خطاب ڪندي چيو تہ انجنيئر فيصل گلزار پنو جي قتل واري واقعي تي کين تمام گهڻو ڏک ۽ افسوس ٿيو آهي وڪيل اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ انجنيئر فيصل گلزار پنو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

تي پوليس بہ جوابي فائرنگ ڪئي فائرنگ کانپوءِ پوليس گهيرو ڪري هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ ٻہ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ويوپوليس موجب گرفتار ٿيل زخمي جوابدار جي سڃاڻپ اميد علي عرف وقار ولد مير محمد چانگ، رهواسي ٽنڊو آدم طور ٿي آهي جنهن جي قبضي مان هڪ عدد ٽي ٽي پسٽل خالي ميگزين سميت هٿ ڪيو ويوجڏهن تہ ٻيو جوابدار ايوب ، پوليس کان اونڌهي جو فائدو وٺي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب واقعي بابت ايس آءِ پي خميسو خان ملڪ جي فرياد تي ڪاهي ٿاڻي تي گناهہ نمبر 99/2026 تحت قلم 324، 353 ۽ 34 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪري گرفتار جوابدار کي علاج لاءِ سانگهڙ اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان هٿ آيل ٽي ٽي پسٽل بابت ڪاهي ٿاڻي تي گناهہ نمبر 100/2026 تحت سنڌ آرمز ايڪٽ 2013 جي قلم 24 تحت پڻ ڪيس داخل ڪيو آهي پوليس جو چوڻ آهي تہ فرار ٿيل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

چانگ , عبد الله اعوان ۽ ٻين چيو تہ ڳوٺ حاجي راهو هاليپوٽو جي ڳوٺائي محمد هاشم هاليپوٽو کي نانگ ڪڱڻ سبب اسپتال آندو ويوجتي ڊاڪٽرن ۽ ٻي عملي مجرمانہ غفلط ڪندي سندس بهتر علاج نہ ڪيو ۽ نہ ئي نانگ جي زهر کي ختم ڪرڻ لاءِ ويڪسين لڳائي وئي جنهن ڪري ڳوٺائو تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو . مظاهرين چيو تہ انهي سڄي معاملي ۾ مجرمانہ غفلط جو ذميوار تعلقي اسپتال جو ايم ايس آهي جنهن پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻ بجائي غير ذميواري جو مظاهرو ڪيو هنن ايم ايس ڊاڪٽر گلاب ڪشميري تي الزام هڻندي چيو تہ هو سڌو سنئون غفلط ۾ ملوث آهي جنهن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ فوتي هاشم هاليپوٽو جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو ريلي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ليگل ايڊوائيزر ايڊووڪيٽ نجيب الرحمان مهيسر عوامي تحريڪ نوشهروفيروز جي صدر لطيف پني ايڊووڪيٽ داد محمد مگسي، ايڊووڪيٽ عاطف ملاح، ايڊووڪيٽ امتياز مهيسر ايڊووڪيٽ سليم پنگي فريد ڪلهوڙو ستار عمراڻي سلام سومرو فقير محمد عالماڻي، علي نواز عالماڻي، سنڌياڻي تحريڪ اڳواڻ سسئي ڪلهوڙو ماروي ڪلهوڙو زاهده ڪلهوڙو صبا ڏاهري، ماروي عالماڻي شبيران عالماڻي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ريلي ۾ مورو بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ عبدالڪريم عباسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ پيپلز پارٽي سنڌ ورهائڻ لاءِ اسيمبلي ۾ مهملي واري رٿ پيش ڪري سنڌ دشمني ڪئي آهي. پيپلز پارٽي جي ويساهہ گهاتي سبب اڄ سنڌ ورهائڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ٿيندو، تنهنڪري اڄوڪو ڏينهن سنڌ لاءِ ڪارو ڏينهن آهي هنن چيو تہ سنڌ هزارين سالن کان هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت طور موجود آهي سنڌ کي نون صوبن جي نالي تي ورهائڻ جي ڪنهن بہ سازش کي سنڌ جو عوام قبول نہ ڪندو سنڌ جي وحدت ۽ بقا تي وار ڪندڙ هر منصوبي خلاف عوامي تحريڪ پرامن عوامي جمهوري جدوجهد جاري رکندي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

ايڊ ڏٺي ڪيس شهيد بينظير آباد ريفر ڪيو ويو جڏهن تہ فوتي جو سڙهہ ڳوٺ چلي وارا چانڊيا پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.ياد رهي تہ فوتي آفتاب چانڊيو پٽيمرا ملازم هو جيڪو پنهنجي ڊيوٽي تي وڃي رهيو هيو تہ حادثو پيش آيو

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

پرائمري جي آفيسن ٻاهران قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي پنجين ڏينهن بہ احتجاجي ڌرڻو جاري رهيو جڏهن تہ اميدوارن پاران ميرٽ تي آفر آرڊر جاري ڪرڻ ۽ مبينا ڪرپشن جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ اميدوارن جي اڳواڻي فرحان علي ٽونيا، عطاءُالرحمان شيخ عبدالباسط پني، نويد ڳنڀير مهراڻ لاڙڪ، رياض ابڙو ۽ عبدالغفار مغيري ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اميدوارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تعليم کاتي ۽ ضلعي جي لاڳاپيل اختيارين خلاف نعريبازي پڻ ڪئي احتجاج ڪندڙ اميدوارن صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ حڪومت پاران مقرر ڪيل 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪيون آهن پر ان باوجود اڃا تائين اسان کي آفر آرڊر جاري ناهن ڪيا ويا، جنهن سبب اسان ۽ اسان جا خاندان سخت پريشاني، بيچيني ۽ غير يقيني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهيون هنن الزام هنيو تہ خيرپور جي ڊي اي او پاران حقدار ۽ ميرٽ تي ايندڙ اميدوارن کي نظرانداز ڪري مبينا طور ڳري رشوت عيوض وڏي انگ ۾ آفر آرڊر جاري ڪيا ويا آهن. احتجاج ڪندڙن دعويٰ ڪئي تہ تقريبن 400 فيڪ ۽ بوگس آفر آرڊر جاري ڪيا ويا آهن جڏهن تہ ميرٽ تي ايندڙ اميدوارن کي سندن حق کان محروم رکيو پيو وڃي هنن وڌيڪ الزام لڳائيندي چيو تہ آفر آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ اميدوارن کان بہ رشوت طلب ڪئي پئي وڃي، جڏهن تہ رشوت جا پئسا نہ ڏيڻ سبب کين آفر آرڊر جاري نہ ڪيا پيا وڃن هنن چيو تہ جيڪڏهن ڀرتين جو عمل ميرٽ ۽ شفاف طريقي سان ڪيو وڃي ها تہ 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ ڪيترائي اميدوار اڄ نوڪري جا حقدار بڻجي چڪا هجن ها، پر مبينا ڪرپشن ۽ سفارش سبب سندن حق کسيو پيو وڃي احتجاج ڪندڙ استاد اميدوارن جو چوڻ هو تہ هو ڪيترن ئي ڏينهن کان پنهنجا جائز مطالبا کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن پر تعليم کاتي جي اختيارين پاران سندن مسئلي جو ڪو بہ مستقل حل نہ ڪڍيو ويو آهي هنن چيو تہ اسان پنهنجو مستقبل داءُ تي لڳائي روڊن تي ويهڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون جيڪڏهن ميرٽ تي آفر آرڊر جاري نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

شجرڪاري مهم جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي، جنهن جو مقصد ڪچي جي ٻيلن جي بحالي ۽ قدرتي ماحول جو تحفظ ڪرڻ آهي. شجرڪاري مهم جي سلسلي ۾ ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سکر پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪچي جي علائقن ۾ پهچي مختلف هنڌن تي شجرڪاري جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي رينج فاريسٽ آفيسرن سميت جنگلات جا ٻيا آفيسر ۽ اهلڪار پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ٽيم عبرت کي ٻڌايو تہ درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب ڪچي جي علائقن ۾ ري جنريشن آپريشن تحت شجرڪاري جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي جيڪو جنگلات پاران هر سال باقاعدگي سان جاري رکيو ويندو آهي هن سال بہ هزارين ايڪڙ زمين تي مختلف قسمن جا ٻج پوکڻ جو عمل جاري آهي تہ جيئن ڪچي جي ٻيلن کي بحال ڪرڻ سان گڏ قدرتي ماحول ۽ جهنگلي جيوت جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. جنگلات جون ٽيمون شجرڪاري سان گڏ پوکيل ٻوٽن ۽ ٻجن جي سار سنڀال ۽ حفاظت تي پڻ خاص ڌيان ڏئي رهيون آهن تہ جيئن ري جنريشن آپريشن جا گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن ۽ ڪچي جي ٻيلن کي وڌيڪ هٿي ڏئي سگهجي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ساهہ گاهہ ٿئي ويو جنهن سبب باغ سمجهي ٻار ٽلائن ۾ راند ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا پر نا اهل انتظاميا ڪن لاڪار ۾ مصروف هزارين گهرن سان لاڳاپيل ڀٽائي واٽر سپلائي گذريل هڪ هفتي کان پاڻي جي فراهمي بند هجڻ ڪري هزارين شهري پاڻي جي ڦڙي لاءِ پريشان ان سلسلي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي رهواسين شهباز ميمڻ عامر جت ۽ ٻين چيو تہ گذريل هڪ هفتي کان اسان جي علائقن ۾ پيئڻ جو پاڻي نہ اچي رهيو آهي جنهن سبب روزمره جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي رهواسين وڌيڪ چيو تہ گذريل ڏينهن ايم اين اي ملڪ سڪندر جونيئر ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي جي مختلف علائقن ۾ اچي افتتاح ڪيا پر اسان جي علائقي جا بنيادي مسئلا اڃا تائين حل نہ ٿي سگهيا آهن هنن افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي جيچيئرمين فقير داد ڪوسو کي تہ اسان اڄ ڏينهن تائين پنهنجي اکين سان ڏٺو ئي ناهي رهواسين مطالبو ڪيو تہ ضلعي انتظاميا ۽ ميونسپل ڪميٽي ڀولهاڙي جا ذميوار عملدار فوري طور نوٽيس وٺي خانزاده ڪالوني، ڀٽائي ڪالوني، ميمڻ محلا ۽ سچل سرمست ڪالوني سميت متاثر علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي بحال ڪن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

عبدالغفور انصاري ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو ان موقعي تي ٽنڊوآدم پريس ڪلب جي صدر رانا مختيار حسين مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻ حبيب خان مري، وڪيلن اڳواڻن ڪائونسلرن صحافين واپارين ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن سميت جماعت اسلامي جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مقررين چيو تہ وڌندڙ مهانگائي غريب ۽ وچولي طبقي جي عوام جون معاشي مشڪلاتون وڌائي ڇڏيون آهن. جڏهن تہ پيٽرول بجلي ۽ گئس جي بلن ۾ مختلف ٽيڪسن ليوي ۽ فڪس چارجز جي نالي تي عوام تي مسلسل معاشي بار وڌو پيو وڃي. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ پيٽروليم شين بجلي ۽ گئس جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي غيرضروري ٽيڪسن ۽ فڪس چارجز جو خاتمو آندو وڃي ۽ حڪمران توڙي اشرافيہ کي حاصل مراعتن ۽ غيرضروري خرچن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي جماعت اسلامي جي اڳواڻن اعلان ڪيو تہ حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي 3 سيپٽمبر خميس ڏينهن ملڪ گير هڙتال ڪئي ويندي هنن واپاري برادري ۽ عوام کي هڙتال ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

وٽ مقتول نوجوان جو لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي احتجاج جي اڳواڻي هاشم ملڪ بشير ملڪ چند ملڪ ۽ ٻين ڪئي احتجاج ڪندڙن موجب سندن پنهنجي برادري جي ماڻهن سان ڪارنهن جي معاملي تان پراڻو تڪرار هلندڙ آهي ڳوٺاڻن الزام لڳايو تہ گذريل ڏينهن جوابدار نظير ملڪ، ڪيهر ملڪ، عنايت ملڪ ۽ ٻين گهر تي حملو ڪري نوجوان اسد ملڪ کي گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪيو. مقتول جي وارثن پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪري نامزد جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ڏنڊ مقرر ڪيو ويو . فيصلي موجب شادي ڪندڙ ڇوڪري کي واپس نہ ڪرڻ ۽ ماڇي ڌر پاران چڪ نمبر 5 مان پڻ خالي ڪرڻ بابت پڻ ڌرين وچ ۾ ڳالهيون طئي ڪيون ويون .ٽبيرو ٿيڻ کانپوءِ ٻنهي ڌرين پاران فيصلو قبول ڪندي معاملو ختم ڪرڻ ۽ اڳتي امن ۽ ڀائيچاري سان رهڻ تي اتفاق ڪيو ويو جنهن بعد تڪرار جو ٽبيرو ٿي ويو

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

اغوا ڪيو ويو.وارثن موجب نوجوانن جي روانگي کان ٽن ڏينهن کان پوءِ اسان بلوچستان ۾ موجود ٺيڪيدار سان فون تي رابطو ڪري پڇا ڪئي تہ نوجوان اتي پهتا آهن يا نہ جنهن تي ٺيڪيدار ٻڌايو تہ ٻئي نوجوان اسان وٽ نہ پهتا آهن وارثن جو چوڻ هو تہ برڪت پني ۽ عبدالغني پني کي اغوا ٿئي 12 ڏينهن گذري چڪا آهن جنهن سبب اسان سخت پريشان آهيون هنن چيو تہ اسين مسڪين ماڻهو آهيون ۽ گذر سفر بہ انتهائي مشڪل سان ڪريون ٿا، هنن اختيارين کان اپيل آهي تہ ٻنهي مغوين کي جلد بازياب ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

تفصيل معلوم ڪيا واضح رهي تہ ٽنڊو آدم ۽ آسپاس ۾ ڏوهي ڪارروايون روز جو معمول بڻيل آهن هاڻي صحافي بہ ان کان بچيل ناهن ٽنڊوآدم جي صحافين ان واقعي جي مذمت ڪندي جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري ڦريل موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

سکر ۾ مقامي هوٽل ۾ جي يو آءِ سنڌ جي مجلس عمومي جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو مولانا فضل الرحمان چيو تہ اسان جي تعليمي نظام جي صورتحال اڄ بہ ڳڻتي جوڳي آهي وڪيلن جي نصاب ۾ قرآن ۽ سنت جي تعليم شامل ناهي جڏهن تہ قرآن ۽ سنت جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي تہ چيو وڃي ٿو تہ مدرسن ۽ ديني تعليم کي ختم ڪيو وڃي هن چيو تہ ملڪ ۾ اختلاف راءِ جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي ان مقصد لاءِ اسلامي نظرياتي ڪائونسل موجود آهي جنهن ۾ مختلف مڪاتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهو شامل آهن هن چيو تہ حڪمراني ۾ صرف شخصيتن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ ڪير سٺو آهي ۽ ڪير غلط، جڏهن تہ ملڪ جي پاليسين ۽ نظام بابت ڳالهائڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن صوبن کي ورهائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي تہ اها غلط پاليسي هوندي، سنڌ جي ورهاڱي خلاف سڄو سنڌ متفق آهي ۽ جي يو آءِ سنڌ هڪ وڏي سياسي ۽ عوامي قوت آهي تنهن هوندي بہ ڪجهہ قوتون رڪاوٽون پيدا ڪري رهيون آهن اسان کي انهن جي بہ خبر آهي هن چيو تہ فاٽا کي صوبو بڻايو ويو پر اڄ ڏينهن تائين اتي جا مسئلا حل نہ ٿي سگهيا آهن اسان ان وقت بہ ان فيصلي جي مخالفت ڪئي هئي هن چيو تہ 18هين آئيني ترميم بہ اڄا تائين ڪجهہ قوتن کي هضم نہ ٿي رهي آهي، صوبن جي وسيلن ذخيرن ۽ محصولن تي صوبن جو آئيني حق آهي پر ان حق کي تسليم نہ ڪيو پيو وڃي مولانا فضل الرحمان چيو تہ جي يو آءِ کي اسٽيبلشمينٽ ذريعي ڪجهہ حاصل ٿيڻ قبول ناهي اسان کي انصاف گهرجي ڪنهن جي خلاف هجڻ جي بنياد تي ڪيس غدار قرار ڏيڻ درست ناهي جيڪڏهن غداري جا الزام لڳايا ويا تہ ان جو حساب ڏيڻو پوندو هن چيو تہ اسان دفاع وطن جي حق ۾ آهيون پر جبر نہ ٿيڻ گهرجي آئين ۾ ترميم پارليامينٽ جو حق آهي، پر پهريان اهو سوچڻو پوندو تہ موجوده حڪومت جائز بہ آهي يا نہ مولانا فضل الرحمان چيو تہ اسان ڪنهن جي ماتحت ناهيون نہ ئي ڪنهن جي توهين ڪندا آهيون پر بهادري ۽ اصولن سان پنهنجي ڳالهہ رکون ٿا. اسان جا ساٿي مخلص آهن ۽ الله تعاليٰ جي نظام جي نفاذ لاءِ اسان جي جدوجهد جاري رهندي اسان کي عالمي امن اجتماع لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻي آهي، عوام کي طاقتور بڻائڻو آهي ۽ اسان شدت پسندي ۽ انتهاپسندي جي خلاف آهيون. هن چيو تہ هاڻي عوام بہ سمجهندو تہ جيڪو ڪجهہ ڪيو ويندو اهو عوام لاءِ ڪيو ويندو ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ علامہ راشد محمود سومرو ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو اجلاس بابت جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ميڊيا کي پريس رليز جاري ڪئي

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

پٽ علي حيدر ميمڻ ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو. سندس آپگهات جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

جي ڪلارڪن ساجد ميمڻ اسد شاهہ پير عبدالرحمان مظهر راهپوٽو پير آفتاب کي معطل ڪري کين جاچ هيٺ رکيو آهي جڏهن تہ ذريعن موجب ڄاڻايل ڪرپشن کان علاوہ پڻ رڪارڊ ۾ وڏي پيماني تي هير ڦير ۽ رد و بدل جا پڻ اطلاع مليا آهن

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

گذريل هڪ مهيني کان سندن علائقي جي واٽر سپلائي مڪمل طور بند پيل آهي جنهن ڪري هو پيئڻ جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسي رهيا آهن هنن جو چوڻ هو تہ بار بار شڪايتن باوجود ميونسپل انتظاميا ڪو بہ تحرڪ نہ ورتو آهي جنهن ڪري علائقي ۾ ڪربلا جهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي مظاهرين اعليٰ انتظاميا کان مطالبو ڪيو تہ سيرائي روڊ ۽ وارڊ نمبر 7 جي واٽر سپلائي بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

ليگ سٽي عمرڪوٽ جي اڳواڻن حاجي غفار ناگوري ۽ شهزاد منگريو اين پي سي آءِ ايڇ اي جي عبدالله پنهور ايم ايس ايف سنڌ جي صوبائي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري فقير محب منگريو زرعي يونيورسٽي ڪيمپس بحالي تحريڪ جي اڳواڻن راجا سوٽيڪي سليم سومرو عادل راجڙ علي حسن منگريو مرتضيٰ آريسر شبير جوکيو سميت ٻين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شاگردن شاگرديائين ۽ شهرين شرڪت ڪئي اڳواڻن چيو تہ سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ سال 2017ع ۾ قائم ڪيو ويو هو جتي هن وقت هڪ هزار پنج سئو کان وڌيڪ شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن پر ڪيمپس جي عمارت کي زبون قرار ڏئي گذريل ڇهن مهينن کان ڪلاس بند آهن جنهن سبب هزارين شاگردن جو تعليمي مستقبل سخت خطري ۾ پئجي ويو آهي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ مستقل عمارت جي عدم موجودگي ۽ موجوده عمارت جي زبون حاليءَ جو مسئلو ڪيترن ئي سالن کان موجود آهي، پر لاڳاپيل اختيارين ان جي مستقل حل لاءِ ڪي بہ سنجيده قدم نہ کنيا آهن احتجاجي اڳواڻن چيو تہ عمرڪوٽ جهڙي پٺتي پيل ضلعي ۾ اعليٰ تعليم جو اهم ادارو بند ٿيڻ رڳو هڪ عمارت يا ڪجهہ ڪلاسن جي بندش جو مسئلو ناهي، پر اهو سڄي خطي جي نوجوانن جي مستقبل سان لاڳاپيل هڪ سنگين مسئلو آهي حڪومت کي گهرجي تہ ڪيمپس کي وڌيڪ ترقي ڏئي فعال بڻائي نہ ڪي ان کي بند ڪري شاگردن کي تعليم کان محروم رکيو وڃي اڳواڻن صوبائي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهہ جي خاموشيءَ تي پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو تہ عمرڪوٽ سندس پنهنجو آبائي ضلعو آهي، پر افسوس جو سندس ئي ضلعي ۾ اعليٰ تعليمي ادارو گذريل ڇهن مهينن کان بند پيل آهي ۽ تعليم وارو وزير گهري ننڊ سُتل آهي. اڳواڻن طنزيہ انداز ۾ چيو تہ جيڪو پنهنجي آبائي ضلعي جي تعليمي اداري جي مالڪي نہ ڪري سگهيو اهو سڄي سنڌ جي تعليم واري وزير جي حيثيت سان صوبي جي تعليمي مسئلن جي مالڪي ڪيئن ڪندو؟ هنن چيو تہ صوبائي تعليم واري وزير کان اميد هئي تہ هو پنهنجي ئي ضلعي ۾ هزارين شاگردن جي مستقبل سان لاڳاپيل هن اهم مسئلي جو فوري نوٽيس وٺندو ۽ پر اڃان تائين نہ تعليم واري وزير طرفان ڪا عملي اڳڀرائي سامهون آئي آهي ۽ نہ ئي شاگردن سان ڪو رابطو ڪيو ويو آهي هنن سنڌ زرعي يونيورسٽي جي انتظاميہ کي پڻ سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو تہ هڪ طرف شاگرد پنهنجي تعليمي مستقبل لاءِ روڊن تي ويٺل آهن جڏهن تہ ٻي طرف يونيورسٽي انتظاميہ ۽ ڪيمپس جا ذميوار گهري ننڊ سُتل آهن جيڪڏهن انتظاميہ شاگردن جي بنيادي تعليمي حق ۽ ڪيمپس جي بحاليءَ جهڙي اهم معاملي تي بہ خاموش رهندي تہ پوءِ اهڙي انتظامي ڍانچي جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿڻ فطري ڳالهہ آهي احتجاجي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ عمرڪوٽ ۾ قائم سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪيمپس کي فوري طور کوليو وڃي، محفوظ متبادل عمارت جو بندوبست ڪري فزيڪل ڪلاسز بحال ڪيا وڃن ۽ مستقل ڪيمپس جي تعمير لاءِ ترت عملي قدم کنيا وڃن هنن چيو تہ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ انٽرنيٽ ۽ ٻين سهولتن جي کوٽ سبب آن لائين تعليم فزيڪل ڪلاسز جو متبادل نٿي بڻجي سگهي، تنهن ڪري شاگردن کي رڳو آن لائين ڪلاسن جي نالي تي تعليم کان محروم رکڻ قبول نہ ڪيو ويندو. شرڪت ڪندڙن واضح ڪيو تہ پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو قائم احتجاجي ڪيمپ ڪيمپس جي مڪمل بحالي ۽ باقاعده فزيڪل ڪلاسز جي شروعات تائين جاري رهندي، هنن چيو تہ جيڪڏهن لاڳاپيل اختيارين فوري طور واضح ۽ عملي قدم نہ کنيا تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ شاگردن جي تعليمي مستقبل جي تحفظ لاءِ هر جمهوري ۽ قانوني رستو اختيار ڪيو ويندو. ذريعن موجب، هن وقت تائين سنڌ زرعي يونيورسٽي انتظاميہ، ضلعي انتظاميہ يا صوبائي تعليم واري وزير طرفان احتجاج ڪندڙ شاگردن ۽ ڪيمپس بحالي تحريڪ جي اڳواڻن سان ڪو بہ باضابطا رابطو نہ ڪيو ويو آهي جنهن سبب احتجاج ڪندڙن ۾ ڳڻتيءَ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

سيشن ڪورٽ وٽ ايس يو پي قافلي جي بس تي نامعلوم ماڻهن مبينا طور حملو ڪري ڏنو تعلقي صدر خالد لاشاري، سرور ٻرڙو ۽ ٻيا ڪارڪن سخت زخمي ٿي پيا.زخمين کي فوري طور ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو.واقعي جي اين سي ٽيليگراف ٿاڻي تي 8 معلوم ۽ 20 کان 25 نامعلوم ماڻهن مٿان داخل ڪئي وئي رابطي ڪرڻ تي ايس يو پي تعلقہ صدر خالد لاشاري ٻڌايو تہ ڪجهہ ماڻهو نشي جي حالت ۾ ڪراچي ۾ اڪي پيا جن کي اسان پيار ۾ سمجهائي خاموش ڪرايوسين جلسي کان پوءِ واپسي تي روڊ بس ۾ اڪيا جنهن دوران جهيڙو ٿيو انهن ۾ ڪافي ماڻهو زخمي ٿيا پر هو شرارت کان نہ مڙيا ڪال ڪري نامعلوم ماڻهن کي گهرائي سيشن ڪورٽ وٽ بس مٿان حملو ڪرايو جنهن ۾ مان ۽ منهنجا ساٿي سخت زخمي ٿي پيا هن چيو تہ اسان پوليس کي آگاهہ ڪيو آهي انهن کي نالا بہ ڏنا آهن انهن کي فوري گرفتار ڪندا نہ تہ ٻي صورت ۾ اسان انڊس هاءِ وي بند ڪنداسين.

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

مختلف هنڌن تي ٽريفڪ جام هجڻ ون وي جي خلاف ورزي هجڻ سميت ٻين مسئلن جي حل لاءِ داخل ڪيل درخواست تي حڪم جاري ڪندي ڊي سي سانگهڙ ايس ايس پي سانگهڙ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوآدم ، ميونسپل ڪميٽي چيئرمين ٽريفڪ انچارج ٽنڊوآدم کي حڪم ڏنو آهي تہ شهر جي محمدي چوڪ، ايم اي جناح چوڪ ، لطيف گيٽ . جتيا ڦاٽڪ سميت 15 هنڌن تي ٽريفڪ جام ۾ ٿيندڙ رڪاوٽن کي فوري طور ختم جي هدايت ڪندي ون وي ٽريفڪ تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ بنا لائسنس چنگچي ۽ وهيڪل هلائيندڙ گهٽ عمر جي نوجوانن جون گاڏيون چالان ڪرڻ سميت اهڙي رپورٽ هر 15 ڏينهن عدالت ۾ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي درخواست گذار وڪيل جي وڪالت ٽنڊوآدم بار جي صدر عبدالله خٽڪ ڪئي درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ شهر ۾ رڪاوٽن سبب ٽريفڪ جام هجڻ ٿي جنهن سبب ڪاليج ۽ اسڪول ويندڙ شاگردن توڙي شهرين کي سخت مشڪلاتون پيش اچن ٿيون

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

عباسي سميت لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڳالهائيندي چيو تہ پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل عملدار پنهنجو ڀرپور ڪردار ڪن موسم جي تبديلي ۽ خانہ بدوشن جي آمد سبب وائرس پکڙجڻ جو خدشو موجود رهي ٿو انڪري سخت نگراني جي ضرورت آهي تہ جيئن ضلعي جو ڪو بہ ٻار ڦڙن کان محروم نہ رهي، ان موقعي تي اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ظهير ڊومڪي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ ضلعي ۾ 21 کان 24 سيپٽمبر تائين مهم جاري رهندي جنهن دوران 4 لک 5 هزار ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ٻئي طرف ڊپٽي ڪمشنر ڊي ايڇ او ۽ ميونسپل عملدارن کي هدايتون جاري ڪندي چيو تہ مليريا جي روڪٿام لاءِ اڳواٽ ۽ موثر قدم کنيا وڃن ان سلسلي ۾ خاص طور تي عوام ۾ مليريا کان بچاءُ بابت سجاڳي پيدا ڪئي وڃي هن سرسو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر کي پڻ هدايت ڪندي چيو تہ مختلف ڳوٺن ۾ سرسو جي ڪاميٽين تحت عام ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو وڃي تہ جيئن هو مليريا کان بچاءُ جون احتياطي تدبيرون اختيار ڪن ان موقعي تي ڊي ايڇ او ٻڌايو تہ مليريا جي وقت سر چڪاس نہ ٿيڻ سبب نہ صرف مريض لاءِ خطرو وڌي وڃي ٿو پر مليريا جو متاثر مڇرن ذريعي ٻين ماڻهن کي بہ متاثر ڪندو آهي اهڙي ريت حامله عورت جيڪڏهن مليريا ۾ مبتلا ٿئي ٿي تہ پيٽ ۾ موجود ٻار بہ متاثر ٿي وڃي ٿو هن چيو تہ ضلعي گهوٽڪي ۾ 60 کان مٿي مختلف صحت مرڪزن تي مليريا جي چڪاس ۽ مفت دوائن جي سهولت موجود آهي

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

هيلٿ ڊاڪٽر پرويز شيخ پاران اسپتال جي او پي ڊي، گائني وارڊ، ليبارٽري، ليبر روم ايڪسري، بي بي آءِ سينٽر سميت مختلف شعبن جو دورو ڪيو دوري دوران اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر ڊاڪٽر حسن بانو شر اسپتال ۾ سهولتن ۽ مسئلن بابت ڊي جي هيلٿ کي جاڻ ڏني ڊي جي هيلٿ چيو تہ اسان جي ڪوشش آهي تہ سنڌ جي سمورن اسپتالن ۾ صحت جون سموريون سهولتون ماڻهن کي فراهم ڪيون وڃن ان لاءِ مختلف اسپتالن جا دورا ڪري رهيو آهيان هن چيو تہ سنڌ ۾ اسپتالن اندر ڪتي جي چڪ ۽ نانگ کان بچاءُ جي ويڪسين سمورن سينٽرن تي موجود آهي جنهن ڪري ماڻهن کي سرڪاري اسپتالن مان فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي هن چيو تہ ڪٿي بہ ملازمن جون شڪايتون مليون تہ انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

ڳالهائيندي چيو تہ ملڪ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر نون صوبن جي قيام تي بحث شروع ڪيو ويو آهي، پر رڳو صوبن جو انگ وڌائڻ سان عوام جا بنيادي مسئلا حل نہ ٿيندا اصل ضرورت اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ بااختيار مڪاني ادارا قائم ڪرڻ ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪرپشن جو خاتمو ڪرڻ جي آهي نديم احمد نقشبندي چيو تہ مضبوط لوڪل گورنمينٽ جمهوري نظام جي بنيادي ضرورت آهي بلدياتي ادارن کي مناسب مالي وسيلا ۽ مڪمل انتظامي اختيار ڏنا وڃن تہ جيئن عوام جا مسئلا سندن گهرن جي ويجهو حل ٿي سگهن رستا، صاف پاڻي، نيڪال جو نظام، صفائي، صحت ۽ تعليم سميت بنيادي سهولتون عوام جو بنيادي حق آهن

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

موجود پوليس اهلڪارن فوري ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ۽ سندس قبضي مان پستول پڻ هٿ ڪري ورتو

Oil & Gas Development Company Limited
ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-LCB-CSR-332493048-2026	REPAIR AND REHABILITATION OF METALLIC ROAD FROM AHMED GEE STOP UPTO VILLAGE ATTA MUHAMMAD	17.09.2026 1130 Hrs
2.	OGDC-SCM-LBF-LCB-CSR-332522320-2026	CONSTRUCTION OF MOTHER AND CHILD HEALTH CARE CENTER AT TALUKA ADILPUR, DISTRICT GHOTKI, SINDH	17.09.2026 1200 Hrs
3.	OGDC-SCM-LBF-LCB-CSR-332541899-2026	CONSTRUCTION OF MAIN GHOTKI ROAD, SINDH	18.09.2026 1130 Hrs
4.	OGDC-SCM-LD-PT-PNP-DKN-332388512-2026	SUPPLY OF MECHANICAL SEALS	18.09.2026 1130 Hrs

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on 13.08.2026, it is notified that the bid submission/opening date of the following case(s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-329938360-2026	FILTER ELEMENTS	07.09.2026 1130 Hrs

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No.119/09

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT.) LTD.
(WHOLLY OWNED SUBSIDIARY OF STATE BANK OF PAKISTAN)

عزم استحکام

REQUEST FOR BIDS
PROCUREMENT OF GOODS

1. The **Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd (Procurement)** has reserved Funds for the procurement planned for **FY 2026-27**. The **Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd (Procurement)** intends to apply part of the proceeds of this Fund to cover eligible payments under the contract for the **"T-4214-FA(REQ-0826-1-00138) SUPPLY, INSTALLATION, COMMISSIONING & TESTING OF ADDRESSABLE FIRE DETECTION & ALARM SYSTEM (AFDAS)"** with the reference of **"P105178"**.
2. The **Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd (Procurement)** invites sealed Bids from eligible Bidders for procurement of goods described in the bidding documents on **EPADS v2.0**.
3. **Single Stage-One Envelope** will be used by adopting **Least Cost Based Selection (LCBS)** Technique for the subject procurement, in line with the Public Procurement Rules, 2004 and any Regulations, Regulatory Guides, Procurement Guidelines or Instructions issued by the Authority from time to time.
4. All Bids must be accompanied by a Bid Security amounting described in Bid Security Section in Bidding Document in the form of **Pay Order, Bank Guarantee** or all bids must be accompanied by bid securing declaration in the format specified in the Bidding documents.
5. E-Bidding documents, containing detailed terms & conditions, specifications and requirements etc. are available on **e-Pak Acquisition and Disposal System (EPADS)** at **https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/105178** for all the interested bidders registered on EPADS v2.0. Bidders are required to get themselves registered on **EPADS** v2.0 to participate in Bidding process.
6. The e-bids, prepared in accordance with the instructions in the e-Bidding Documents, must be submitted through **EPADS v2.0** on or before **Thursday, October 1, 2026 11:00 AM**. E-bids will be opened using **EPADS v2.0** on the same day at **Thursday, October 1, 2026 11:30 AM**. Manual submission of Bids shall not be entertained. Those vendors who have not yet registered on the new version of **EPADS v2.0**, may register themselves on https://vendors.epads.gov.pk/. A tutorial to explain the registration process is available at https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc

In terms of Rule 48 of Public Procurement Rules, 2004 Grievance Redressal Committee (GRC) is notified for the subject procurement and notification copy is available on the procuring agency's website and on Authority's website at (www.ppra.org.pk).

Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd (Procurement)
Deputy General Manager (Procurement)
Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd, Jinnah Avenue Malir Halt Karachi
Ph: +92-219-924-8511 | furqan.awan@pspc.gov.pk

PID K.702/26

گلاب لغاري ويجهو عورت جي تذليل جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي ڌرڻو

ڳوٺ ولي محمد لغاري واسين محبوب ملاح ،صالح ملاح ،سڪينا ملاح ۽ ٻين روڊ تي رڪاوٽون وجهي ڌرڻو هنيو

ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدار حملو ڪري سڪينہ جي تذليل ۽ محبوب ملاح کي زخمي ڪيو هو: مظاهرين

پوليس بااثرن خلاف ڪارروائي نٿي ڪري، جوابدار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، انصاف ڪيو وڃي

گلاب لغاري (ن ع) ڳوٺ ولي محمد لغاري جي رهواسين پاران ڪجهه ڏينهن اڳ مبينا طور زخمي ٿيندڙ محبوب ملاح ،صالح ملاح ،سڪينا ملاح ۽ ٻين عورتن جي اڳواڻي ۾ ٽنڊو غلام علي گلاب لغاري مين روڊ جي پوليس چوڪي وٽ ڌرڻو هڻي روڊ تي رڪاوٽون وجهي ٻن ڪلاڪن تائين روڊ بند ڪري ڇڏيو جن ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو تہ ڪجهه ڏينهن اڳ برادري جي چڱن چڱن ظهورملاح ،حسين ،اسماعيل عرف
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: ڳوٺاڻا روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور جي عدالت پاران ٻٽي قتل جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدار کي ٻہ ڀيرا ڦاهي ۽ ڏنڊ جي سزا

خيرپور(ڊ ر) فرسٽ ايڊيشنل ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ خيرپور جي جج لياقت علي کوسو ٻن مقتولن جي قتل واري ڪيس جو فيصلو ٻڌايو عدالت ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جوابدار عجيب ناريجو کي ٻہ ڀيرا ڦاهي جي سزا ۽ ٻئي جوابدار ڪيهر ناريجو کي ٻہ ڀيرا عمر قيد جي سزا ٻڌائي عدالت ٻنهي جوابدارن تي 25-25 لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مڙس پاران تيزاب پياري زخمي ٿيل ناري اسپتال ۾ پيل آهي

ڪوٽڙي: ٻن ڀائرن جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

ڪاروڪهو واري علائقي ۾ مهينو اڳ جهيڙي دوران عزيز ۽ شيراز ملاح قتل ٿيا هئا

وارثن عيدگاهہ روڊ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب پهتي، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ويجهو ڪاروڪهو واري علائقي ۾ مهينو اڳ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران ڪهاڙين ۽ گولين لڳڻ سبب قتل ٿيل ٻن نوجوان پائرن عزيز ۽ شيراز ملاح جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ خلاف مقتولن جي وارثن عيدگاهہ روڊ کان احتجاج ريلي ڪڍي پريس ڪلب ڪوٽڙي اڳيان ڌرڻو هڻي قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعرا بازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن لياقت ملاح , صديق ملاح ۽ ٻين چيو تہ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

پوليو خاتمي لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا پاڻ ۾ بهتر رابطي ۽ اثرائتي حڪمت عملي تحت ڪم ڪن: ڊي سي ٽنڊوالهيار

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري جي صدارت هيٺ سيپٽمبر 2026ع دوران ٿيندڙ پوليو مهم جي سلسلي ۾ ضلعي پوليو ايراڊيڪيشن ڪميٽي جو اهم اجلاس ڪانفرنس هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ميڊم صوبيہ عابد، اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ 6 سال پراڻي قتل ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي عمر قيد، 2 ڄڻا بري

ڇهہ سال اڳ قتل ٿيل ڏيچند ڀيل جي ڪيس ۾ لجپت ڀيل کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي

ڏوهاري مٿان 10 لک رپيا ڏنڊ بہ مقرر، دودو ۽ جهامن ڀيل کي عدالت بري ڪري ڇڏيو

عمرڪوٽ (ڊ ر)ڪوڪرا پار ۾ ڇهہ سال اڳ قتل ٿيل نوجوان جي ڪيس ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج I- عمرڪوٽ فيصلو ٻڌائيندي هڪ جوابدار کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي ۽ ٻن جوابدارن کي بري ڪري ڇڏيو آهي.ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج I- عمرڪوٽ ڪرم الدين جوڻيجو جي عدالت ڇهہ سال اڳ ڪوڪراپار ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيل نوجوان ڏيچند آسن ڀيل جي ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي هڪ جوابدار لجپت ولد عارب ڀيل کي عمر
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ چانڊيا ۽ شيخ برادري جي جهيڙي دوران مارجي ويلن جو ڪيس داخل نہ ٿيو

ايس ايس پي صدام حسين خاصخيلي اڪبر چانڊيو ڌر جي اوطاق ڪئمپ قائم ڪري ويهي رهيو

ڪچي ۾ آپريشن دوران پوليس پاران دانو چانڊيو، شيخ گلاب ۾ ڌوهارين جا مورچا مسمار ڪيا ويا

آپريشن دوران وڏي تعداد ۾ هٿيار هٿ ڪرڻ سان گڏ 10 کان وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي: ذريعا

دادو(رپورٽ:-ولي محمد لنڊ) دادو پرسان ڪچي جي ڳوٺ دانو چانڊيو ۽ گلاب شيخ ۾ گذريل ڏينهن چانڊيا برادري جي اڪبر چانڊيو ۽ خان محمد چانڊيو جي ڌرين ۾ خوني جهيڙي ۾ 8 ڄڻن جي مارجي وڃڻ واري واقعي جو ڪيس 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود داخل نہ سگهيو ايس ايس پي دادو صدام حسين خاصخيلي پاران اڪبر چانڊيو ڌر جي اوطاق پوليس ڪئمپ قائم ڪري ويهي رهيو ، علائقي ۾ ڪرفيون جهيڙي صورتحال اسڪول بند هر طرف ڏهڪاءُ

اوٻاوڙو: زخمي ٽينگر کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

باڊهہ ۾ سيد نصرالله شاهہ بخاري جو تنظيمي دورو، مقامي اڳواڻن سان ملاقاتون

شهر جي مختلف هنڌن تي ڪارڪنن سان ملاقاتون ۽ سوڳوار خاندانن سان فاتحہ خواني ڪئي

ميلاد جي محفل ۾ شرڪت، عشق رسول ۽ سنت تي عمل جي اهميت تي خطاب

باڊهہ (ن ع) درگاهہ عاليہ حسين آباد قمبر جي سجاده نشين سيد عطاءالله شاهہ بخاري جو فرزند سيد نصرالله شاهہ بخاري جماعت جي تنظيمي دوري تي باڊهہ پهتو شهر جي مختلف هنڌن تي هن جماعت جي مقامي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملاقاتون ڪري ڪانئن حال احوال معلوم ڪيا. جڏهن تہ جماعت جي سرگرم مقامي اڳواڻ فقير ارشاد علي ساريو سان سندس امڙ ۽ نور محمد ساريو جي لاڏاڻي تي پوٽيٽرن سان فاتحہ خواني ڪئي جڏهن تہ هاءِ اسڪول ٽيچر- حسين علي ڳوپانگ وٽ ايصال ثواب ۽ ميلاد جي مناسبت سان محفل ۾ پڻ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

دادو: چانڊيا برادري ۾ ٿيل جهيڙي کان پوءِ پوليس واقعي واري هنڌ تي موجود آهي

هالا ويجهو گهربل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ويل پوليس پارٽي تي ڳوٺاڻن جو پٿراءُ

پوليس جوابدار فيروز گل دايو جي گرفتاري لاءِ ڳوٺ پاٽوٽ ۾ ڇاپو هنيو تہ ڇڪتاڻ ٿي

پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري وڌيڪ 50 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن تي ڪيس داخل ڪيو

هالا (ن ع) هالا ويجهو گهربل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ويل پوليس پارٽي تي ڳوٺاڻن جو پٿراءُ جوابدار گرفتار هالا ويجهو ڳوٺ پاٽوٽ ۾ گهربل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ويل هالا پوليس پارٽي تي ڳوٺاڻن پاران حملو ۽ پٿراءُ ڪيو ويو جنهن دوران پوليس ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي پوليس موجب، هالا ٿاڻي تي داخل ڪيس نمبر 176/2026، قلم 298- PPC A ۾ گهربل جوابدار فيروز گل ولد گل زمان دايو کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ايس ايڇ او هالا اياز احمد ٻگهيو جي اڳواڻي ۾ پوليس پارٽي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور بار پاران انجنيئر فيصل گلزار پنهور جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

وڪيلن اعجاز علي چانڊيو، الطاف مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

فيصل گلزار پنهور قتل جي جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

خيرپور(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي وڪيلن انجنيئر فيصل گلزار پنهور جي قتل واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري ۾ شريڪ وڪيلن بار ايسوسيئيشن جي آفيس سامهون احتجاج ڪندي مقتول جي قتل خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪاهي پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ڪيرو (ن ع) ڪاهي پوليس گذريل رات ڪارروائي ڪندي چانيسري موري وٽ ڪاهي پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو ٽنڊو آدم واسي اميد علي ولد ميرمحمد چانگ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس موجب گشت دوران جوابدارن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ روع ڪري ڏني، جنهن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

احتجاج
مطالبو
سنڌ جي پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر فوري جاري ڪيو وڃي
پ ٽ الف ضلعو حيدرآباد
حيدرآباد: پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهرو فيروز پرسان ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت ٻيو مرڻينگ

ڳوٺ ڪاڇهر وارا ٻوهيو وٽ پيش آيل حادثي ۾ پيمرا ملازم آفتاب چانڊيو ٽڏي تي دم ڏنو

حادثي جي زخمي ماجد سيال ۽ لاش کي پوليس ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

نوشهرو فيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه)نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ ڪاڇهر وارا ٻوهيو وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون زوردار ٽڪر هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي نوشهرو فيروز پرسان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر پيمرا ملازم آفتاب چانڊيوموقعي تي فوت جڏهن تہ ماجد سيال سخت زخمي ٿي پيو زخمي ۽ فوتي کي وارثن سول اسپتال نوشهرو فيروز پهچايو . زخمي کي فرسٽ
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن جو احتجاج

اميدوارن فرحان علي نوناري، عطاءُ الرحمان شيخ، عبدالباسط پٺاڻ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جيڪڏهن ميرٽ تي آفر آرڊر جاري نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ضلعي ۾ جي اي ايس ٽي ۽ بي ايس ٽي جي پوسٽن لاءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نہ ٿيڻ خلاف ضلعي تعليم آفيسر سيڪنڊري ۽
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سکر جنگلات کاتي پاران ڪچي جي علائقن ۾ شجرڪاري مهم شروع ڪئي وئي

ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ٽيم سان گڏ مختلف هنڌن تي شجرڪاري انتظامن جو جائزو ورتو

پاڻي جي کوٽ سبب ڪچي ۾ ربي جنريشن اپريشن تحت شجرڪاري جو سلسلو شروع ڪيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ سبب جنگلات کاتي سکر ڊويزن پاران ربي جنريشن آپريشن تحت سکر جي ڪچي جي علائقن ۾ هزارين ايڪڙ زمين تي شجرڪاري مهم شروع ڪئي وئي آهي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ ڏتار پوکي لاءِ ڏڳين جو جوڙو ڪاهي پيو وڃي

حيدرآباد: هالي روڊ تي مسلسل گٽر جو پاڻي روڊ تي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

خانپورمهر ويجهو گذريل ڏينهن قتل ٿيل اسد ملڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو ڌرڻو

وارثن ۽ ملڪ برادري جي ماڻهن قاضي واهہ پل وٽ مقتول نوجوان جو لاش رکي ڌرڻو هنيو

جوابدار نظير، ڪيهر، عنايت ملڪ ۽ ٻين اسد ملڪ کي لڏيون هٽي بيدردي سان قتل ڪيو آهي: مظاهرين

واقعي جي شفاف جاچ ڪري نامزد جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ: سري چند ڪيورا) خانپورمهر ويجهو گذريل ڏينهن قتل ٿيل نوجوان اسد ملڪ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن ۽ ملڪ برادري جي ماڻهن گهوٽڪي-خانپورمهر روڊ تي قاضي واهہ پل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: شهر ۾ پاڻي جي کوٽ سبب هڪ عورت ريڙهي تي پاڻي پري اچي رهي آهي

پٿورو پرسان واٽر ڪورس ۾ ٻڏي 9 ورهين جو ٽينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ستون ميل وٽ ٽينگر پريم ڪولهي پاڻي ۾ ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو

لاش تعلقي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، علائقي ۾ ڏک جي لهر

پٿورو (ن ع) پٿورو پرسان واٽر ڪورس ۾ ٻڏي 9 سالا ٽينگر فوت پٿورو: پٿورو پرسان ستون ميل وٽ واٽر ڪورس ۾ ٻڏي 9 سالا ٽينگر پريم پٽ رامچند ڪولهي فوت ٿي ويو. واقعي کان پوءِ وارثن ٽينگر جو لاش تعلقا اسپتال پٿورو منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو .وارثن موجب فوت ٿيل ٽينگر پريم جو ذهني توازن درست نہ هو جنهن دوران هو واٽر ڪورس ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي فوت ٿي ويو ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن تہ وارثن ۽ علائقي واسين پاران واقعي تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو

ميرپوربٺورو ۾ عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران احتجاجي ريلي

ڪارڪنن سهڻي پائيتان، نجمہ عثمان ٿهيم، شبانا ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ريلي دوران ڪارڪنن پاران سنڌ مخالف منصوبن خلاف هينڊ بل پڻ تقسيم ڪيا ويا

ميرپور بٺورو(ن ع) سنڌ جي ورهاڱي جي سازش 28هين آئيني ترميم ڪارپوريٽ فارمنگ، سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضن جلاليور ڪئنال سميت سمورن نون ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ ضلعي سجاول پاران جاري عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ ميرپور
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران ٻن ڌوهارين سميت چار جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي

جوابدار صدورو بگٽي، عابد چانڊيو، شوڪت شيخ ۽ پريا خان بروهي کي گرفتار ڪيو آهي

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان غير قانوني هٿيار ۽ منشيات برآمد ڪئي آهي

خيرپور(ڊ ر) خيرپورپوليس مختلف هنڌن تي ڪاروائيون ڪري ٻن ڌوهارين ۽ ٻن منشيات سپلائير جوابدارن کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان غير قانوني هٿيار ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي اهڙي ڳالهہ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پنهنجي جاري
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: منگهو پير ٽائون چيئرمين مسيحي برادري لاءِ زيارت مقدس مريم جا ڪٿا ڪيئي رهيو آهي

خانپورمهر مان اغوا ٿيل ٽينگر کي هاءِ ڪورٽ پاران بازياب ڪرائڻ جو حڪم

13 ورهين جي نذيران ملڪ جي وارثن سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ درخواست داخل ڪرائي

ٽينگري نذيران کي بازياب ڪرائي 9 سيپٽمبر تي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي: عدالت

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر جي 13 ورهين جي ٽينگري نذيران ملڪ جي مبينا اغوا ۽ زبردستي نڪاح ڪرائڻ جي ڪوشش خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي درخواستگذار مسمات سڪينہ زال ممتاز علي پنهنجي وڪيل نورمحمد سيال معرفت عدالت ۾
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو ۾ معصوم ٽينگر سان مبينا جوابدار جي زيادتي، بيهوشي حالت ۾ اسپتال منتقل

جوابدار وقار لوهار منهنجي 6 ورهين جي پٽ حسنين ڪوري کي گهر وٺي وڃي زيادتي ڪئي آهي: زينب ڪوري

ٽينگر کي بيهوشي حالت ۾ اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن ابتدائي رپورٽ ۾ زيادتي جي تصديق پڻ ڪئي

ڊي ايس پي عبدالقادر سومرو اسپتال پهچي ٽينگر جي عيادت ڪري جوابدار جي گرفتاري جو يقين ڏياريو

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) اوٻاوڙو ۾ 6 سالن جي معصوم ٽينگر حسنين ڪوري سان مبينا زيادتي ٽينگر بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال داخل , جتي وارث امڙ زينب ڪوري ٻڌايو تہ منهنجي وقار لوهار وارن سان دوستي هئي ۽ فيملي تعلوقات هيا جيڪي منهنجي ٽينگر کي گهر وٺي ويا هتا جتي وقار لوهار پاران منهنجي ٽينگر سان زيادتي ڪئي آهي , ڊاڪٽرن جي ابتدائي رپوٽ مطابق تہ ٽينگرسان زيادتي
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: زرعي يونيورسٽي جا شاگرد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ماتلي تعلقي اسپتال انتظاميا جي مبينا غفلت خلاف فوتي ڳوٺاڻي جي وارثن جو مظاهرو

نانگ ڏنگيل ڳوٺاڻي هاشم هاليپوٽو جي موت جو ذميوار اسپتال انتظاميا ۽ ايم ايس قرار

ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ فوتي جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

ماتلي (ن ع) ماتلي ۾ اٽڪل 24 ڏينهن اڳ ڳوٺاڻي هاشم هاليپوٽو جي نانگ ڪکڻ سبب فوتگي واري معاملي ۾ تعلقي اسپتال جي انتظاميا جي مبينا غفلت خلاف فوتي جي وارثن برادري جي ماڻهن سميت وڏي انگ ۾ مختلف ڳوٺن جي ڳوٺاڻن ۽ شهرين پاران ماتلي ۾ ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . ريلي ٺلڪارا چوڪ کان ڪڍي وئي جنهن ۾ شامل مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن تي تعلقي اسپتال جي انتظاميا ۽ ايم ايس خلاف نعرا لکيل هئا مظاهرين پاران سخت نعريبازي ڪئي وئي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي کي خطاب ڪندي مظاهرين مسافر هاليپوٽو، عظيم درس ، غلام رسول مزاري ، يونس رستماڻي , ريڊنو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ مخالف منصوبن خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن نجيب الرحمان مهيسر، لطيف پٺاڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

ريلي دوران ڪارڪنن هينڊ بل ورهائي سنڌ کي درپيش خطرن بابت عوام کي آگاهہ ڪيو

مورو (ن ع) نون صوبن جي سازش، سنڌ جي زمينن ۽ قدرتي وسيلن تي قبضي، ڪارپوريٽ فارمنگ، جلاليور سميت نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي منصوبن خلاف عوامي تحريڪ طرفان مورو ۾ نادرا آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. عوامي سجاڳي مهم دوران شهر جي مختلف علائقن ۾ هينڊ بل ورهائي سنڌ کي درپيش خطرن بابت عوام کي آگاهہ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

مورو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي جي سخت کوٽ، هزارين رهواسي ٽينڪر خريد ڪرڻ تي مجبور

خانزاده، پٺاڻي ۽ سچل سرمست ڪالونين سميت ڪيترن علائقن ۾ هڪ هفتي کان پاڻي بند

واٽر سپلائي جا نلڪا سڪي ويا، رهواسي مهانگي اگهہ تي ٽينڪر ذريعي پاڻي خريد ڪرڻ لڳا

رهواسين پاران انتظاميا کان فوري پاڻي بحال ڪرڻ جو مطالبو، ٻي صورت ۾ احتجاج جو چتاءُ

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ جي مختلف علائقن جا ماڻهو پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا .ٽينڪر معافيا جا ٺٺ . ڪوٽڙي سائيٽ جي مختلف علائقن ۾ پاڻي جي پهچ هڪ هفتي کان معطل خانزاده ڪالوني، پٺاڻي ڪالوني، ميمڻ محلا سچل سرمست ڪالوني سميت سائيٽ جا ڪيترائي علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري ويو رهواسي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ محتاج ڳرڻ اگهن تي پاڻي جو ٽئنڪر خريد ڪرڻ تي مجبور بڻي پاسي تلائن ۾ پاڻي نہ اچڻ سبب تلاءِ سڪي ڪوت ٿي ويا تلائن اندر
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ جماعت اسلامي پاران مهانگائي ۽ ٻين مطالبن لاءِ خلاف ڪيمپ قائم

ڪارڪنن امير سيد عريف الله، عبدالغفور انصاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڪيمپ تي وڪيلن صحافين ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جي اپيل تي ملڪ جي ٻين شهرن جيان ٽنڊوآدم ۾ به مهانگائي پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن، پيٽروليم ليوي، مهانگي بجلي ۽ گئس سميت مختلف ٽيڪسن خلاف جماعت اسلامي پاران محمدي چوڪ تي احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي احتجاجي ڪيمپ کي جماعت اسلامي ضلع سانگهڙ جي امير رفيق منصوري، نائب امير سيد ارشاد ظفر بخاري، جماعت اسلامي ٽنڊوآدم جي امير سيد عريف الله
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڀ کان پهرين "نظام بدلو" جو نعرو طاهرالقادري بلند ڪيو هو: نديم احمد نقشبندي

نون صوبن سان عوام جا بنيادي مسئلا حل نہ ٿيندا، بااختيار بلدياتي ادارا قائم ڪيا وڃن

سنڌ جي ورهاست ڪنهن بہ صورت قبول نہ ڪنداسين، سنڌ تاريخي ۽ ثقافتي وحدت آهي

ڏگهڙي (ن ع) پاڪستان عوامي تحريڪ سنڌ جي صوبائي صدر نديم احمد نقشبندي چيو آهي تہ پاڪستان عوامي تحريڪ جي قائد ڊاڪٽر محمد طاهرالقادري ملڪ ۾ فرسوده ۽ ڪرپٽ نظام جي تبديلي لاءِ سڀ کان پهرين "نظام بدلو" جو نعرو بلند ڪيو هو پر اڄ ملڪ کي درپيش سياسي، معاشي ۽ سماجي مسئلا ان ڳالهہ جو تقاضو ڪن ٿا تہ نظام ۾ بنيادي ۽ حقيقي سڌارا آندا وڃن .هن ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي جي هڪ وفد سان
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سبزي منڊي ۾ گٽر جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

گولاڙچي لڳ پيار جي پڙي تان شروع ٿيل تڪرار جو نبيرو هڪ ڌر تي ڏيڍ ڪروڙ ڏنڊ مقرر

صوبائي وزير اسماعيل راهو جي سرپنچيءَ هيٺ ماڇي ۽ ڪمبوهہ برادري جي تڪرا جو نبيرو ٿيو

شادي ڪندڙ ڇوڪري کي واپس نہ ڪرڻ ۽ ماڇي ڌر پاران پڙ خالي ڪرڻ بابت ڳالهيون طئي ڪيون ويون

ٻنهي ڌرين فيصلو قبول ڪندي معاملو ختم ڪرڻ ۽ امن ۽ پائيچاري سان رهڻ تي اتفاق ڪيو ويو

گولاڙچي (ن ع) گولاڙچي لڳ چڪ نمبر 5 ۾ ماڇي ۽ ڪمبوهہ برادري وچ ۾ پيار جي پڙي تان پيدا ٿيل تڪرار جو نبيرو گذريل رات راهوڪي ۾ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ محمد اسلم راهو جي سرپنچي هيٺ ٿي گذريو .نبيري دوران ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کانپوءِ معاملي بابت فيصلو ڪيو ويو جنهن تحت ڪمبوهہ ڌر تي ڏيڍ ڪروڙ رپين جو
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پٿورو: فوت ٿيل ٽينگر جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

خانپورمهر واسي 2 نوجوان بلوچستان مان اغوا، وارثن جو بازيابي لاءِ احتجاج

ڳوٺ لوهي واسي شهميران پٽي، نور بانو، غلام حسين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

برڪت ۽ عبدالغني پٽي روزگار لاءِ بلوچستان ويا تہ ڪين اغوا ڪيو ويو آهي: مظاهرين

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ لوهي جا رهواسي ٻہ نوجوان برڪت پٽي ۽ عبدالغني پٽي روزگار لاءِ بلوچستان ويل هئا، جيڪي ڊالبندين واري علائقي مان مبينا طور اغوا ٿي ويا آهن وارثن ٻنهي نوجوانن جي اغوا جي تصديق ڪندي سنڌن بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو مغوي نوجوانن جي وارثن شهميران پٽي، نور بانو، غلام حسين، جي ايم پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پاڪ ڪتاب کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نوجوانن جي جلد بازيابي جو مطالبو ڪيو.احتجاج ڪندڙ وارثن جو چوڻ هو تہ گهر ۾ غربت سبب نوجوان برڪت پٽي ۽ سندن پاڙيسري عبدالغني پٽي مزدوري ڪرڻ لاءِ بلوچستان ويا هئا. ٻنهي نوجوانن جي ڪوئيٽا کان روانگي بعد ڊالبندين ۽ بدڪ چوڪ وچ ۾ 76 واري علائقي مان
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: معاشر ڳوٺاڻا پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوآدم لڳ هٿياربند حيدرآباد جي صحافي کان موٽرسائيڪل، روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد قيصر گهوٽ لڳ عارب باٺوڻدري وٽ 3 نامعلوم هٿياربندن موٽر سائيڪل تي پنهنجي ڳوٺ ويندڙ حيدرآباد جي صحافي لالا مرزا خان کي يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل ليپ ٽاپ . روڪ رقم ۽ ضروري ڪاغذ ڦري فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي بي سيڪشن پوليس پهچي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

جيڪڏهن صوبن کي ورهائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وئي تہ اها غلط هوندي: مولانا فضل الرحمان

صوبن جي وسيلن، ذخيرن ۽ محصولن تي صوبن جو آئيني حق آهي، پر ان حق کي تسليم نہ ڪيو پيو وڃي

جي يو آءِ کي اسٽيبلشمينٽ ذريعي ڪجهه حاصل ٿيڻ قبول ناهي، اسان کي انصاف گهرجي

اسان ڪنهن جي ماتحت ناهيون، نہ ئي ڪنهن جي ترهين ڪندا آهيون، پر بهادري ۽ اصولن سان پنهنجي ڳالهہ رکون ٿا

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماء اسلام جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان چيو آهي تہ جيڪا حڪومت ظلم ڪندي، ان کان انصاف جي ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. رياست عوام کي شعور ڏيندي آهي پر اسان جي حڪومت عوام کان شعور کسي رهي آهي ملڪ ۾ امن امان ۽ معاشي صورتحال خراب آهي روز روز غلط پاليسين جي نتيجي ۾ تباهي مچي رهي آهي جڏهن تہ ڀارت دنيا جي چوٿين وڏي معيشت بڻجي ويو آهي اسان کي سوچڻو پوندو تہ اسان جو ملڪ ڪٿي بيٺو آهي هو
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ نوجوان پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

شيخ فريد چوڪ ويجهو نوجوان علي حيدر ميمڻ انتهائي قدم کنيو



ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي شهر ۾ شيخ فريد چوڪ ويجهو مرحوم عبدالمجيد عرف سيٺ آلو منائي واري جو نوجوان
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ميهڙ تعلقي اسپتال ۾ سهولتون نہ ملڻ خلاف رهواسين جو احتجاج، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ: تعلقا اسپتال ميهڙ ۾
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو پوليس جي پگهارن مان لکين رپيا ڪٽوتي ٿيڻ جو انڪشاف، 5 ڪلارڪ معطل

ضلعي اندر نون ڀرتي ٿيل سوين اهلڪارن جي چيڪن مان 30 کان 40 هزار رپيا وٺڻ جون شڪايتون

ايس ايس پي ڄامشورو معاملي جو نوٽيس وٺندي اڪائونٽ برانچ جا پنج ڪلارڪن کي معطل ڪري ڇڏيو

اڪائونٽ برانچ جي رڪارڊ ۾ وڏي پيماني تي هيراڦيري ۽ ردوبدل جا بہ اطلاع، معاملي جي جاچ شروع

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڄامشورو پوليس ۾ نون ڀرتي ٿيل پوليس اهلڪارن جي پگهارن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ بابت لکين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي ان سلسلي ۾ خبر موجب ضلعي جي سوين نون ڀرتي ٿيل پوليس اهلڪارن جي پگهارن جي چيڪن تي ايس ايس پي آفيس جي اڪائونٽ برانچ جي اسٽاف پاران ڦي چيڪ تي 30 کان 40 هزار روپيا وٺڻ جون شڪايتون ملڻ بعد ايس ايس پي ڄام شورو پاران فوري نوٽيس وٺندي جانچ جو حڪم ڏنو آهي ۽ فوري طور اڪائونٽ برانچ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پاڪولا فيڪٽري جا ملازم برطرفي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين جي وارڊ 7 جي رهواسين جو مهيني کان پيئڻ جو پاڻي نہ ملڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

بدين (ڊ ر) جي وارڊ نمبر 7 سيراڻي روڊ جي رهواسين گذريل هڪ مهيني کان واٽر سپلائي بند هجڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي نہ ملڻ خلاف بدين پريس ڪلب آڏو سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين ميونسپل انتظاميا ۽ لاڳاپيل عملدارن خلاف شديد نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ۽ رهواسين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ زرعي يونيورسٽي جي ڪيمپس 6 مهينن کان بند، شاگردن جو احتجاج

ڪيمپس بحالي تحريڪ پاران پريس ڪلب آڏو قائم احتجاجي ڪيمپ جاري رهي

1500 کان وڌيڪ شاگردن جو مستقبل داءِ تي لڳل آهي، ڪيمپس کي فوري کوليو وڃي: اڳواڻ

عمرڪوٽ (ڊ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪيمپس عمرڪوٽ جي ڊگهي عرصي کان بندش ۽ ڪلاسن جي بحالي نہ ٿيڻ خلاف سنڌ زرعي يونيورسٽي ڪيمپس بحالي تحريڪ پاران پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو قائم احتجاجي ڪيمپ ڇوٿين ڏينهن بہ جاري رهي، احتجاجي ڪيمپ ۾ اڳواڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر لال مالهي، حاجي سائند، ڊاڪٽر دوست محمد، صالح آريسر پ ٽ الف اڳواڻ گوتم بجير انساني حقن جي اڳواڻ قيمت سنڌي، فنڪشنل
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ سنڌ وحدت مارچ کان واپس ايندڙ ايس يو پي قافلي تي حملو، ڪيترائي زخمي

سيشن ڪورٽ پرسان نامعلوم ماڻهن پاران بس تي مبينا حملي ۾ تعلقي صدر خالد لاشاري ۽ ٻيا ڪارڪن زخمي ٿيا

زخمين کي فوري طور ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو، واقعي جو ٽيليگراف ٿاڻي تي ڪيس داخل

ايس يو پي پاران واقعي ۾ ملوث ماڻهن جي گرفتاري نہ ٿيڻ تي انڊس هاءِ وي بند ڪرڻ جو چتاءُ

ڪوٽڙي/ سائيٽ (نمائندن وٽان) ڪراچي وحدت سنڌ مارچ کان واپسيءَ تي ايس يو پي قافلي جي بس تي حملو تعلقي صدر سميت ڪيترائي زخمي ٿي پيا مليل رپورٽن موجب ڪراچي کان واپسي دوران
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي عدالت پاران انتظاميا کي حددخلين هٽائڻ ۽ ون وي تي عمل ڪرائڻ جو حڪم

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سول جج ۽ جوڊيشنل مئجسٽريٽ وقاص احمد قريشي جي عدالت پاران شهر جي ٽريفڪ کي رواني ۾ آڻڻ لاءِ ٽنڊوآدم بار جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ شيخ جاويد علي، ايڊووڪيٽ راشد علي خان ، رمضان مري، غلام شبير هنگورو، محراب مري ، ذوالفقار ڪاتيار ۽ شيراز علي لاڪو جي شهر جي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

سکر: شهري اتحاد پاران سول اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا لاڳاپيل عملدار پنهنجو ڀرپور ڪردار ڪن: ڊي سي گهوٽڪي

گهوٽڪي(ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد جي صدارت هيٺ پوليو مهم ۽ مليريا جي روڪٿام بابت سنڌس آفيس ۾ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر راڻو آفتاب، ڊي ايم ايس پي ايڇ آئي محمد عارف
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ ڊاڪٽر پرويز شيخ نئين ميرواهہ تعلقي اسپتال جو دورو ڪري سهولتن جو جائزو ورتو

خيرپور(ڊ ر)ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ ڊاڪٽر پرويز شيخ تعلقا اسپتال نئين ميرواهہ جو اوچتو دورو ڪيو دوري دوران ڊائريڪٽر جنرل
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور عدالت آڏو جوابدار پاران فائر جي ڪوشش، پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي سيشن ڪورٽ جي مين گيٽ جي سامهون خاصخيلي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان هڪ ڌر جي ماڻهن ٻي ڌر جي ماڻهن مٿان مبينا طور پستول ڪڍي مٿن حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پستول مان گولي فائر نہ ٿي سگهي ۽ عدالت جي مين گيٽ تي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽيجهو/قرآن خواني / خيرات جي ماني



اسان جي والدِ محترم **مرحوم حاجي سومار ليل** جي روح کي ايصالِ ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني، دعا ۽ خيرات جي ماني جو اهتمام ڪيو ويو آهي.اڄ **1م سيپٽمبر 2026ع**، اڱارو ڏينهن، صبح جو 10:00 وڳي **ڳوٺ حاجي غلام حسين ليل، نزد پنگريو، ضلع بدين** ۾ منعقد ڪئي وئي آهي.سيني دوستن، عزيزن، احبابن ۽ مٽن مائٽن کي شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي. اوهان جي شرڪت مرحوم لاءِ ايصالِ ثواب ۽ سوڳوار خاندان لاءِ باعثِ تسلي هوندي.

سوڳوار: ڊاڪٽر امان الله ليل (پٽ) ڊاڪٽر غلام الله ليل (پٽ) احسان الله ليل (پٽ) ڊاڪٽر نجيب الله ليل (پٽ) رشيد الله ليل (پٽ) سائين اسد الله ليل (پٽ) سائين سيف الله ليل (پٽ)

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.